# پکي اڏاڻا پنهنجي ديس

الطاف شيخ



Birds Migration ..by ..ALTAF SHAIKH

روشني

kaptan abro

# پکي اڏاڻا پنهنجي ديس

## الطاف شيخ

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2011ع

**Roshni Book No.000**

ڪتاب جو نالو: پکين جي ديس ۾
ليکڪ: الطاف شيخ
ڇاپو پهريون: © روشني 2011ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

**PAKHIYAN JY DES MAIN**
by: **Altaf Shaikh**
Composed by: Habib Qadir Qureshi
Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad
Printed: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2011

## اسٽاڪسٽ

شاهہ لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد.، پٽائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر حيدرآباد.
ڪانياواڙ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي.، حسين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ، سجاول.
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعہ سينٽر، لاڙڪاڻو.
مدني بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو + نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهہ.، رانوڙ ڪتاب گهر، سڪرنڊ + ڪنول ڪتاب گهر، مورو
سڪندري بوڪ ڊيپو ڪپرو + حافظ ڪتب خانو ڪپرو+ المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ
العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٿر ڪتاب گهر عمرڪوٽ+ مهراڻ بڪ ڊيپو ڪپرو
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو
مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين، ٿر ڪتاب گهر، مٺي
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر + الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز، سکر
گل ڪتاب گهر، لک در، شڪارپور، تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
تهذيب نيوز ايجنسي، پنج گلو چوڪ، خيرپورميرس + لغاري بڪ ڊيپو ٺري ميرواهہ
مڪتبہ عزيزيہ کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا قاسميہ لائبرير، اسپتال روڊ ڪنڊيارو.

# سٺاءُ

هور وهيو ڙي هو... ـ اسحاق مگريو 5
پکين جهڙيون مسافتون ۽ منزلوڻ ڪندڙ
ليکڪ الطاف شيخ ـ نواز ڪنير
الطاف شيخ، فطرت پسندي ۽ پر ڏيهي پکيامر لغاري

- اهي اونهاري جون ڳالهيون هيون يارو...!
- بي چَئي جهرڪ جي ڪهاڻي....
- ڪنگ جي خدمت ڪندو رهيس
- ڪاغذي ڪونجن جي ڪرامت
- ولر ڪيو وتن....
- اسان ڪان اسان جا پکي رُسندا وڃن
- نَر تلور وجي بي مادي تاڙيندو
- امن جا سفير، محبتن جي علامت
- اخبارن جو پکين جي بچاءَ لاءِ لکڻ
- اج پکي وري نڏڻڪا ٿي ويا آهن
- ڪانگ لنوي مِٺي لات
- ڪيڏو لُڙ مچايو اٿئي، او ٽنيهر ٽرڙا
- ڊگهي لڏپلاڻ ڪندڙ پکي
- پکين ۾ Navigation جي قوت
- پکي لڏ پلاڻ ڇو ٿا ڪن
- پکی سنا ناڪئا آهن

- پکي بہ اهو کن ٿا جيڪو پائلٽ ڪري ٿو
- قدرت جو ئي ڪمال آهي
- تون ڪٿي آهين منهنجي
- ساٿ تنهنجو بہ پکيءَ جهڙو نہ هو
- ڪنهن سان تہ اٿس ملڻو
- پکي ۽ اسان جا شاعر

## هور وهيو ڙي هو...

الطاف شيخ هڪ وڏو سيلا ني رهيو آهي. جنهن ڌرتي جي گولي تي وسندڙ ملڪن کي دنيا جا سمنڊ جهاڳي ڏنو آهي، جتي هن نہ رڳو دنيا جي ملڪن ۽ اتي جي وسندڙ پانت پانت جي ماڻهن کي روبرو وجي ڏٺو آهي، بلڪ هڪ لکاري هئڻ جي ناتي ، انهيءَ قسم جو هو پنهنجي نوعيت جو اهم مشاهدو رکندڙ پڻ آهي ۽ انهيءَ حساس قسم جي مشاهدي جو نتيجو ئي آهي، جو هن پنهنجي پکين جي مضمونن واري سيريز ۾ گهڻو حصو پرڏيهي پکين جي متعلق لکيو آهي. هن جي مشاهدي واري تکي اک برف وسندڙ ملڪن ۾ پکين جي چر پر ۽ برف وسڻ واريءَ مند ۾ پنن کان خالي ٽيل وڻن ۾ رهجي ويل پکين جا آکيرا پڻ ڏسي وٺي ٿي. هن جي سيلاني طبيعت هئڻ ڪري ، هن سيلاني پکين جي انهيءَ سفر کي خاص اهميت ڏني آهي، جيڪو هر ا هڙيءَ نوعيت وارو پکي پنهنجي جين ذريعي اهو سفر ايندڙ نسل ۾ منتقل ڪندو رهي ٿو.

الطاف شيخ عام دلچسپي ءَ جي ڳالهين کانسواءِ هن ڪتاب ۾ پکين بابت انتهائي سائنٽيفڪ قسم جي معلومات مهيا ڪئي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ پکين بابت ترجما ۽ اصلوڪو مواد اڳ ۾ بہ موجود

آهي، پر الطاف شيخ جو هي ڪتاب پنهنجي نوعيت جو انوکو ڪتاب آهي، جنهن ۾ پکين، خصوصن پرڏيهہ جو سفر ڪندڙ پکين بابت خاص قسم جو مواد موجود آهي، جيڪو ان کان اڳ سنڌي ۾ نہ ڏنو ويو آهي. جن ڏينهن ۾ الطاف شيخ جا پکين بابت لکيل مضمونن جي عبرت ۾ سيريز پئي هلي، سنڌ ۾ اهي موسمي طور چٽ وارا ڏينهن هئا. ٻاجهريءَ جي پوکن ۾ ڪجهہ سنگ ٻور ۾ هئا تہ ڪجهہ سنگن جو اَنُ پچي ويو هو. انهن ڏينهن ۾ ٻاجهريءَ تي جهار اوڙرون ڪري وري هئي. جبلن مان آيل ٻوڙيءَ ۾ وهيو تہ ڪٽڪ ڪري اچي لٿو هو. هارين پنهنجين پنهنجين پوکن ۾ پيها کوڙي ورتا هئا ۽ هاريءَ جو پورو گهر، جن ۾ هن جي زال ۽ ٻار جهار هلڪڻ ۾ پورا هئا. پوک جي چئني ڪندن تي جنبو ٻڌل هئن ، پراڻي واڻ جي نوڙين سان انهن جنبن جو ڪنٽرول روم بہ پيهي تي لڳل هو.

هر فصل جو پنهنجو ثقافتي رنگ هجي ٿو ، ٻاجهريءَ جي ماني ۽ رٻ جهڙيءَ طرح سياري ۾ سنڌ جا ماڻهو پسند ڪن ٿا ، اهڙيءَ طرح وري ٻاجهريءَ جي سنگ ڳيجڻ کان وٺي لاباري تائين پکي بہ ان لاءِ ايترو ئي بي تاب رهي ٿو. وهيو ۽ ٻوڙي تہ ٻاجهري ءَ پچڻ جي نشاني آهي.

فصل پچڻ ڪري پيهن تان ئي لوڪ گيت جو آواز ٻري ٿو. “هور وهيو ڙي هور تہ منهنجن پائرن جو... ” اُنهن ئي ڏينهن ۾ ٻاجهريءَ جي فصل ۾ پکين ۽ هاريءَ جي وچ ۾ لڪ لڪوٽيءَ ڏسڻ وٽان هجي ٿي ، خاص ڪري انهيءَ مند ۾ مهمان ٿي آيل وهيو ڪيڏو نہ خوبصورت رنگن وارو پکي هجي ٿو. پلي شاعر ان کي ڳائيندا هجن ، پر جهار جي مند ۾ وهئي ۽ ٻوڙيءَ تي جيڪا کاوڙ هاريءَ جي هجي ٿي، اها بہ ڏسڻ وٽان ه وندي آه ي. انهيءَ مند ۾ مهمان ٿي آيل جهرڪي جيڏي هلڪي پيلي رنگ واري پکيءَ تي ٻوڙي نالو بہ ان ڪري رکيو ويو آهي ، جو پلي کٽي بندوق جو نڪاءُ ٿئي، پر ٻوڙي ڪنهن بہ نڪاوَ تي اٿڻي ئي نہ آهي. ان ڪري سڄو ڏينهن هاري ۽ ان جو سڄو ڪٽنب هلا ٻوڙي.. هُ رِ ٻوڙيءَ جون هڪلون ڪندي ، چئني ڏسن تي ڪانياٺي سان ڳوڙها پيو اڇليندو. ٻوڙي اهڙي جو هڪڙي سنگ تان اٿي وڃي ٻئي تي ويهندي.

ٻيپهري مهل جڏهن چٽن جي ڪاڙهي ۾ اچا وڏيڪ تک ايندو ته انهيءَ مهل پيهي جي مٿان چانوَ لاءِ اڏيل اجهي ۾ هاري ڪانياٽي اچلي ساٽو ٿي ڪري پوندو. گهڻا هاري انهيءَ مهل بيهوش به ٿي پوندا آهن. اهڙي ريت سج لهڻ تائين هاري ۽ پکين جي وچ ۾ جنگ جاري رهي ٿي.

جيتوڻيڪ هاريءَ جي اها پنهنجي روزگار جي جنگ آهي ، پر انهيءَ جنگ ۾ هاريءَ وٽ هٿيار فقط ڪانياٽي، مٽيءَ جا ڳوڙها، ٺڙ ٺڙ ڪرڻ وارو جنبو- ڇانگيل وڻن تي ٻڌل اڇيون اڳڙيون، انهيءَ ماحول دوست هٿيارن جي مدد سان هاري پنهنجو فصل بچائي ٿو. جيتوڻيڪ اردوءَ ۾ اهو به پهاڪو آهي ته ، "چڙي ڪيا ڪائيگي" پر انهن ڏينهن ۾ هاري روزاني ايڏي رڻ جي جنگ وڙهي ، پکين کان پنهنجو فصل بچائي ٿو. هن وٽ ٻيا به زرعي ڪم گهڻا ئي هجن ٿا ، پر چوندو پيٽ واري جي آسري ۾ ڪڇ تي ڪنيل ڪونه ڇڏجي، پڪل فصل اکين اڳيان ڪيئن ڇڏيون. پوءِ پورو مهينو اها جنگ جاري رکيو اچي. ان کان پوءِ سنڌ جي مند ۾ ٿوري تبديلي اچڻ لڳندي آهي. سر ڦاٽي پيو، چٽ ختم ٿي ويا، ڏياري اچي وئي، راتيون ٺرڻ لڳيون، ڪٽڪن جي پوکي شروع ٿي وئي.

سنڌ جي زراعت ۾ هاڻ گهٽن هنڌن تي ڪ رڪ ريج ڪري ڪيڙڻ جي بدران ريج ۾ ئي ٻج ڇٽي ڪورڙ ڪرڻ جو رواج پئجي ويو آهي ، سو الطاف شيخ جا پکين وارا مضمون اچا هليا پئي ته ڪورڙ واري ڪٽڪ جي ڇٽيل ٻج تي پکين ۽ هاريءَ جي وچ ۾ ٻيهر جنگ شروع ٿي وئي. ٻوڙي ۽ وهئي جون مهمانيون اچا ختم نه ٿيون هيون. ٻاجهرين ۾ لابارن کان پوءِ وونئڻن جا فصل ٻوڙي ۽ وهئي جا ميزبان هئا. جتي انهن ڪي نه جهل نه پل ، انهيءَ مند ۾ اُهي گلابي سنبي ءَ کان وٺي امريڪن سنبيءَ تائين جيت چڳيو قوت ڪن. انهيءَ ڪم ۾ وري مقامي پکين ۾ ڪٻريون ۽ جهرڪيون به وهئي ۽ ٻوڙيءَ سان گڏ هجن ٿيون. مٿان جو ڪٽڪ جي پوکي شروع ٿيو وڃي ته انهن چٽني پکين ڪانسواءِ ڪانگ، هيڙو ۽ ڳيرو به اچيو ساٿن پهچي. پوءِ ته بس هاري هجي ٿو، جيڪو ٻنن تي پکين کي ڀڄائڻ لاءِ پريٽون ڪندو رهي ٿو. پکي اهڙا جو ڪٽڪ جي داڻي مان چاول سلو به پٽيو ڪنيو وڃن. ڪن هنڌن تي جهار واري ڪم کان بچڻ لاءِ ڪجهه ٿوتي هاري وري ٻج ۾

زهر واري دوا ملايو ڇٽين ، پوءِ تہ مري ويل پکي سٽيا پيا هوندا آهن. ڳوٺن جي ماڻهن ۾ اجا بہ منهن ۾ نمڪ آهي ۽ اهڙن هارين تي ايڏي تہ ٿُڪَ ٿُڪَ ٿئي جو پوءِ وري اهڙو ڏوهہ ڪونہ ڪن ، هر ڪو توبهہ توبهہ پيو ڪندو.

اهڙيءَ طرح ٻي جهار وري باغن ۾ هلڪبي. باغائي ڪانپاٽي ڪنيو هوپلو واريون هڪلون پيو ڪندو. ان جي باوجود طوطا ۽ بربليون باغن ۾ پينگهون ٻڏي بيٺل هونديون. توت تہ هنن جي محبوب غذا هجي ٿي. اهو آهي ڳوناٽي سماج ۾ هاريءَ ۽ پکيءَ جي وچ ۾ سٻنڌ. هاري ۽ پکي تہ هڪ ئي وقت زرعي فصلن جا اسٽيڪ هولڊر هجن ٿا ، انهيءَ جنگ جي باوجود هر ڪو پنهنجو پنهنجو حصو حاصل ڪيو وڃي.

ڳوناٽي سماج ۾ پکي گهر جي ڪٽنب جو حصو هجي ٿو. جهرڪي ۽ ڪٻر تہ  جڻ گهر جون ڀاتي هجن. پر ڪانگ کي پنهنجو حصو نہ ميجبو تہ، پنهنجي مڙسي ڪري ڪنهن بہ ٻار جي هٿ مان ماني ڦري بہ زوريءَ گهر جو ڀاتي ٿيو وڃي. ڳوٺن ۾ گهرن جي نئين اڏاوتن ۾ جهرڪين جو هاڻ خيال نٿو رکيو وڃي، بيدا لاهڻ وقت پڇيو پون ٿا.

ڳوناٽي رات جي صوتي اثرات ۾ ٽ ٽيهر جو آواز لازمي هجي ٿو. ڳوناٽيون زالون پنيرڪي مهل ڪار ڪٽڇيءَ جي مڌر آواز تي اٿڻ جون عادي هجن ٿيون.

رات جو ڪنهن چٻ جي چرڙاٽ تي ڳوناٽيون زالون هڪل ڪنديون، "ڏوڙ هجئي نياڳي ، ڪو جهيڙو ڪرائيندينءَ ڇا، يڪا ٻرڙاٽ پونئي." ڪانگ ڪو ٻار کان گوشت يا ماني ڦري ويو تہ ان تي زالون لعنتون پيون وجهنديون. پر اهو ساڳيو ڪانءُ لنوي، ٽپڪا پيو ڏيندو تہ گُد گُد پيون ٿينديون، تہ مهمان ٿو اچي.

ڳوٺن ۾ تہ پکي ڪئين ڳالهين جو اهڃاڻ هجن ٿا. ملهاري ڪاٻي پاسي اچي ويئي تہ چوري ءَ تي ويندڙ چور واپس موٽي وي رڌو. چانهہ ۽ ڪاٺ ڪٽي پکيءَ جا جهڙا رنگ ۽ چٽ خوبصورت آهن، اهڙيون ئي وري انهن بابت ڳالهيون بہ مزيدار هلندڙ هونديون آهن. ڪاٺ ڪٽي لاءِ مشهور آهي تہ اهي طوطن جا ملازم آهن ، انهن لاءِ وڻن ۾ گهر ٺاهين ٿا. نوڙه ي پکيءَ جا آکيرا تہ آرٽسٽ وانگر هجن ٿا، جيڪي هو ڊِپن

جي تيلين مان ناهي ٿو. ان لاءِ مشهور آهي تہ هو نانگ کي دوکو ڏيڻ لاءِ آکيري جو اصلي منهن لڪائي ، ڪوڙو منهن ظاهر ڪري ٿو. چانهہ پکيءَ لاءِ اها ڳالهہ هلندڙ آهي تہ هنن جا ٻچا ڦٽڻ بعد پارس پهڻ لڳڻ کان پوءِ اڪيون کولين ٿا. ان ڪري چانهہ جبلن مان اهو پارس اڪين تي لڳائڻ لاءِ کڻي اچي ٿي. ڳوٺاڻا وري اهي پيا پور پچائيندا تہ ان گهڙيءَ چانهہ جي آکيري ۾ لوهہ جو ٽڪر رکي اچجي تہ سون ٿي پوي. اهڙيءَ طرح اڌ رنگ (فالج) لاءِ پاريهر ۽ سورٽي (الرجي) لاءِ چاپاڪو پکي وري هڪ ٽڪ سمجهيو وڃي ٿو. ڏنار چوندا جيڪڏهن چاپاڪو ماري ان جو گوشت هٿن کي هڻجي تہ سورٽو (الرجي) ان کي ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. البت ان جي هٿ ڏوتل پاڻي هڻڻ سان سورٽي جي مريض جو علاج ٿيو وڃي.

جيئن پکي ۽ جيتن ۾ مور ۽ نانگ جي ويڙهہ مشهور آهي. ائين جيتن ۾ "عار" وري پکين کي خطري کان اڳواٽ خبردار ڪرڻ واري ڊيوٽي ڏيندڙ آهي. عار جيستائين چين پئي ڪندي، ان جو مطلب سڀ خير آهي، پر عار چپ ٿئي ، معنيٰ پکي الرٽ ٿي ويندا، خطري جي گهنٽي وڄي وئي. جيتوڻيڪ هاري ۽ پکي ڳوٺاڻي سماج ۾ هڪڙي ڪٽنب جا ڀاتي آهن، پر خطري جي گهنٽي تہ زهريليون دوائون هارين ۽ پکين لاءِ تڏهن کان هڪ ئي وقت ٻنجي ويون آهن ، جڏهن کان زراعت ۾ ڦوهاري واريون دوائون متعارف ٿيون آهن، تہ پکين جو جابجا موت واقع ٿيو آهي. زهريلي ڦوهاري ٿيڻ کان پوءِ جيت چڳندڙ پکين جي تباهي ٿي وئي آهي. زرعي دوا جيڪا ڳوٺاڻي سماج ۾ هاريءَ جي گهر ۾ ٿانون ۾ رکيل خوراڪ وانگر ان جي گهر ۾ داخل ٿي وئي آهي. هاريءَ جي گهر واري لانڍي جيڪا هڪ ئي وقت هن جو رڌڻو بہ هجي ٿو، بيڊ روم بہ هجي ٿو ۽ ڊائننگ روم بہ هجي ٿو . افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ ڇپر جي ورئي ۾ يا جاري ۾ اها دوا اٿي، چانور، ڪنڊ يا ٻئي ڪاڌي جي ٿانون سان گڏ رکيل هوندي آهي، جتي هن جا ٻار بہ راند ڪيڏندا هوندا آهن.

جيتوڻيڪ جهار دوران پکيءَ ۽ هاريءَ جي وچ ۾ وڏو جهيڙو هلندڙ هوندو آهي، پر اهو ساڳيو پکي زرعي فصلن مان نقصانڪار جيت

چڳي ختم ڪري، هاريءَ جو پر جهلو بنجي بيٺل بہ هوندو آهي. زرعي دوائن جي استعمال ڪانپوءِ ساڳيو پکي پنهنجي جنگ هارائي رهيو آهي.

سنڌ ۾ رڳو ڪڪڙن جا ميل ٽيڙڻ جو رواج نہ آهي، پر سنڌ ۾ وائلڊ پکين جي مقابلن جو بہ رواج آهي. تترن جي ٻولي ءَ واريون تہ ٽورناميئنٽ جو رواج عام پئجي ويو آهي. جڏهن تہ ٻاٽيپر جي ويڙهہ جو مقابلو بہ ايڏو تہ زوردار ٿئي ٿو ، جو اخبار ۾ ان جي باقاعدگي سان رپورٽنگ ٿئي ٿي. بلوچستان جي ياڳ نازيءَ شهر ۾ ٽاٽي جي صوبيدار ڪان وٺي بئنڪ جي مئنيجر تائين، شهر جي هر ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ويڙهہ وارو ٻاٽيپر ڪنيل ڏٺو ويو.

پکي جڏهن اسان جي زندگيءَ سان ايڏو گهرو واسطو رکندڙ هجن ٿا تہ ان لمحي الطاف شيخ جو پکين بابت گهڻ پاسائون معلومات ڏيندڙ ڪتاب اسان جي سماج جو ڪيڏو نہ اهم ڪتاب چوائيندو.

**اسحاق مڱريو**
حيدرآباد
ishaqmangrio@gmail.com

## پکين جهڙيون مسافتون ۽ منزلون
## طئه ڪندڙ ليکڪ الطاف شيخ

موبائل جي گھنٽي تہ روز وڄي ٿي ، پر ڪي ڪي فون ئي يادگار هوندا آهن. اهڙن فونن مان هڪ فون ان ڏينهن آيو جڏهن سنڌ جي ابنِ بطوطہ محترم الطاف شيخ صاحب فون ڪري پنهنجن پکين متعلق تازو عبرت اخبار ۾ ڇپيل ۽ هاڻ ڪتابي شڪل ۾ ايندڙ مضمون تي ڪجهہ لکڻ لاءِ چيو. نہ صرف فون اهم هو بلڪ سندن چيل ڳالهہ بہ ان ڪري اهم هئي، جو سندن جا ئي سفرناما پڙهي، ٻين وانگر مون کي بہ گهمڻ ۽ لکڻ جو شوق جاڳيو هو/ آهي. سندن لکيل هر سفرنامي گهمڻ ڦرڻ جي حوالي سان هڪ نئون اتساهہ ۽ شوق پيدا ڪيو. سندن سفرناما پڙهڻ بعد دل ڪيترين نہ سَٽون کائيندي هئي تہ بئگ تيار ڪري، هينئر جو هينئر نڪري وڃجي ڪنهن اڻ ڏٺي مقام ڏانهن. محدود وسيلن ڪري پري جا پنڌ تہ نہ ٿي سگهيا ، پر گهٽ ۾ گهٽ سندن سفر نامن جي تعداد جيترا، ملڪ ۽ سنڌ جا سفر ضرور ٿي ويا. ان پس منظر ۾ جتي لکڻ جي دعوت تي خوشي ٿي ، اتي نپائي نہ سگهڻ جو خوف بہ ٿيو. شيخ صاحب جي قربائتين فونن سبب نيٺ لکڻو پيو ، نہ تہ ڪٿي اسان ۽ ڪٿي الطاف شيخ صاحب!

شيخ صاحب جا جيڪي مضمون منهنجي نظر مان گذريا ، انهن کي پڙهي لڳي ٿو تہ پاڻ جهڙوڪر هئا پکين جي پنڌن جا پيرا ڪڍندڙ ، جهازن ۽ مسافرن جا سفرناما تہ جهڙوڪر "اضافي" شئي هئي. شيخ صاحب پاران پکين تي لکڻ بظاهر نئين ڳالهہ تہ لڳي ٿي ، پر انهن جي جهازن جي مسافرين ۽ پکين جي اڏامن ۾ ڏسجي تہ ڪافي هڪجهڙايون هجڻ ڪري، اهڙي ڪا صفا نئين ڳالهہ بہ ڪونهي. پکي جي سمنڊ مٿان ۽ ڪنارن سان سفر ڪن ٿا تہ سائين بہ سمنڊ ٿا

جهاڳين. پکين جا پنڌ بہ ڪئي ڏينهن رات تہ ڪٿي وري ڪلاڪن جا ڪلاڪ. جيئن پکي سياري ۾ هڪڙي طرف اڏامون ڪن تہ گرمي ۾ ٻي طرف. ناڪئا بہ هوا ۽ موسم جو رخ ڏسي سفر ڪن.

شيخ صاحب جي مضمون "ٻي چئي جهرڪ جي ڪهاڻي" ۾ جنهن نموني سياري جي سويڊن ۾ M.Sc ڪرڻ دوران پاڙي جي عورت ڪين پارڪ ۾ لنگهڻ دوران بيمار يا زخمي هئڻ ڪري ڏکڻ سفر ڪرڻ کان رهجي ويل پکين کي ڏيڻ لاءِ بسڪوٽ ڏيندي هئي، اها پڙهي اهي وڏا ياد اچي ويا، جيڪي ماني کائڻ مهل هڪ بہ گرهہ بچائي، پکي پکڻ يا ڪيڙين ماڪوڙين لاءِ پور ڪندا هئا ، اڄ جڏهن خود انسان هڻ هٺان ۽ وڻ وڻان سبب ما ري چا ٿو کائي! بس گرهہ ٿو اندر اڇلائي!! ان وڻ هاڻ ايترو وقت ڪٿي جو هو ماني کائڻ وقت ويٺو پکي پکڻ ياد ڪري. ساڳئي مضمون ۾ جنهن نموني انهن ٿڌن ملڪن ۾ سياري ۾ پکين لاءِ ايندڙ ڏکين ڏينهن سبب انهن جي ڏکڻ لڏ پلاڻ جو ذڪر ڪيو آهي، ڪاش! ان جو اسان وارن شڪارين جي دل تي بہ ڪجهہ اثر ٿي پئي ۽ هو مجبوري ۾ هتي ايندڙ پکين تي ڪجهہ تہ ڪهل ڪن! ڪاش ائين ٿي پئي! "ولر ڪيو وتن" ۾ جنهن نموني شيخ صاحب دنيا جي ڪونجن جي سفر جا پيرا کڻي، هٿ پهچڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، اهو پڙهڻ بعد بہ جي ڪو ڪونج ڪُهي تہ ان کي حيف کان سواءِ ٻيو چئي بہ چا ٿو سگهجي. ساڳي نموني انهن، جيانين وڻ ڪونجن جي اهميت جو ذڪر ڪري، انهن اڏ

پڙهيل "اسڪالرن" کي جڻ تہ ماٺ ڪرائڻ جي ڪئي آهي ، جيڪي اسان وڻ ڪبرن جي ٻولڻ کي جهيڙو ٿيڻ، ڪانوَ جي لنوڻ کي مهمان اچڻ جي اطلاع ڏيڻ برابر سمجهڻ کي جهالت جون ڳالهيون سمجهن ٿا. شيخ صاحب "اسان کان پکي رسندا وڃن..." واري مضمون ۾ جنهن نموني دبئي ۽ عربن جي ڳوٺن ۾ تترن جي آزادي ءَ سان گهمڻ ۽ سويڊن جي رستن، بس اسٽاپن تي بدڪن، هنجن، رتنبن جو ماڻهن جي پيرن، بيٺل بسن، ٽيڪسين ۽ ڦيٽن وٽ ٻي ڊپو ٿي چڳڻ جو اکين ڏٺو احوال لکيو آهي ۽ عربن پاران هتي پکين ۽ انسانن سان ڪيل ظلمن ۽ زيادتين جو ذڪر ڪيو آهي اهو پڙهي نہ صرف پکين جي قتلام تي

ڏک ٿئي ٿو، پر پنهنجين شين جي حفاظت نہ ڪرڻ سبب اجتماعي بيغيرتيءَ جو بہ احساس ٿئي ٿو.

ساڳئي مضمون ۾ ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ پکين جي بي قدري ٿيڻ سبب انڊيا هليو وڃڻ واري ڳالهہ بہ، اسان مسلمانن لاءِ ڪا چڱي ناهي. اهڙيءَ طرح "نر وچي ٻي مادي تاڙيندو" ۾ بہ تلورن بابت ڏاڍي ڪارائتي، پر اصل ۾ دکدائڪ ڄاڻ ڏني آهي. ٻين مضمونن وانگر مضمون "امن جا سفير، محبتن جي علامت" ۾ شيخ صاحب يورپ واري پاسي جو ذڪر ڪندي لکن ٿا تہ هتي روڊ رستن تي بہ ڪيترن ئي فروٽن جا وڻ آهن، جن کي بنا ڊپ ڊاءَ جي پکي پيا کائين. ان کان علاوه هتي جا ماڻهو رستن جي ڪپرن، پارڪن ۽ بس اسٽاپن تي مختلف قسم جا ٻج ۽ Nuts پکين کي ڏيندا رهن ٿا، پڙهي پاڻ واري پاسي ڪٿي اڙيو ٽڙيو بيٺل کجي ءَ ۽ ٻير جا اهي وڻ ياد اچي ويا ، جن مان پکي پکڻ کي تہ ميوو ڇا ملندو! ماڻهين انهن وڻن تي سڄو ڏينهن ٻارن پاران پٿرن جي مارو مار هوندي آهي. ٻير ۽ کجي پکي ٿيڻ کان اڳ ئي پٿرن جي نظر ٿي ويندا آهن. "اخبارون پکين جي بچاءُ لاءِ لکنديون رهن ٿيون" ۾ هو لکن ٿا تہ يورپ جا ننڍا وڏا پکين جي واپس ورڻ تي کين ٻج ۽ اَن اهو سوچي کارائيندا آهن تہ هو وڏي منزل طئي ڪرڻ سبب ٿڪجي پهتا آهن ، گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ ڏينهن تہ کاڌي جي ڳولا ۾ پريشان نہ ٿين. اهو پڙهي ۽ اسان جو پکين ڏانهن رويو ڏسي، سچ تہ ڪنڌ جهڪيو وڃي. "اڄ پکي وري نڌڻڪا آهن" ۾ جتي شيخ صاحب منهنجي مضمون مان سانگهڙ واري پاسي جي گيم وارڊن ڪريم داد جوڻيجو جو ذڪر حوالي طور پيش ڪيو آهي، اتي سائين عبدالقادر جوڻيجي جي ڳوٺ جنهاڻ پرسان جي اڳوٽي مختيارڪار قادر داد رند جي پٽ محمد حيات رند زميندار جي پکين سان پريت ۽ تحفظ جي حوالي سان لکي ڇڏ تہ هتي جي پکي، جانور ۽ ماحول دوست ماڻهن کي بہ ياد ڪيو اٿس. پکين جي نڌڻڪائيءَ واري ڳالهہ ڪندي "ڪانگ لنوي متي لات" ۾ شيخ صاحب پرديسي پکين سان گڏ مقامي پکين سان ٿيل ڪلورن تي بہ ماتم ڪندي نظر اچي ٿو. هو پنهنجي مضمون "ڪيڏو لُڙ مچايو اٿي، او ٽٽيهر ٽرڙا..." ۾ مقامي قديم

۾ جديد شاعرن جا پکين بابت شعر لکڻ       ڪري سندن پکين بابت ڳوڙهي اڀياس جو پتو پئي ٿو.

الطاف صاحب پکين تي لکڻ مهل عام رواجي طرح لکڻ بدران سائنسي انداز وسيع ساموندي ۽ دنيا گهمڻ جي تجربي سان گڏ دليلن سان لکيو آهي ، نہ صرف ايترو بلڪ انهن پکين جو ماضي بعيد کان رڪارڊ پڻ جانچيو آهي. ڏسو سندن مضمون "پکين ۾ Navigationجي قوت". جيئن تہ انهن جا ساموندي رستا ۽ منزلون بہ ذري گهٽ ساڳيا پکين وارا آهن, ان ڪري ئي ه     ن پکين جي سفرن جي ڏکيائين ۽ مشڪلاتن کي سولي نموني سمجهي سگهڻ سبب ان حساب سان ئي لکيو    آهي. وڏين عمارتن جي روشني ۾ پکين جو ۽ پنهنجي پلجڻ جو ساڳيو سبب لکي  ، هو پکين ۽ ساموندي سفر جي هڪجهڙاين جو ذڪر ڪندا محسوس ٿين ٿا. هو پکين متعلق معلومات ڏيندي وڏن ۽ مشهور پکين سان گڏ ننڍي کان ننڍي پکيءَ کي بہ نظرانداز نٿا ڪن ۽ ڪار ڪڇڻي ءَ جهڙي پکيءَ, جنهن جو عام طور تي ڪوبہ نوٽس نٿو وٺي, ان باري ۾ بہ اها ڪارائتي ۽ دلچسپ ڄاڻ ڏين ٿا تہ هي پکي نيو انگلينڊ کان نڪري يا هڪ سئو ڏهہ ڪلاڪ (يعني چار راتيون ۽ پنج ڏينهن) سڄوا        ٽلانٽڪ سمنڊ پار ڪري  ، ڏکڻ آمريڪا جي سرزمين تي پهچي ٿو. ان سفر ۾ هي هيٺ بہ نٿو لهي  ، جو هيٺ سمنڊ ئي سمنڊ آهي. ڏسو سندن مضمون "پکي لڏ پلاڻ ڇو ٿا ڪن؟" سندن مضمون "پکي سنا ناڪئا آهن..." پڙهي معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جي ناڪئن وانگر دنيا ۾ ٻي پاسي بہ پکين کي موسمن جي پيشن گوئي ڪندڙ يا Weather Forecaster سمجهيو وڃي ٿو. سندن مضمون "پکي بہ اهو ڪن ٿا جيڪو پائليٽ ڪري ٿو" ۾ مالمو شهر جي ڊپارٽمينٽل اسٽور تان ڇانهين جي ٻج جو پاڪيٽ وٺي ڪائڻ تي ڊئنمارڪ جي ڪئپٽن جو اهو چوڻ تہ هي ٻج پکين لاءِ هوندو آهي ۽ اهو تہ سيارو شروع ٿيڻ تي شهر جي اسٽورن تي پکين لاءِ ٻجن جا پئڪيٽ وڪري لاءِ اچڻ, جيڪي اتي جا نيڪ انسان, ڪن سببن جي ڪري اڏامڻ کان رهجي ويل پکين کي ڪارائڻ لاءِ وٺندا آهن, پڙهي دل مان ٿڌو شوڪارو ٿو نڪري تہ. ڪاش! هتي بہ ڪا اهڙي سوچ پئدا

ٿئي. پلي ٻج ونڻي پکين کي نہ بہ کارايون، رڳو کين تحفظ ۾ امان ڏيون تہ بہ لک ڪٽيوسين. هونئن سنڌ جي ذاتي رکن تي ايندڙ پکين لاءِ ٻج ڇٽڻ جي روايت خير اسان وٽ اڄ بہ موجود آهي، پر ان جي پٺيان نيت پکين کي کاڌي کارائڻ جي نہ ، بلڪ انهن کي هيرائي شڪار ڪري کائڻ جي وڌيڪ هوندي آهي.

سندن اهي مضمون پڙهي پکين جي لڏ پلاڻ جي سببن، وقت ۾ رستن جي جهڙوڪر مڪمل ڄاڻ ملي ٿي ۾ مختلف پکين جو اصل وطن بہ معلوم ٿئي ٿو. ان سان گڏ اها بہ خبر پوي ٿي تہ هو ڪيترا هزار ميل پنڌ ڪري اسان وٽ موسمن ۾ بکن کان پناهہ لاءِ زندگي جي دان لاءِ اچن ٿا، پر پوءِ بہ صوفين جي سڌجندڙ سرزمين سنڌ تي کين موت کان سواءِ ڪجهہ بہ نصيب نٿو ٿئي. شيخ صاحب پنهنجي مضمونن ۾ نہ صرف مختلف ملڪن جي شاگردن ۾ پروفيسرن جي ڏنل ڄاڻ انهن جي نالي سان ڏين ٿا، بلڪ سنڌ جي شاعرن، رپورٽرن ۾ ڪالم نويسن جي لکيل لکڻين واري ڄاڻ بہ سندن نالي سان ڏين ٿا. ساڳئي وقت مختلف اخبارن پاران مختلف موضوعن تي لکين ايڊيٽوريل جا حوالا بہ تاريخن ۾ اخبارن جي نالن سان ڏين ٿا ، ان مان سندن پکين بابت مطالعي سان گڏ سندن قلمي ايمانداريءَ جو پتو بہ پوي ٿو نہ تہ هتي تہ ٻين جا سڄي جا سڄا مضمون بہ ماڻهو پنهنجي نالي ڪيو ڇپايو ڇڏين، ڪير ٿو پڇي! ها البتہ ڪجهہ جاين تي پڙهندي ورجاءَ جو شدت سان احساس ٿئي ٿو، جيڪو ان پاسي ڌيان ڏجي ها تہ وڌيڪ بهتر ٿئي ها.

بهرحال سندن هي ڪتاب پکين جي حوالي سان سٺي ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ، پکين جي لڏ پلاڻ ۾ ٻاهرين ملڪن ۾ پکين سان انساني روين متعلق سٺي گائيڊ بوڪ جو درجو بہ حاصل ڪري سگهي ٿو. سنڌيءَ ۾ پکين متعلق ڪتابن جي سفر کي هن ڪتاب نہ صرف اڳتي وڌايو آهي پر ان سفر کي جهڙوڪر وقت ۾ حالتن مطابق Update بہ ڪيو آهي.

28 ڊسمبر 2009ع

**نواز ڪنڀر**
سانگهڙ

# الطاف شيخ، فطرت پسندي ۽ پرڏيهي پکي

سنڌ جي نهايت مانواري ليکڪ، سوين ملڪن جا سئر ڪندڙ سياح، جهاز ران، انجنيئر، سنڌي ٻوليءَ کي دنيا جي ثقافتن، سماجي ڄاڻ، سائنس، جانورن، پکين ۽ ٻوٽن ۽ ٻين انيڪ ڳالهين کان واقف ڪرائيندڙ ڪيترائي سفرناما لکندڙ ليکڪ الطاف شيخ عبرت اخبار ۾ پکين بابت تازو نهايت ڪارائتو مضمون لکي ، نه فقط اسان کي جيئاريو آهي، پر هڪ ڀيرو ٻيهر ڄڻ ته سنڌ کي ويهي ڳايو آهي. ڏيهي پرڏيهي پکين بابت هن جي انهن مضمون ۾ پکين سان پيار ۽ انس جا ڪيئي مثال ۽ داستان بيان ڪيل آهن.

الطاف شيخ اهو ليکڪ آهي، جنهن جي ڪتابن کي ٻاراڻي وهيءَ ۾ اسان پڙهي لکڻ ۽ پڙهڻ سکيو. ذاتي طور منهنجي لاءِ ان کان وڏيڪ ٻيو ڪهڙو اعزاز ٿي پئي سگهيو. جو هڪ ڏينهن الطاف شيخ پاڻ "ٿوياڪر پکيءَ" تي عبرت اخبار ۾ منهنجي ڇپيل هڪ ڪالم جي فون ڪري نه فقط تعريف ڪئي ، پر اهو به ٻڌايائين ته هو ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ پکين بابت مضمونن جو هڪ طويل سلسلو شروع ڪرڻ وارو آهي، جن جي ڇپجڻ کانپوءِ پاڻ مون کان انهن بابت منهنجي راءِ لاءِ چيائين. سچي ڳالهه اها آهي ته مان ڪا راءِ ڏيان به سهي، ته ان راءِ جي اڳ ۾ ئي جبل جيڏي اوچي بيٺل انسان لاءِ ڪهڙي اهميت، سو مان اهو سمجهان ٿو ته الطاف شيخ پاران مون کان پنهنجن مضمونن تي راءِ گهرڻ حقيقت ۾ منهنجي پنهنجي همٿ افزائيءَ ڪرڻ آهي. الطاف شيخ جي ان وڏ ماڻهپي ۽ اسان جهڙن ننڍڙن پتڪڙن سيکڙات ليکڪن جي ان انداز سان همٿ افزائي ڪرڻ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ فخر جي ڳالهه آهي. ان کان اڳ مان سمجهندو هوس ته وڏن ليکڪن کي پنهنجي علم ۽ شهرت جي آڪڙ هوندي آهي، پر الطاف شيخ کي فون تي پاڻ سان ائين مخاطب ٿيندي ٻڌي منهنجي

سنڌ جي گهڻن ليکڪن بابت راءِ تبديل ٿي ويئي آهي. ان کان اڳ فقط عبدالقادر جوڻيجو ئي اهڙو اڙٻنگ ليکڪ هو جنهن سان اسان جهڙن فقيرن جي ياري هئي. هو واقفيت جي پهرئين ڏينهن کان ئي مون سان گهاٽن دوستن جيئن رهيو آهي. امر جليل سان به مان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڪهاڻي ڪانفرنس دوران مليو هئس ۽ اتي هن جي سامهون مون کي پنهنجن ٻين دوستن سان گڏ ڪهاڻي پڙهڻ جي سعادت حاصل ٿي. هن نه رڳو ويهي اسان کي ٻڌو پر برداشت به ڪيو ، جنهنڪري مان جيئن ئي ڊائس تان لٿس ته سڌو وڃي ساڻس مليس. ٻنهي هٿن ۾ منهنجو منهن جهلي پيشانيءَ تي چمي ڏنائين. خوشيءَ ۾ منهنجي اکين ۾ پاڻي امنڊي آيو ان جو ڪارڻ شايد ان ويڇي ۽ وٿيءَ جو دور ٿيڻ هو، جا گهڻن سينيئر ليکڪن هاسيڪار نالي جي شهرت ۽ طبيعتن بدمزاجيءَ ڪري نوجوان پڙهندڙن ۽ ليکڪن وچ ۾ پيدا ڪري رکي هئي. حليم بروهيءَ سان به منهنجي منو ج ڪمار جي ٿرو نيٽ تي ملاقات ٿي. مون کي پنهنجي ڪتاب سيڊ، ڪبير، عمر خيام ۽ اسٽيفن ليڪاڪ مان ڪجهه چونڊ پڙهايائين. مون کي اهو چيائين ته ”لغاري ڪڏهن حيدرآباد اچين ته مون سان ضرور ملجانءِ!“ حليم خلاف جيتري زهريلي پروپئگنڊا آهي اوتري ئي بلڪ، ان کان به وڌيڪ هو حليم آهي.

الطاف صاحب سان منهنجي هيلو هاءِ کي به ڪي ٻه ٽي مهينا مس گذريا آهن، پر ان وچ ۾ پاڻ ڪيئي ڀيرا فون ڪري ڪچهري ڪيائين جي مون ڪڏهن فون ڪيو به هوندو ته ڪتي پاڻ فون ڪيائين ، انهن ڳالهين کي مان ڪٿي فٽ ڪيان. مون کي اعتبار ئي نٿو اچي ته ايڏو وڏو ماڻهو پنهنجي پڙهندڙ سان ائين پنهنجي محبت جو اظهار ڪندو. الطاف شيخ جي انهن ئي ڳالهين منهنجي دل اندر و ڳڙل ڪيترين ئي غلط فهمين جو صفايو ڪيو آهي. اسان اجا هڪ ٻئي کي روبرو ڏٺو به ناهي، پر پوءِ به هن ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ رشتو ليکڪ ۽ پاٺڪ وارو سدائين رهيو آهي ۽ اهو آخري دم تائين رهڻو آهي، ٻيو رشتو نيچر (فطرت) سان محبت وارو آهي. مان گذريل ڏهن سالن کان سنڌ جي جهنگلي جيوت ۽ ماحول بابت لکندو، پڙهندو ۽ ا ن ڄاڻ کي سنڌ جي

ماڻهن سان ونڊيندو به پيو اچان، پر منهنجي ذهن ۾ اهو هو ته شايد مان اديباڻي ڪم کان پري ٿي وڻن، ٻوٽن، جانورن ۽ پکين جي بچاءَ ۽ واڌ ويجهه بابت ٿلهو متو هڻندو وتان! الطاف شيخ جي هاڻوڪن مضمونن کي پڙهڻ کانپوءِ خبر پئي ته ائين ناهي ، رڳو مان نه، مون سان گڏ ٻيا به کوڙ فطرت جا عاشق آهن، جيڪي مون کان به وڌيڪ ان جي مظهرن جا مشتاق آهن. الطاف شيخ پنهنجين لکڻين ۾ سنڌ جي انهن فطرت پسندن جا نالا ڏيئي ، انهن سيني کي هڪڙي ئي لڙيءَ ۾ پوئي ڇڏيو آهي.

سنڌ جو شروعاتي ادب، جنهن کي لوڪ ادب چئجي ٿو پکين، جانورن، نانگن، بلائن ۽ وڻن ٻوٽن جي ذڪر سان ڀريو پيو آهي. خود سنڌي ادب جي تواريخ ۾ سنڌيءَ جي پهرئين شعر ۾ به جهرڪ پکيءَ جو ذڪر ملي ٿو.

ٿئان مان جهرڪ، ويهان ساڄَن جي ڇڄ تي،
مانِ ڪَرنِ ڊرڪ، ٻولي ءَ ٻاجهاريءَ سين.

سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ ڪلهوڙا دور جي شاعرن پکين کي علامتي اظهار جو وڏو ذريعو بڻايو ، پر ان سان گڏوگڏ خود پکين کي جيوت جي حيثيت ۾ پڻ ڳايو. جنهن جو نمونو توڙي پراڻن شاعرن جي شاعريءَ جي صورت ۾ الطاف شيخ پنهنجي هنن مضمونن ۾ ڪيو آهي. مرهين شاهه عنايت رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ خليفي نبي بخش لغاري جي شاعري علامتي ۽ حقيقي اظهار سان ڀري پئي آهي. ڀٽائيءَ ڪونج، مور (ڪارايل)، تاڙي، هڪ اڌ جاءِ تي ڪوئل، ٻاٻيهي، ڪانگ، هنج، بازڪانئري، ڳجهه وغيره جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ تمام خوبصورتيءَ سان ڪيو آهي. الطاف شيخ، ڀٽائيءَ جي بيتن کي حوالي طور استعمال ۾ آڻي ، ڪونج پکيءَ جي باري ۾ اسان کي تمام ڪارائتي ڄاڻ ڏني آهي. ڪيئن جاپاني، ڪورين ۽ ويٽنامي ماڻهو ڪونج جي پوڄا ٿا ڪن، ڪيئن جاپاني شاعر ڪونج کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بنائين ٿا. ڪونج اسان وٽ سنڌ ۾ وڇوڙي يا جدائيءَ جي علامت آهي. هيءُ هت هجرتي پکي آهي، ان ڪري پريت

۽ پڌيءَ جي علامت طور بہ استعمال ٿئي ٿو. محبت، وفاداري ۽ خوبصورتي هن جا علامتي استعارا آهن، جيئن ڪونج جي جوڙيءَ ۾ جٺاءُ ٿئي ٿو تيئن انساني جوڙيءَ ۾ بہ جٺاءُ ٿئي ٿو ، ان ڪري بہ ڪيس سماجي ا ڙراپالاجيءَ ۾ هن جي اهميت وڏيڪ آهي. الطاف شيخ صاحب مختلف ملڪن ۾ ڪونج بابت ٽيندڙ شاعريءَ جا حوالا ڏئي ، اهو ثابت ڪيو آهي تہ سڏريل ملڪن ۾، خاص ڪري، جاپان، ڪوريا، ويٽنام ۽ چين ۾ هن پکيءَ جي وڏي اهميت آهي. چيني ادب ۾ شاعري توڙي پيٽنگ ۾ ٻريگن، ڪونج ۽ پبڻ کي تمام گهڻو پينٽ ڪيو ويو آهي. خاص ڪري ڳاڙهي ءَ چوٽيءَ واري ماٺهوءَ جي قد جيڏي ڪونج کي اڇي ڪونج تہ هنن لاءِ خوشحاليءَ، محبت، وفاداريءَ، جوانيءَ، جٺاءُ ۽ نيڪ سوڻ طور ڏٺي وڃي ٿي، پر سنڌ ۾ آيل ڪونج سان پٺائي ه رڻئن مخاطب ٿئي ٿو:

وڳر ويا وهي، ڪالهہ تنهنجا ڪونجڙي،<br>
ڪندينءَ ڪوهہ رهي، سَرَ ۾ سپرين ري!

سخت بار....<br>
تري رهي آهي ڪونج<br>
نيري آسمان ۾

(جاپاني شاعر ماتسو باشو جو هائيڪو)

الطاف شيخ اسان جي نئين ٿهيءَ جي شاعرن جا ڪيترائي شعر پنهنجن انهن مضمونن ۾ حوالي طور آٿي ٿو جنهن مان هن جي نئين ٿهيءَ جي تخليق ڪيل ادب سان دلچسپي ۽ ان جي مطالعي جي پڻ خبر پوي ٿي. مثال، بشير سيتائيءَ جو هيءُ بيت تہ:

منهنجي لڙڪن جي ڍنڍ تي سارس،<br>
تون لٿو هئين، سا اڄ سڪي وئي آهي.

ابل اداس جو هيءُ شعر تہ:

سارس جهڙا خواب لٿا هن،<br>
نيٽن جي اڄ ڍنڍ ۾ ڪيڏا.

يا هيءُ لوڪ گيت تہ:

ڪونج پکيءَ جا پار اٿئي،
سنهڙيءَ ڳچيءَ ۾ هار اٿئي.

اسان وٽ ڪونج انڊس فلاءِ وي ذريعي خرم نديءَ وٽان پاڪستان ۾ داخل ٿئي ٿي. اتر بلوچستان ۾ خرم ويليءَ جي ويران پٽن ۾ لهي ، ساهي بہ پٽي ٿي تہ ان کي عارضي طور گهر آباد بہ ڪري ٿي ، پر ٿي . جي. رابرٽس موجب مقامي پٺاڻ سال ۾ هڪ هزار کان پندرهن س ؤ ڪونجون شڪار لاءِ پاليل ڪونجن (Decoy Cranes) ذريعي جارين ۾ ڦاسائي وٺن ٿا، جيڪي بعد ۾ عرب امارات ۽ عرب ملڪن جي شيخن وٽ وڪرو ڪيون وڃن ٿيون. اها ڳالهہ يقينن ڳڻتي ءَ جوڳي آهي ، ڇو تہ ڪونجون اڳي جي مقابلي ۾ تمام تيزيءَ سان گهٽجن پيون.

پرڏيهي پکين جي رسامي واري ڳالهہ ڏاڍي درد سان ڪري ٿو ، جنهن جا ڪارڻ انڌا ڌنڌ شڪار ۽ اسان جي روين کي ٿي ڄاڻائي ٿو . ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ "بي دريغ" شڪار ۽ ان جي نتيجي ۾ پکين جي چوڳي جي آزادي ختم ٿيڻ سبب، پکي اسان جي ڍنڍن ۾ هاڻ تمام گهٽ ٿا لهن، پر ان سان گڏوگڏ ڍنڍن جي پاڻيءَ جو زهريلو بنجڻ، تازو پاڻي نہ پوڻ، پکين جي جوءِ جو زرعي زمينن ۾ تبديل ٿيڻ ۽ موسم جو گرم ٿيڻ پڻ ڪجهہ ٻيا سبب آهن، جنهنڪري پکين پنهنجي چوڳي جا تر ئي تبديل ڪري ڇڏيا آهن.

اسان جي ملڪ ۾ تلور اڇڙي ٿر، چولستان ، ڪاڇي ۽ بلوچستان جي ريگستاني پٽن ۾ اچي رهي ٿي. تلور تي عربن جي مار آهي. مقامي شڪاري بہ تلور مارين ٿا، پر عربن مقامي طور پنهنجا ملازم رکي ڇڏيا آهن، جيڪي هن لاءِ نہ فقط تلورن جي رک ڪن ٿا، پر انهن جي موجودگيءَ جو اطلاع پڻ کين ڏين ٿا ۽ عرب سڳورا سرءُ کان ويندي بهار جي موسم تائين ڪيترائي چڪر ڪري تلورون ماريندا رهن ٿا، هر چڪر ۾ سوين جيئريون ۽ مئل تلورون پڻ ڪٽي وڃن ٿا. پاڪستان ۾

عربن تي ڪنهن به قسم جو قانون لاڳو ناهي ، پلي هو قتل ڪري هليا وڃن، ته به هنن خلاف ايف آءِ آر به داخل نٿي ٿئي.
تلور اسان وٽ روس جي وچ وارن ريگستانن مان هجرت ڪري اچي ٿي. اها بلوچستان جي ڏاکڻين اوپرندي پاسي کان سنڌ ۾ چولستان ۾ داخل ٿئي ٿي، اتان پوءِ راجستان ۾ گجرات تائين وڃي ٿي. بازن واري شاهاڻي توڙي ڍهڪاءُ وجهندڙ شڪار جي ڪري تلور کي نه لڪ ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ نه ئي اندر ۾ آني پچائي سگهي ٿي، نتيجي ۾ تمام گهٽ جوڙا بچا ڪري سگهڻ ۾ ڪامياب وڃن ٿا. جنهن سان هن جي نسل ۾ حيرت انگيز گهٽتائي اچي وئي آهي.
سنڌ جي تواريخ گواهه آهي ته وقفي وقفي سان سنڌ ۾ اهڙا مانجهي مرد پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن سنڌ جي جهنگلي جيوت کي وحشي شڪارين کان نجات ڏياري آهي، جن جو ذڪر پڻ الطاف شيخ پنهنجن مضمونن ۾ سنڌ جي مختلف ليکڪن جا حوالا ڏيئي ڪيو آهي. هنن ۾ ڪريم داد جوڻيجو ، محمد حيات رند، پٺائيءَ جا سدا حيات ڪردار لاکو ڦلاڻي ۽ ٻداماڻي پنرو شامل آهن ، پر سانگهڙ جو هڪڙو ٻيو ڪردار ٿي گذريو آهي، جنهن لاءِ مشهور آهي ته جيستائين هن جا مکي ٻيلي ۾ ٿاڪ هئا، تيستائين ڪوبه شڪاري بندوق کڻي اندر لهي نه سگهندو هو. مون جڏهن ڪريم جوڻيجي تي ڊان اخبار ۾ ڏوگريون ۾ ڪهڪارو ڍنڍن جي حوالي سان پروفائل ڪيو ته ڪراچيءَ جي هڪ جهوني سائنٽسٽ ۽ ان زماني فارسيٽ آفيسر محترم اي. اي. قريشي صاحب خط لکي مون کي ان جو يادگيرو ڏياريو. هن ٻڌايو ته حر تحريڪ جي 1943ع کان 1952ع واري دور ۾ مکيءَ جي ڍنڍن جي پکين، ناري جي جهنگلي جيوت ۽ اچ ڙي ٿر جي سنڌي هرڻ جو هيرو رحيم هنگورو هو. اهڙي ءَ طرح سنڌ جي ماضيءَ تي نظر گهمائبي ته ڪيترائي جهنگلي جيوت دوست ۽ ان جي بچاءَ جو اونو رکندڙ ماڻهو ملي پوندا ، انهن مان آزاد خيرپور رياست جو والي مرحوم مير علي مراد خان ٽالپور، ڪنگريءَ جي راشدي پيرن مان پير صاحب پاڳارو، موجوده ضلعي ڄامشوري جي ضلعي ناظم ملڪ اسد سڪندر جو والد محترم مرحوم ملڪ س ڪندر، مٽياريءَ مان ذوالفقار شاهه

چاموٽ صاحب، هاٽوڪي خيرپور ميرن مان مهدي رضا ٽالپور ۽ هن جو والد محترم مير علي مراد ٽالپور ۽ نوشهرو فيروز مان مرحوم رئيس غلام مجتبيٰ خان جتوئي صاحب قابل ذڪر آهن. اهڙا ٻيا بہ ڪئين ڪردار هوندا، جن کي ماڻهن تائين آڻڻ لاءِ پتائي جهڙي شاعر ۽ بشير سيتائيءَ جهڙي ڪويءَ جي مشاهدي واري اک ۽ درد رکڻ واري دل جي ضرورت آهي. فطرت پسند صحابي اسحاق مڱرئي جهڙي جاکوڙي ماڻهو ۽ فطرت پسند ليکڪ نواز ڪنڀر جهڙي قلمڪار جي ضرورت آهي، جيڪي اهڙن ڪردارن جي ڳولا ۾ چوويهہ ڪلاڪ سرگردان رهندا آهن. منهنجي دوست جان خاصخيليءَ جو بہ ان ڏس ۾ ايڏو ئي وڏو ڪردار آهي، جنهن جي انگريزي اخبار ۾ لکڻ سبب سنڌي ٻوليءَ جي پڙهندڙن وٽ فطرت پسند صحافي طور ان جو تعارف اجا ٿي نہ سگهيو آهي. پر انگريزي صحافتي حلقي توڙي سنڌي صحافتي حقلي ۾ هن جو نالو فطرت پسند جهنگلي جيوت دوست صحافي ءَ طور تمام گهڻو مشهور آهي. جان اهو ماڻهو آهي، جنهن جي گهڻو ڪري هر رپورٽ ماحوليات يا جهنگلي جيوت تي هوندي آهي. ان ڏس ۾ سانگهڙ سان ئي تعلق رکندڙ اسان جي هڪ ٻئي دوست ڊيلي ٽائيم جي صحافي امر گرڙي جون ڪاوشون بہ ڪنهن کان گهٽ ڪونہ آهن.

الطاف شيخ، جيئن فطرت پسند ليکڪن شاهہ سائين، شاهہ عبدالڪريم بلڙي، ميون شاهہ عنايت رضوي، شيخ اياز، بشير سيتائي، ابل اداس ۽ بلوچ صحبت عليءَ جي شاعري کي حوالي طور ڪتب آندو آهي، ائين اسان جي نثر جي ليکڪن جي لکڻين جا حوالا پڻ ڏنا آهن، جن مان نواز ڪنڀر، ماڪن شاهہ رضوي، عزيز سولنگي، خورشيد حميد ڏهر، تاج صحرائي، پرهہ سنڌو (حافظ مهراڻ) ۽ محمد ابراهيم لاشاري قابل ذڪر آهن. فطرت پسنديءَ يا جهنگلي جيوت دوستيءَ جي ان تحريڪ ۾ ڪجهہ ٻيا نالا بہ شامل ڪري سگهجن ٿا، جن جون لکڻيون يا اخباري رپورٽون اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڇپجنديون رهنديون آهن، انهن ۾ اشتياق انصاري، الهہ بچايو جمالي، ناز سهتو، عبدالقادر جوڻيجو، منظور ميراڻي، مجيد مڱريو، الياس ٿري، لالا غلام قادر سريوال ۽ ڪيترائي ٻيا شامل آهن.

ابر اپري آيا، اُنو ڪيڏو مينهن،
نير ڳ تنهنجو نينهن، ٿيو ڪينجهر ڪپ سان
(بلوچ صحبت علي)

هيٺ جر مٿي مچر، پاسي ۾ وٽراهہ،
اچي وچي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءَ،
لڳي اتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي
(شاهہ)

الطاف شيخ فطرت پسنديءَ ۾ ماضي ۽ حال جو سنگم ڪرايو آهي. هڪ طرف ڪينجهر سان سانوڻيءَ جي ماحول ۾ نير ڳ پکيءَ جي نيهن جي ڳالهہ ڪيل آهي (حالانڪہ سانوڻيءَ ۾ نير ڳ ڍنڍن تي نہ هوندا آهن، پر هتي نير ڳ تشبيهہ طور استعمال ڪيل آهي) ۽ ٻئي طرف ڪينجهر جي (آڪٽوبر مهيني يا نومبر جي پهرين ڏهاڙن جي) منظر نگاري جي پس منظر ۾ ڪلاسيڪل ڪردار ڄام تماچيءَ جو ذڪر آهي، ڇو تہ هن موسم ۾ ڪنڍي ، مچر ۽ ٻيہ گلن ڪرڻ ڪري ساوڪ يا بهاريءَ ۾ هوندا آهن ، مٿان اتر جو واءُ اچي انهن جي بهاري ختم ڪندو آهي.

الطاف شيخ جي مضمونن جو هڪ وڏو حصو پکين جي هجرت (Migration) ۽ انهن جي جبلي محرڪن جي تفصيل تي ٻڌل آهي. هجرت بابت مختلف ماهرن جي راين ۽ نظرين جو اپٽار ڪندي ڪٿي هو پنهنجي راءِ جو اظهار بہ ڪري وٺي ٿو. مان هت انهن ڳالهين کي ورجائڻ نٿو چاهيان، ڇو تہ اهي ڪتاب ۾ شامل مضمونن ۾ موجود آهن، مان هت رڳو ايترو چوندس تہ الطاف شيخ هنن مضمونن ۾ اها راءِ پڻ رکي آهي تہ پکي جڏهن هجرت ڪن ٿا تہ اهي قدرت طرفان هنن جي دماغ ۾ موجود اڳ ۾ ئي فيڊ ٿيل پروگرام تحت هلن ٿا، جنهنڪري هو منزل مقصود تي بنا ڪنهن غلطيءَ جي پهچي وڃن ٿا. الطاف شيخ ڪيترن ئي مضمونن ۽ نظرين جي مطالعي کانپوءِ ئي اها راءِ ڏئي ٿو. پکين جي هجرت بابت جيڪي بہ سائنسي رايا سامهون آيا آهن، تن جي آڌار تي  اهو اجا چئي نٿو سگهجي تہ پکين جي هجرت

جا ڪي مخصوص محرڪ ليپي پيا آهن. ان ڪري الطاف سائين جي ان راءِ کي پاڻ کي بہ هڪ راءِ طور ڏسڻ کپي ۽ ان ڏس ۾ وڌيڪ تحرير ڪندو رهڻ کپي.

جڏهن دنيا جو ماحول يا آبهوا اجا ايتري گرم نہ ٿي هئي، تڏهن پکي هر سال هڪڙي ئي وقت تڏن ملڪن مان نڪرندا هئا ۽ طئي ٿيل وقتن تي گرم پاڻيءَ ۽ آبهوا وارن ملڪن ۾ پهچي ويندا هئا . پر موسم جي تبديليءَ جي ڪري هنن جو هجرتي ٽائيم ٽيبل ۾ فرق آيو آهي. سائنسدان پکين جي هجرتي بهيويئر (ورتاءَ)، ان مطابق چوڳي جي ميدانن جي چونڊ ۽ جنسي سڏن ۾ ايندڙ تبديلين تي تحقيق ۾ رڌل آهن، پر هيل تائين پکين جي بهيورل سائنس جي مد ۾ ٿيل تحقيق بڌائي ٿي تہ پکين جون جبلتون موسمي تبديلين سان تبديل ٿين ٿيون، ائين جيئن ڏڪار ۾ جانور، وڻ ۽ ماڻهوءَ مشڪل سان پنهنجي نسل جي افزائش ڪري سگهن ٿا، چو تہ ڪاڏي جي کوٽ ۽ آبهوا جي تبديلين سبب حياتياتي نوع کوڙ سارين ذهني (نفسياتي) ۽ جسماني تبديلين منجهان گذري ٿي، جنهنڪري جبلتون زندهہ جسمن اندر خاموش ٿي يا زنگجي وڃن ٿيون ، ان ڪري ضرورت (Need) نئون نفسياتي ضابطو بنجي ، ذهنن اندر تحريڪ آڻي ٿي. هجرت بہ ماحولياتي تبديليءَ ۽ ضرورت، ٻنهيءَ جي ميلاپ سبب عمل ۾ اچي ٿي.

پکين جي هجرت بابت الطاف شيخ پنهنجن مضمونن ۾ سائنسي فطري، رومانوي ۽ مذهبي نظرين جو تت پڻ پيش ڪيو آهي. ڪافي جاين تي هن پڙهندڙن لاءِ چڏي ڏنو آهي تہ هو انهن مان ڪهڙي نظرئي کي وڌيڪ صحيح ٿا محسوس ڪن. زميني دنيا اجا تائين هڪ آهي. پکي هجن، انسان هجن، جانور هجن، ڪيڙا ماڪوڙا هجن، سڀ ماحول ۽ کاڌي جا محتاج آهن، جي زمين تي پاڻي نہ هجي، آسمان تي سج نہ هجي، وايو منڊل ۾ هوائون نہ هجن، سردي ۽ گرمي نہ هجي تہ ڪائنات ۾ زندگيءَ جو تصور جي ناممڪن ناهي تہ پوءِ ڪنهن ڪم جو بہ ناهي.

انسان جي رهڻي ڪهڻي، حرڪتون ۽ حواس، جيوَ جي ماحولياتي فطري قبوليت (Natural Adaptation)مطابق تبديل ٿيندا رهيا آهن، ان ڪري انسان سان گڏ اهي ڳالهيون پکين،

جانورن ۾ جيت جڻن سان بہ لاڳو ٿين ٿيون. انسان جو دماغ وڏو، جانورن جو ننڍو، پکيءَ جي اک وڏي، ماڻهوءَ جي ننڍي، ماڪوڙيءَ، مک، پوپٽ ۾ پنپوريءَ جون اکيون ٻن ڪان وڏيڪ ٿين. فطري طور پکيءَ کي پنهنجي حرڪت لاءِ پر مليل آهن ، ان جي اک وڏي ان ڪري آهي ، جو ان کي وايو منڊل مان پنهنجو رستو بہ ڳولي لهڻو آهي تہ ان کي پنهنجي ماحول مان ننڍا ننڍا ڪيڙا ماڪوڙا، ٻج ۾ ٻيا ڪاڏا بہ ڳولي لهڻا آهن. پنهنجي دشمن ڪان بچاءَ لاءِ هر هر چوطرف ڏسي چوڪس بہ رهڻو آهي. پکيءَ جي اک ٽيلي ڪيميرا جي بلور جهڙي اک آهي ، جنهن کي ننڍي ۾ ننڍو جسم بہ چٽو نظر اچي ٿو ، جتي قدرتي آفتن وقت ماڻهوءَ کي عقل ڪم اچي ٿو اتي پکيءَ کي پنهنجي اک ۾ حواس ڪم اچن ٿا، جو هو اڳواٽ ان کي محسوس ڪري وٺي ٿو. نانگن بلائن ۾ سنگهڻ جي حس مضبوط هوندي آهي، فطرت جا پنهنجا دستور آهن. وڻن کي پاڙون آهن، جيڪي کين زمين سان طاقتور نموني ڳنڍي رکن ٿيون. ان ڪري الطاف شيخ جي انهن ڳالهين ۾ وزن آهي تہ قدرت انهن اندر اهي گو شڙ مضبوط ڪيا آهن، جن ذريعي هو زمين تي اهي رستا ۾ مقام ڳولي لهن ٿا، جن جي هجڻ تي هنن جي حياتيءَ جي ان "ساليانی ڦيري" جو دارومدار آهي. ڪچوڻ جي ٻچن جي پاڻيءَ ڏي پچڻ جي ڳالهہ هجي يا ڪوئل جي ٻچن جو ڪانون ڪان الڳ ٿي ، پنهنجي فطرت اختيار ڪرڻ ٻئي پنهنجي اندرئين ۾ ٻاهرئين فطرت جي ڳانڍاپي ڪانسواءِ ائين ڪري نٿا سگهن. ڪچوڻ جي ٻچي کي جي ٿر جي ڪنهن پٽ تي ڇڏي مشاهدو ڪبو تہ ان صورت ۾ اهو ممڪن آهي تہ هو ناري واري طرف نہ اچي ۾ جيسلمير ڏانهن رخ رکي يا اچا نہ تہ هو اولهہ ڏکڻ سامونڊي هوائن واري طرف هلڻ شروع ڪري جي سامونڊي هوائن جي ان مقام تائين پهچ نہ هجي، تہ پوءِ اتي جو ماحول هن کي پاڻيءَ ۾ سمنڊ جي آبهوا جو ڪو گس ڏيئي نہ سگهندو. اتي هن جا حواس توڙي اکيون ان باري ۾ هن جي ڪا بہ مدد ڪري نہ سگهنديون. انهن ڳالهين مان ظاهر ٿئي ٿو تہ جبلتن کي بہ ماحول تحرڪ ۾ آڻي ٿو. اهو سڀ ائين آهي، جيئن بجليءَ جو ڪرنٽ فقط پسرائيندڙ مان گذري سگهي ٿو

پسرائيندڙ هن جو ميڊيم (ذريعو) آهن. باقي ڪاٺ ۽ رٻڙ مان ته بجلي به گذري نٿي سگهي، جو انهن ۾ اهڙو ماحول يا جزا ئي ناهن.

فطرت کي فقط فطري قوتن سان ڳنڍي بيان ڪري سگهجي ٿو. ان کي جي شعوري قوتن ۽ مقصد جي تابع ڪبو ته معاملو گڙ ٻڙ ٿي ويندو. شاعر ۽ مذهبي مبلغ پکين ۽ جانورن کي تبليغي مقصدن لاءِ استعمال ڪندا آيا آهن. اهو ان ڪري جو ماڻهو جو سڌو سنئون واسطو فطرت سان آهي، هو اهڙن مثالن جو اثر جلدي وٺي ٿو . پر فطرت پنهنجي ذات ۾ نه مذهبي آهي ، نه لادينيت. فطرت فقط فطرت آهي. پکين، جانورن ۽ ٻوٽن ۾ روحانيت جو ڪو به تصور ڪونهي ، نه ئي انهن کي ان حوالي سان ڏسي سگهجي ٿو. بزرگي فقط ماڻهوءَ ج ي ميراث آهي، باقي شيون پنهنجي ويجهي ماحول جون محتاج آهن. دنيا ۾ ماحولياتي تبديلي ڪري پکين ۽ جانورن اهڙن ماحولن کي پنهنجو ڪيو آهي، جيڪي اڳ ۾ هنن جي جبلتن سان هم آهنگ نه هئا. مثال: ڪڪڙ جا اصل ابا ڏاڏا هماليا ۽ لنڪا جي جهنگن جا اهي مرغا هئا، جيڪي باقاعدي اڏامندا هئا. پر ڪڪڙ انسان سان رهندي پنهنجون ڪيتريون ئي فطري جبلتون وساري ويٺو آهي، يا انهن کي استعمال ڪرڻ جي قابل نه رهيو آهي. ڏِڪو هن وقت پنهنجي سِڱ ڪان ڪابه مدد وٺي نٿو سگهي، جو پالتو ٿيڻ ڪانپوءِ اهي هن جي ڪم جا نه رهيا آهن. ائين جانورن ڪان ويندي پکين جي زندگي توڙي جسماني ساخت ۾ تبديليون ايندڙيون رهيون آهن.

ڪتي جو به مثال وٺنداسين ته اهو به ائين ئي بيهندو. ڪتو جهنگلي دور ۾ بگهڙ وانگر "روڙ" ڪندو هو پر انسان سان گڏ رهندي نئين "ايڊاپٽيشن" هيٺ هن کي پنهنجي نئين دشمن کي ڊيڄارڻ لاءِ ڀونڪڻو پيو. جو اهو هن جي اوائلي قدرتي اسڪيم ۾ موجود نه هو. اڳي ان کي خطري توڙي اڪيلائي وقت "روڙ" ڪري پنهنجي ڪٽنب جي رڪنن کي سڏڻو پوندو هو پاڻ اها جهنگلي جيوت واري نشاني فقط اڪيلائيءَ مهل اجا به استعمال ڪري ٿو . جنهن جو مقصد دشمن خلاف صفبندي ڪرڻ قطعي نه هوندو آهي.

الطاف سائين پکين ۾ جبلت کي وحيءَ سان ڀيٽيو آهي، پر مان Instinct کي وحيءَ سان نہ ڳنڍيندس ، جو پکين ۽ جانورن جي حوالي سان وحي وغيره بابت منهنجي ڄاڻ محدود آهي . پر ايترو سو ضرور چوندس تہ ڪيتريون ئي جبلتون جانورن ۽ پکين لاءِ نهايت نقصانڪار بہ آهن. مثال خطري وقت هرڻ جو پڇي پڇي وري ڪجھ فاصلي تي بيهي پوئتي ڏسڻ واري جبلت ، هن جي سڀ کان وڏي دشمن بڻجي ٿي، جيئن تہ اها هن جي جين ۾ شامل آهي، ان ڪري هو ان مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري نٿو سگهي، جنهنڪري شڪاريءَ جي گوليءَ جو نشانو بڻجي وڃي ٿو. ساڳي ءَ طرح پاڻيءَ وارن پکين جي اها جبلت تہ جڏهن هنن کي هن جاءِ تان اڏاربو تہ اهي ڊنڊين مٿان بہ ٿي گهمرا کائي وري لهي پوندا. انهن گهمرن ۾ ئي اهي ڀٽن جي چوٽين يا ڪنهن ٻيءَ لڪ ۾ لڪيل شڪارين هٿان بندوقن جو کاڄ بڻجي وڃن ٿا.

اسان جڏهن پيرڻ پکي ۽ ڪنيي جو مثال وٺنداسين تہ معلوم ٿيندو انهن جي پيرن جون چاريئي آڱريون ڳنڍيل هونديون آهن. اهو ان ڪري جو هيءُ غوطا کائي پاڻيءَ مان تري بہ مڇيون پڪڙي کائين ٿا. پيرڻ ۽ ڪنيين جي خوراڪ فقط مڇي آهي، ان ڪري انهن کي پڪڙڻ لاءِ هنن کي گهري پاڻيءَ اندر لهڻو پوي ٿو. پاڻي ءَ اندر اهي پنهنجا پر جسم ٻاهريان ڇٽيءَ جيئن فولڊ ڪري ، پنهنجي ٻنهي پيرن جي پتوار سان هڪڙي وقت پاڻيءَ کي پوئتي ڌڪيندي شڪار تائين پهچن ٿا. انهن جيئن پينگوئن ۽ ٻين ٽٻڻن پکين جي پيرن جون چاريئي آڱريون پڻ ڳنڍيل هونديون آهن. انهن جي مقابلي ۾ بدڪن يا ان خاندان جي پاڻيءَ جي پکين جي پيرن جون فقط ٽي آڱريون ڳنڍيل هونديون آهن ، ڇو تہ انهن کي ڪاڏي لاءِ پاڻي ءَ اندر گهڻو هيٺ نٿو وڃڻو پوي. ڇيڪلا، نيرڳ، رتنبا، هنجر، ڳيٽا، ڊڳوش ۽ ٻيا پکي پاڻيءَ جي گاهہ يا مٽيءَ تي گڏ ٿيندڙ ڪوڏن، ننڍين مڇين، يا ان گاهہ جي ٻجن تي گذران ڪن ٿا، ان ڪري اهي هلڻ چلڻ يا حرڪت ڪرڻ ۾ پاڻ کي ايترو مشڪل ۾ محسوس نٿا ڪن، جيترو پورو پير ڳنڍيل.

جيوت جي جسامت هن جي کاڌي پيتي جي طور طريقن ۽ قسمن مطابق هوندي آ ه ي. ايمس (Emus) نالي پکي بنا اڏامڻ ۽ تيز ڊوڙڻ

وارو پکي آهي، ان ڪري هن جي پيرن جون آڱريون سڌيون ڄُتي جي تري جيئن هونديون آهن. مزي جي ڳالهہ تہ هن جي پير جو آڱوٺو نہ هوندو آهي، ڇو تہ اهو وقت سان گڏ (استعمال ۾ نہ ايندي) ناڪارا ٿي ڇڏي چڪو آهي. يعني، ارتقائي طور آڱوٺي واري فيڊ ٻيل پروگرام وارو جين ناڪارا ٿي ، اڳتي منتقل ٿي نہ ٿي سگهيو آهي ، جيئن موروثي گهٽتايون ماڻهوءَ جي نسل ۾ اڳتي منتقل ٿينديون رهنديون آهن، تيئن پکين ۾ بہ ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح اٺ پکيءَ جي پير ۾ فقط ٻہ آڱريون آهن ، ڇو تہ وڏيڪ جي هن کي ضرورت ئي ڪا رهي. ڪڪڙيون ۽ ٻيا فيزينٽ، جهڙوڪ مور، چڪور وغيره ڇو تہ مٽيءَ وغيره ۾ ڪٽوليون يا ڪاٺوڙا ڪري پنهنجو داڻو حاصل ڪن، ان ڪري انهن جو چنبو ٿڙيل ۽ آڱريون ڪوڪن جيئن سڌيون ٿين. وڻن تي ويهڻ وارن پکين جو آڱوٺو ٻين ٽن آڱرين جي مقابلي ۾ ٿورو وڏو هوندو آهي، جيئن هو چڱي نموني ٽار کي مضبوط جهلي ويهي سگهن. شڪاري پکين جو چنبو وڏو، ننهن تيز، آڱريون آڱوٺو هڪ جيڏو هوندو آهي. ڪاٺڪٽن ۽ چٽن جي پيرن جون ٻہ آڱريون اڳتي طرف ۽ آڱوٺي سان گڏ ٽين آڱر پوئتي هونديون آهن، جنهنڪري اهي آسانيءَ سان وڻن جي ٿڙن تي اپو گرفت سان هلي سگهن ٿا. ابابيلن، ننڍن چيرن ۽ چاپاڪن جون ڇهنبيون ويڪريون ۽ ننڍيون هونديون آهن، ڇاڪاڻ جو اهي اڏامندڙ پيئونرا، پتنگ، جيت ۽ ٻيون شيون هوا ۾ هلندي ڳهي وٺندا آهن.

اهي تہ چند مثال هئا پيرن جا ، ڪجهہ مثال ڇهنبن جا بہ وٺي ٿا ڏسون. سنهي ۽ هيٺ تي مڙيل ڇهنب وارا ننڍڙا پکي ڪوريئڙن ۽ جيتن کي وڻن ۽ ڇارن مان ڪڍي ڪائين ٿا. باز جي ڇهنب جو ٿيون حصو هيٺ مڙيل ۽ هينيون سنئون هوندو آهي تہ جيئن اهو شڪار يا گوشت کي چيري ڦاڙي سگهي. پوراڙي جي ڇهنب تمام ڊگهي، لوطي شڪل جي هيٺ تي مڙيل هوندي آهي تہ جيئن اها سامونڊي ڪنارن سان ريت يا گپ اندر لڪل ڪيڙن، ۽ سانپن کي ٻاهر ڪڍڻ ۾ ان جي ڪم اچي سگهي. ڪرينَ جي ڇهنب واري پکي ڄاڄي لاکي کي پنهنجي ڇهنب ڊنڊن يا دٻن جي پاڻيءَ مان گپ پري ڪري شيل مڇيءَ کي ٻاهر ڪڍي ڪائڻ ۾ مدد ڪري ٿي. اسان جي سامونڊي پٽيءَ وارين

ڏنڊين ۾ چوڳو ڪنڊڙ ڏوئيرو نالي پکيءَ جي چهنب ڏوئي يا چمٽي جهڙي ٿئي ٿي، جيڪا مڇي پڪڙي ڪيس ڳهڻ ۾ مدد ڪري ٿي. ڀالي جهڙي چهنب وارو بگهه جهڙو پکي ڳڱي اڪثر تلائن يا واٽرن جي ماڍولن تي ويهي انتظار ڪري ، مڇيءَ کي ڀالي جيئن چهنب هڻي پڪڙي کائي ٿو. پيڻ پکيءَ جي چهنب هيٺان چمڙي جي ڳوٿري ان ڪري آهي، جو اها کيس وڏي مڇيءَ کي ڳهڻ ۾ سندس مدد ڪري ٿي، جهرڪين ۽ ٻين ان ڪائيندڙ پکين جي چهنب سخت ۽ نوڪدار ان ڪري آهي، جو اها کين زمين ۾ هٽڻي پوي ٿي.

اهڙيءَ طرح پکين جي پرن جو مثال آهي. پکين جي پرن جا ڪنڀ هيٺيان سڌا ۽ مٿان گولائيءَ ۾ وريل هوندا آهن. اهو ان ڪري جو هوا جي دٻاءُ لاءِ هيٺيان کان اهي هڪ پليٽ فارم ناهين ٿا، جنهن ڪري هوا دٻاءُ وجهي ، کين مٿي کڻڻ ۾ مدد ڪري ٿي. جڏهن ته ساڳي هوا انهن جي پرن جي مٿين کنڀن تان ترڪيو وڃي ، انهيءَ ئي ٽيڪنڪ تحت جهاز مٿي کڄي ٿو. پولر ريڇ جي جسم تي پشم جو گهاٽو تهه هوندو آهي ته جيئن ٿڌ ۾ هن کي گرم رکي سگهي. اٺ جي اک ۾ ٿن هڪ اضافي ڇپر پڻ هوندو آهي، جو طوفانن ۾ هن جي اک ۾ واري پوڻ کان هن جو بچاءُ ڪندو آهي. اٺ طوفانن ۾ به هلندو رهندو آهي.

انهن سڀني ڳالهين ڪرڻ جو هٽ منهنجو مقصد اهو هو ته فطرت جاندارن کي هنن جي ماحول مطابق سانچي ۾ وڌو آهي ، اهو ئي سبب آهي ته جن پکين، جانورن ۽ خود انسانن، پاڻ کي قدرتي ماحول مطابق تبديل (Adapt) نه ڪيو سي هن ڌرتيءَ جي گوليءَ تان پاڙئون ميسارجي ويا، ان ڪري پکين ۾ پير ۽ چهنبون اهي نشانيون آهن ، جن مطابق اسان هنن جي ارتقائي تبديليءَ جي باري ۾ زمين تي موجود ايڪالاجيڪل فطري ماحولن پٽاندڙ اڳڪٿي ڪري سگهون ٿا ۽ انهن جي ان حوالي سان درجيبندي پڻ ڪري سگهون ٿا. الطاف شيخ پکين جي فطري جبلتن کي جيڪو ماحول جي تبديليءَ سان ڳنڍيو ، هجرت جي ڳالهه ڪئي آهي، اها سچ پچ ته انسان لاءِ به هڪ وڏو پيغام رکي ٿي. پکين جي علم بابت اهڙن پرمغز مضمونن يا ڪالمن جو هيءُ

ڪتاب سنڌيءَ ٻوليءَ جي ادب ۾ ان جي پاٺڪن لاءِ ڄاڻ جي نئين لهر ثابت ٿيندو.

**امر لغاري**
**سانگهڙ، سنڌ**

## اهي اونهاري جون ڳالهيون هيون يارو...!

اسان جو جهاز ناروي جي گادي واري شهر ۽ بندرگاهہ اوسلو (Oslo) ۾ جڏهن پهريون دفعو آيو هو تہ اهو جولاءِ جو مهينو هو. ڇا تہ سهڻو ۽ صاف سترو هي بندرگاهہ لڳي رهيو هو. ساهہ کڻڻ سان محسوس ٿيو ٿي تہ ڄڻ هتي جي هوا ڇاڻيل ۽ فلٽر ٿيل نج آڪسيجن هجي، جيڪا اڪثر ائروبڪ ڪلبن ۾ ورزش دوران ڇڏي وڃي ٿي. منجهس عجيب قسم جي سڳنڌ هئي. چوڌاري سرا وڪ ئي ساوڪ نظر اچي رهي هئي. شهر جا پارڪ تہ ڇهچ سائي رنگ جي ڇٻر سان سَٽيا پيا هئا، پر رستن جا ڪنارا ۽ ميدان بہ مختلف سائي رنگ جي شيڊن جي ڇٻرن ۽ گاهہ سان جهنجهيل هئا، جنهن لاءِ انگريزيءَ ۾ اڪثر Lush Green لفظ استعمال ڪبو آهي. چوڌاري قسمين قسمين وڻ هئا، جن مان اڪثر جاين تي سائي رنگ جا پن هئا، پر ڪي اهڙا بہ وڻ نظر اچي رهيا هئا، جن جا پن آرينج ۽ ناسي رنگ جا هئا. جتي ڪٿي ٻارين ۾ لڳل ٻوٽن ۾ قسمين قسمين گل هئا ۽ انهن وڻن ۽ ٻوٽن جي چوڌاري ڇا تہ سهڻن رنگن جا پکي ۽ پوپٽ نظر اچي رهيا هئا. اهي بدڪن، هنجن ۽ لنجن جي نسلن جا پکي نہ رڳو وڻن تي ۽ اڏامندي، پر رستن، فٽ پاٿن ۽ بس اسٽاپن تي بہ بي ڊپا ٿي ڇُڳي رهيا هئا. هنن کي نہ وڏن ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي ۽ نہ ٻارن ڊيڄاريو ٿي ، بلڪہ هر هڪ Pea Nuts، پٽاٽو چپس يا ٻيون اهڙيون شيون وقت وقت انهن مان ڪجهہ هنن پکين کي ڏنا ٿي، جي هنن جي پيرن وٽ آرام سان ڪائي، پنهنجين ننڍڙين ٻرانگن سان اڳتي وڌي ويا ٿي. اهڙا سهڻا پکي اسان سان گڏ فوٽ پاٿ تي جنهن نموني سان بي ڊپو ٿي، ڇهل قدمي ڪري رهيا هئا، ائين تہ مون پنهنجي ملڪ جي چڙيا گهرن جي پڃرن ۾ بہ نہ ڏٺو هو!

سال ٻن بعد منهنجو وري اوسلو اچڻ ٿيو ، پر هن دفعي آئون ان ساڳي جهاز تي نہ هوس ، جهاز هلائيندڙ بہ اهي ساڳيا نہ هئا. سڀ نوان هئا. جيڪي پهريون دفعو جهاز کي اوسلو جي بندرگاهہ ڏي وٺي پئي هليا. آ ۽ُن جيئن تہ ناروي جي هن بندرگاهہ اوسلو مان هڪ دفعو پهرين بہ ٿي ويو هو س، ان ڪري آئون جهڙو سيني ۾ سياڻو ٿي پيس. مون بہ ڪجهہ سچ ۽ ڪجهہ الله جي ڏني مان، اوسلو جي تعريف ڪري کين گهائي رکيو. کين مون اوسلو جي ساموندي ڪناري (Beaches) بابت بہ ٻڌايو تہ ڪيئن هزارين نارويجن عورتون سمنڊ جي ڪناري تي انگيءَ بنا، فقط ڪڇن ۾، ريتيءَ تي ليٽي اس جو سيڪ (Sun Bath) وٺندي نظر اچن ٿيون.

ڇَڪ ڇَڪ ڇَڪ ڪندو، اسان جو جهاز، آفريڪا جي ڪيپ آف گڊ هوپ وٽان مُڙي، ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ داخل ٿيو ۽ هاڻ اتر قطب تاري کي فالو ڪندو ، اتر طرف وڌڻ لڳو. پاسن کان آفريڪا جي اولهہ ڪناري وارا ملڪ، نميبيا، ائنگولا، ڪانگو، گئبن، ڪئمرون، گهانا، سينيگال، موريطينا ۽ مراڪش هڪ هڪ ٿي ختم ٿيندا ويا. ٻارهن يا ٻارهن ڏينهن بعد جبرالٽر وار و نار لتاڙي يورپ جي حدن ۾ گهڙياسين. آٽوميٽڪ ۽ سينٽرلي هيٽيڊ ۽ ايئرڪنڊيشنڊ جهاز هو. ٻاهر ڊربن يا ڪيپ ٽائون ۾ ٿڌ هئي يا خط استوائي ملڪن ڪانگو ۽ ڪئمرون ۾ گرمي، پر اسان وٽ جهاز اندر اهو ئي گرمي (۽ سردي) جو Pleasant پد رهيو ٿي! جهاز اندر، جهاز جي ڪمرن توڙي گهٽين ۾ اسين چڊيون پائي پئي هلياسين، ٻاهر ڪٽي کهڙي بہ ٿڌ هئي. اها بہ هڪ ڏينهن شام جي وقت خبر پيئي، جڏهن جهاز جي ڊيڪ تي سمنڊ جو نظارو ڪرڻ جهاز کان ٻاهر نڪتاسين تہ جسم کي ڪپيندڙ ٿڌي هوا وڪوڙي وئي. جهاز جي ٿرڊ انجنير رڙ ڪندي خبردار ڪيو تہ بابا هيءَ تہ يورپ جي ٿڌ شروع ٿي وئي آهي ۽ ان ئي وقت جهاز جي چارٽ روم مان ڊيوٽي پوري ڪري نڪرندڙ سيڪنڊ آفيسر پنهنجي ڳچيءَ جي چوڌاري مفلر جا بہ ور ڏيئي چيو، ”توهان انجنيئرن کي هاڻ خبر پئي آهي تہ يورپ شروع ٿي ويو آهي؟ اڄ ان کي ٽيون ڏينهن اچي ٿيو آهي. سڄو پورچوگال ۽ اسپين جو اتراهون حصو لتاڙي ، هن وقت Bay of

Biscay واري سمنڊ ۾ گهڙي رهيا آهيون.”

بهرحال ان بعد انگلنڊ شروع ٿي ويو ۽ نارٿ سي (North Sea) مان ٿي، اوپر طرف ڊئنمارڪ ڏي رخ رکيوسين ۽ پوءِ وري مٿي اتر ڏي سفر ڪندا ڪندا آخر اچي اوسلو نڪتاسين. رات جو دير سان اوسلو جي بندرگاهه ۾ لنگر ڪيرائڻ ڪري ان وقت ڪنهن جو بہ موڊ ٻاهر نڪرڻ تي نہ هو. هيڏي وڏي سفر بعد سڀ ٿڪل هئاسين. ٻيو ڏينهن آچر جو موڪل هئي ۽ اوسلو جو شهر گهمڻ لاءِ هر هڪ مون سان هلڻ لاءِ آتو هو. صبح جو اک کُلي تہ ڏهہ تي چڪا هئا . نيرن جو ٽائيم، هر جهاز تي 8 کان 9 هوندو آهي، جيڪا مون کان مِس ٿي وئي سو پئنٽري (جهاز جي آ فيسرن لاءِ ننڍڙي ڪچن) مان ڪجهہ کائي ٻاهر نڪتس تہ ائلي وي (جهاز جي گهٽيءَ) ۾، جهاز جو سينئر اليڪٽريڪل انجنيئر گوهر رحمان پنهنجي سامهون واري ڪئبن مان آر واري ٽوپيءَ ۾ نڪتو.

“ڪيڏانهن؟” مون حيرت مان پڇيومانس.

“فجر جي بانگ ڏيڻ لاءِ مسجد ۾ پيو وڃان.” هن وراڻيو ۽ ان سان گڏ هن اهو بہ ٻڌايو تہ اوسلو ۾ اڄ ڪلهہ سج ايرڻ (طلوع آفتاب) جو وقت يارهن آهي.

اسان جي جهاز تي ڏاڙهي ءَ وارو اسان جو هي ساٿي گوهر رحمان، جهاز جي ننڍڙي مسجد جو بانگو ۽ پيش امام هو. ان کان هڪ سال اڳ تائين، يعني 1973ع تائين، پاڙي ءَ جي هر جهاز وانگر اسان جي پاڪستاني جهازن تي بہ هڪ عدد بار روم هوندو هو ۽ ڪنهن کي بہ بيئر کان براندي ۽ وسڪي کان ووڊڪا پيئڻ جي جهل پل نہ هئي ، پر هاڻ تازو ويجهڙائيءَ ۾ حڪومت طرفان نڪتل آرڊر موجب پاڪستان جي جهازن جي مئخانن تي تالا لڳايا ويا ۽ انهن جي بدران راتو رات جهاز جي هڪ ڪمري کي مسجد بنايو ويو. اهو تہ ڊاڪٽر اقبال جي شعر وارو ئي حال ٿيو تہ:

*مسجد تو بنا دی شب بھر میں،*
*ایماں کی حرارت والوں نے*

*من اپنا پرانا پاپی ہے*
*برسوں میں نمازی بن نہ سکا۔۔۔*

اهو بہ شڪر جو اسان جي جهاز تي گوهر جهڙو انسان هو جنهن بندش ڪان اڳ ئي جهاز وارن کي شراب پيئڻ کان جهليو پئي ۽ نمازن جي وقتن تي بانگون پئي ڏنائين. پڪ ڪرڻ لاءِ تہ سچ اُپريو آهي يا نہ ۽ ڪٿي هي مُلون ڏهين بجي فجر جي بانگ ڏئي غلطي تہ نہ پيو ڪري، موٽي پنهنجي ڪئبن ۾ آيس. اسان جي ان جهاز جي گهٽيءَ ۾ ڪابہ اهڙي دري نہ هئي ، جنهن کي کولڻ سان آسمان نظر اچي. پنهنجي ڪمري ۾ گهڙي، سمنڊ ڏي کلندڙ دريءَ جو پڙدو هٽائي ڏٺم تہ ٻاهر واقعي اونداهہ انڌوڪار هو. آسمان تي گهاٽو جهڙ هجڻ ڪري ڪو چنڊ يا تارو تہ نظر نہ آيو پر بندرگاهہ ۾ ٻرندڙ بتين جا اولڙا سمنڊ جي لهرن تي نچي رهيا هئا.

شهر گهمڻ لاءِ ٻارهين بجي جو سوچي وري ليٽي پيس. ٻارهين بجي لنچ ڪري اسان کي نڪرڻ کپي، جيئن ان بعد بہ ٽي ڪلاڪ کن روشنيءَ جا ملي وڃن. مُلي گوهر ٻڌايو تہ سانجهي نماز ٽي بجي ٿيندي، يعني سچ ٽين بجي لهندو. نيرن تہ رهجي وئي پر ٻارهين بجي پيٽ پري لنچ ڪيم ، جو دنيا جي مڙني جهازن وانگر اسان جي جهاز تي بہ لنچ (منجهند جي ماني) ٻارهين کان هڪ تائين ٿئي ، پوءِ جهاز ڪٿي سمنڊ تي هجي يا ڪناري تي ، سچ ڪٿي صبح جو پنجين بجي اُڀري يا يارهين بجي، مانيءَ جا ٽيئي وقت ۽ جهاز جون ڊيوٽيون هميشہ واچ جي ڪانٽن مطابق ٿين.

پوري ساڍي ٻارهين بجي سئيٽر ۽ اوور ڪوٽ پائي جهاز تان هيٺ لٿاسين ، پر جهاز جي ڏاڪڻ لهڻ سان ئي خبر پئجي وئي تہ بابا سيءُ ڏاڍو آهي ۽ ٿڌڙيون هوائون جسم کي ائين پيون ڪٽين جڻ اسان کي ڪنهن وڏي فرج ۾ اگهاڙو بند ڪيو ويو هجي. سڀ دوست وري موٽي جهاز تي آياسين. سيني هينان ولن "لانگ جان" پاتا ، ان مٿان قميص پتلون ، پوءِ سئيٽر ۽ ڪوٽ ۽ ان مٿان ٿلهو اوور ڪوٽ پاتوسين. مٿي تي ڪنٽوپ ۽ ڳچيءَ ۾ مفلر ويڙهي جهاز تان لٿاسين ۽

ٽئڪسي ڪري شهر پهتاسين. پر هي ڇا؟ جيڏي جوش مان شهر گهمڻ لاءِ نڪتاسين، ايڏي ئي وڏي ڊپريشن جو شڪار ٿياسين. چوڏاري شهر ۾ اهو ساءُ ئي نظر نه اچي! پارڪ ڏي روانا ٿياسين ، نه اهي ڇپر ون ۽ نه اهي ساون پنن وارا وڻ! رڳو سندن ٽڙ ۽ نوڙهيون شاخون نظر اچي رهيون هيون . ڪيڏانهن ويا پکي پکڻ ، ڪيڏانهن ويون رنگين بدڪون! چوڏاري جهڙي غيبات گهمي وئي هجي! چوڏاري بي رنگو ۽ سنسان وايومنڊل. سواءِ برف جي اچي ٻوري جي سڀ رنگ ڪومايل ۽ جهڪا ٿيل هئا. حيرت ٿي ته ڇا ائين به ٿيندو آهي؟ هڪ مڪاني همراهه اسان کي سچو نه ته اڌ چريو ته ضرور سمجهيو هوندو ۽ اسان کي جواب ۾ چيائين ، ”توهان شايد اونهاري جون ڳالهيون پيا ڪريو. هي نومبر جو مهينو آهي! ڪاٽو ٻارهن ڊگرين ٿڌ ۾ ڪٿان آيا گل ڪٿان آيون ڇپرون...!“

هن همراهه جي ڳالهه کي اڌ ۾ ڪٽيندي يڪدم پنهنجي جهاز جي دوستن کي چيم ته.... ”۽ ڪٿي نظر ايند يون اهي اگهاڙيون نارويجن شهزاديون. انسان ذات ته ڇا سمنڊ جي ڪناري تي ڪيڪڙا به نظر نه ايندا، هلو هاڻ موٽي جهاز تي.“

سچ ته اهو آهي ته سخت سيءَ ۾ هر هڪ واٿهڙو ايترن ته گرم ڪپڙن ۾ لنگهي رهيو هو جو پري کان اها به خبر نٿي پئي ته ڪير مرد آهي ڪير عورت! هيترن گرم ڪپڙن جي هوندي اسان به ڏڪي رهيا هئاسين. جهاز ته سينٽرلي Heated هجڻ ڪري ان تي گنجي ۽ ۽ گوڏ ۾ به سيءُ محسوس نٿي ٿيو، پر ٻاهر نڪرڻ لاءِ ته هٿن تي به دستانا (Gloves) پائڻا ضروري ٿي پيا. جهاز تي واپس موٽڻ وقت بندرگاهه جي ويجهو پهتاسين ته هڪ پوڙهي عورت، جهاز تي چڙهڻ لاءِ آيل ڪنٽينرن جي آڏ ۾ ويٺل هڪ خوبصورت ڪنين واري بدڪ کي هٿ سان داڻو چڳائي رهي هئي. ههڙيون ئي سهٽيون بدڪون، اڳئين دفعي مون هن شهر اوسلو ۾ جتي ڪٿي ڏٺيون هيون، جڏهن جولاءِ ۾ اسان جو اڳيون جهاز پهتو هو.

”هي ڇا پئي ڪرين؟“ اسان نارويجن پوڙهيءَ کان انگريزيءَ ۾ پڇيو. جنهن اسان جي انگريزي نه پر لهجو سمجهي، جواب ۾ هن بدڪ

جي پڳل کنيڙاتيءَ ڏي اشارو ڪري ، پنهنجي منهن کي وڏيڪ ڪومايل بڻايو. هن اسان کي ٻڌائڻ پئي چاهيو تہ، هيءَ بدڪ بيمار آهي. هلي چلي يا اڏامي وڃي چُڳڻ کان لاچار آهي. هُن بنا پنن وارن وڻن ۽ برف ۾ دفنائجي ويل گاهہ ڏي بہ اشارو ڪيو... هن جو مطلب هو تہ هيءَ معذور بدڪ ڇا کائي؟ نہ وڻن ۾ ڪو ميوو آهي ۽ نہ گاهہ ۽ نہ ان ۾ هلندڙ ڪي ڪِيئان ماڪوڙا! نهيو! سمجهيوسين. ان ڪري هوءَ ڊبل روٽيءَ کي گرم کير جي ڪوپ ۾ ٻوڙي ڦَٽيل بدڪ کي کارائي رهي هئي.

"۽ پيلا هن شهر جون ٻيون ڪوڙ ساريون بدڪون؟" اسان وري انگريزيءَ ۾ سوال ڪيس. هن دفعي اسان هٿن جي اشاري ڪلن بہ ڪم ورتو. جو نارويجن زبان اسان کي نٿي آئي ۽ پوڙهي انگريزيءَ کان اڻ واقف هئي.

پوڙهيءَ اسان جي ڳالهہ سمجهي، ڪوڪڙاٽ ڪري هٿن جي اشاري سان، اسان کي جهاز ڏي هلڻ لاءِ چيو. اسين گهبرائجي وياسين تہ پوڙهيءَ خبر ناهي ڇا سمجهي دل ۾ ڪيو آهي ۽ اسان کي هتان ٽري وڃڻ لاءِ پئي چوي تہ ايڏانهن پنهنجي جهاز ڏي هليا وڃو. پر ان سان گڏ هر شيءِ مٿان وسيل برف ڏي اشارو ڪرڻ تي اسان جي جهاز جي ريڊيو آفيسر پوڙهيءَ جي ڳالهہ سمجهي ورتي تہ هوءَ اسان کي جهاز ڏي پڇائڻ جو اشارو نہ ، پر ڏکڻ ڏي اشارو ڪري رهي آهي تہ هي بدڪون وغيره سڀ اوڏانهن هليون ويون آهن. ههڙي ٿڌ ۾ هتي ڪيئن ٽِيون رهي سگهن.

## بي ڇَئي جھرڪ جي ڪھاڻي....

ڪجھ سال جھاز ھلائڻ بعد مون کي پنھنجي جھاز سان واسطو رکندڙ سبجيڪٽ ۾ MSc ڪرڻ لاءِ ٻن سالن لاءِ سئيڊن موڪليو ويو جتي جي ڏاکڻي شھر مالمو ۾ "ورلڊ ميريٽائيم يونيورسٽي" آھي. سئيڊن جي انھ ن ڏينھن جو ذڪر مون پنھنجن ڪيترن ئي سفرنامن ۾ ڪيو آھي، جيئن تہ.... "اڇن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا "، "مليرڪان مالمو"، "جت برف پوي ٿي جام " وغيره. انھن ڪتابن ۾ لکيو اٿم تہ سياري جي سرد موسم ۾ جڏھن اسين صبح جو يونيورسٽيءَ ويندا ھئاسين تہ پاڙي ۾ رھندڙ ھڪ امير عورت روزان و ولائتي Pea Nutsيا بسڪٽن جو دٻو ڏيندي ھئي تہ رستي تي يا پارڪ مان لنگھندي ڪو پکي نظر اچي تہ ان کي ڏجو. ھي پکي اڪثر اھي ھوندا ھئا، جيڪي بيمار يا زخمي ھجڻ ڪري پنھنجن ساٿين سان گڏ گرم ملڪن ڏي نہ وڃي سگھيا ھئا ۽ ھاڻ جي ھنن کي ڪو چوڳو نہ ڏبو تہ سئيڊن جي سخت سيءَ ۾ ڪاڏي جي اٽاٽ ڪري مري ويندا.

پکي بہ انسانن وانگر ھڪ حد تائين گرمي ۽ سردي سھي سگھن ٿا. اسان وٽ اونھاري ۾ گرمي ضرور ٿئي ٿي، پر گھرن ۽ وڻن جي ڇانوَ ۾ تہ وري بہ فرحت آھي . ٻيو تہ اسان وٽ سخت اونھاري ۾ بہ انبن کان ڪجور تائين ۽ چانورن کان ڪڻڪ تائين جا فصل ٿين ٿا، جن مان ڪجھ نہ ڪجھ پکي پکڻ چڳي سگھن ٿا. ٽيوب ويل، نلڪن، کوھن، نارن، واٽر ڪورسن ۽ ڍُٻن ۾ ايترو تہ پاڻي رھي ٿو جو پکي پنھنجيون ڇھنبون ٻوڙي سگھن. پر ناروي، فنلئنڊ، سئيڊن، گرين لئنڊ، اتر ڪئناڊا ۽ سائبيريا وارن پٽن تي سياري جي سخت سرديءَ ۾ ڪٿي آھي ڪو ٻج ڪڻو يا گاھ ذرو؟ ڪٿي آھي ڪا مک ماڪوڙي يا ٽنڊڻ ، ڇچي، جنھن کي پکي کائي پيٽ ڀرين؟ پيئڻ لاءِ پاڻي ناھي. جيڪو پاڻي آھي

اهو برف ٿيو وڃي. اهڙيءَ صورت ۾ هتي رهندڙ پکي ڏکڻ طرف پچن ٿا، جتي جو سيارو ايڏو هلڪو آهي ، جيڏو اتر يورپ جو اونهارو. هنن اتراهن ملڪن ۾ سياري جون جيئن ئي ٿڌيون هوائون لڳڻ شروع ٿين ٿيون تہ ننڍڙا جهرڪين جهڙا توڙي وڏا بدڪن جهڙا پکي لڏپلاڻ جي تياري شروع ڪن ٿا ۽ هو پوري ڪوشش ڪن ٿا تہ وڏيڪ ٿڌ شروع ٿيڻ کان اڳ هو ڏکڻ ڏي سفر جو سانباهو ڪن. ڇو جو ان معاملي ۾ جيڪو پکي دير ڪندو اهو سورن ۾ پئجي ويندو. ٿڌي ءَ هوا ۽ برف باريءَ ۾ هن لاءِ اڏامڻ ڏکيو ٿي پوندو.

پکين جي لڏپلاڻ بہ ائين آهي جيئن اسان وٽ هند- سنڌ واري عربي سمنڊ ۾ هزارين سالن کان سفر تي ٻيڙا ٿي نڪتا. ويهين صديءَ جي شروعات کان هي انجڻيون ايجاد ٿيون ۽ ڪوئلي، پوءِ ڊيزل آئل ۽ هاڻ ويندي نيوڪليئر پاور ذريعي، انجڻين کي جهازن تي فٽ ڪري ، پنهنجي مرضيءَ سان جهاز هلايا ويا. نہ تہ حضرت نوح جي زماني کان وٺي اوڻهين صديءَ تائين ننڍا وڏا ٻيڙا سڙهن (Sails)تي هليا ٿي . اهي ناکئي (ناخدا Captain) جي مرضي مطابق نہ ، پر هوا جي رخ مطابق هليا ٿي. سنڌ کان ٻيڙا جيڪي سلون ۽ سري لنڪا ويندا هئا، جن لاءِ شاهہ لطيف چيو تہ "سودو ڪن سون جو وڏا وهائو" (يعني وڏا خريدار واپاري جيڪي ساڳي وقت جهازن جا بہ مالڪ هئا تہ انهن جا ناخدا (ڪئپٽن) بہ. سي سامونڊي سائو (يعني اهي شاهوڪار سامونڊي) لنڪا لوپي آئيا (لنڪا لُٽي ڦُري آيا). سو سنڌ کان ٻيڙا نڪرندا هئا تہ وڃي سري لنڪا ڪٽندا هئا ۽ وري اتان مال سان ٻرجي واپس سنڌ ۽ مٿي خليج ۽ عدن تائين پيا ويندا هئا. پر سائين انهن ڏينهن ۾ اڄ وانگر نہ ٿيندو هو تہ جنهن وقت جهاز ران ڪمپنيءَ يا جهاز جي مالڪ جو آرڊر مليو ان وقت ڪئپٽن لنگر کڻي، اوڏانهن روانو ٿي وڃي. انهن ڏينهن ۾ اهي ٻيڙا هوائون يعني موسمن مطابق هلايا ويا ٿي. اسان وٽ هوائن جو پئٽرن هي آهي تہ سياري ۾ اتر جون ه وائون لڳن ٿيون ۽ اونهاري ۾ ڏکڻ جون ه وائون. يعني جيئن ئي سياري جون هوائن لڳڻ شروع ٿينديون هيون تہ مختلف ٻيڙيون، ٻتيلا ۽ وڏاندريون ديبل، ٺٽو ڪراچي، بدين وارو علائقو ڇڏي ڏکڻ طرف، سري لنڪا ڏي ائين

روانيون ٿينديون هيون ، جيئن سياري ۾ هتان يورپ جي ٿڌن ملڪن کان پکي ڏکڻ ڏي پيجن ٿا. ناکئا اتر جي هوا ل ڳڻ تي پوءِ دير نہ ڪندا هئا. سندن گهرن ۾ ڪٽي ڪهڙي بہ ايمرجنسي هجي. هو پلي ڪٽي شادي ڪري نئين ڪنوار کي گهر ۾ وني آيو هجي ، پر اتر جي هوا لڳڻ بعد پوءِ هو نہ ترسندو هو. جو هن کي خبر هوندي هئي تہ جي هن دير ڪئي ۽ هوا مان فائدو نہ ورتو تہ منزل تي پهچڻ کان اڳ سورن ۾ پئجي ويندو. بنا هوا جي هو چپن ذريعي ڪيترا ڪلاڪ ۽ ڪيترو فاصلو ٻيڙي ءَ کي اڳتي ڌڪي سگهي ٿو. سو پلي زال سان گڏ هني مون پيو ملهائي يا ستاوڙا ڪائي، پر اتر جي هوا جي پهرين جهونڪي سان اٿي ڪڙو ٿيندو هو. تڏهن تہ اهڙن جي زالن ٻيڙي هلائيندڙ مڙس ن سان پرڻجڻ کان ڪنواريون رهڻ کي ترجيح ڏني ٿي. شاهہ لطيف انهن جي خوب ترجماني ڪئي آهي، چي:

"وڻجهاري ڪانڌاءُ، مون ور وينئي گهاريو،
لڳي اتر واءُ، ڍوليو هلڻ جون ڪري."

يعني وڻجاري يا سوداگر (Sailor) مڙس کان تہ پل ائين ئي وينئي هجان، ڇو جو جيئن ئي سيارو ٿئي ٿو يعني اتر جو واءُ لڳي ٿو تہ هو پيجڻ جي ڪري ٿو. يا هڪ هنڌ شاهہ لطيف جهاز ران جي زال واتان هيئن چورايو آهي تہ:

"لڳي اتر هير، سامونڊين سڙهہ سنباهيا،
ننگر ڪٽي ناکئا، ٿيا سٽاوا سير،
هنئڙي نِتُ اُڪيرَ، ڪاري ڪيڙائن جي."

اتر جي هوا مان ڪو ناکئو (جهاز ران) جي فائدو نہ وٺندو هو ۽ دير ڪندو هو تہ پوءِ منزل (سري لنڪا) تائين پهچڻ کان اڳ، هوا بند ٿي وڃڻ تي هو مصيبت ۾ اچي ويندو هو ۽ ان زماني ۾ هوا بند ٿي ڻ معنيٰ جهاز (ٻيڙي) جو بيهي رهڻ. ان ۾ اهو خطرو هوندو هو تہ اوسي پاسي جا سامونڊي ڌاڙيل (قزاق Pirates) پنهنجين چپن وارين ٻيڙين ذريعي هنن مال بردار ٻيڙين تي پهچي ويندا هئا ۽ ڦرلٽ ڪري پيجي ويندا هئا.

**“دنگي وچ درياهہ، کي ٻڏي کي اپڙي،**
**ملاح تنهنجي مڪڙيءَ اچي چور چڙهيا.”**

**سواتر جي سخت سيءَ مان جان بچائي ڏکڻ ڏي ويندڙ پکين جو بہ اهو حال هوندو آهي . سرد هوائون شروع ٿيڻ سان ئي هو سفر جو سانباهو ڪندا آهن، جيئن برفباري کان اڳ پڇي نڪرجي . پر هر دفعي ڪجهہ اهڙا پکي بہ هوندا آهن، جن کي نڪرندي نڪرندي دير ٿي ويندي آهي ۽ پوءِ جي گهٽي برف باري شروع ٿي ويندي آه ي تہ هو اڏامڻ کان ڳرا ٿي پوندا آهن ۽ هيٺ ڪِرڻ تي هتي جا يورپي ماڻهو ڪٽي کين پنهنجو کاڄ نٽا بڻائين، پر هتي جون بکايل ٻليون، ڪُتا ۽ ٻيا جانور جيڪي کاڌ خوراڪ جي کوٽ ۽ سخت سيءَ جي ڪري هيڏانهن هوڏانهن واجهائيندا رهن ٿا ، انهن پکين کي کايو ڇڏين. ان تان هڪ مزيدار ڳالهہ ياد آئي آهي، جيڪا جهاز راني جي تعليم دوران اسان جو هڪ انگريز ڪئپٽن واٽڪنسن اسان شاگردن کي نصيحت طور ٻڌائيندو هو ۽ نوڪريءَ جي آخري سالن ۾ جڏهن مون ٽيچنگ ڪئي تہ آئون بہ پنهنجن شاگردن، ملائيشيا توڙي پاڪستان جي نيول ڪئڊٽن کي، اها ئي ساڳي ڪهاڻي ٻڌائي نصيحت ڪندو هوس. ڪهاڻي ڪجهہ هن ريت آهي:**

Once upon a time there was a non conforming sparrow who decided not to fly south for the winter. However soon the weather turned so cold that he reluctantly started to fly south. In a short time ice began to form on his wings and he fell to earth in a barnyard almost frozen. A cow passed by and capped on a litte sparrow. The sparrow thought it was the end. But the manure warmed him and defrosted his wings. Warm and happy, able to breathe, he started to sing. Just then a large cat came by and hearing the chirpings, investigated the sounds. The cat cleared away the manure, found the chirping bird and promptly ate him.

ڳالهہ جو مختصر مطلب اهو آهي تہ ، هڪ ٻي ڇَئي جهرڪ اهو پهہ ڪيو تہ هن سياري ۾ ٻين پکين سان گڏ ڏکڻ ڏي ڪوچ ڪرڻو ناهي، پر پوءِ جڏهن ٿڌ وڌي وئي تہ هن ڏکڻ طرف ڀڄڻ ۾ ئي عافيت سمجهي. ا ڃا ٿوروئي سفر طئِ ي ڪيائين تہ برف سندس جسم تي ڄمڻ لڳي ۽ وڏيڪ اڏامڻ بدران فروزن حالت ۾ هيٺ هڪ وٿاڻ ۾ اچي ڦهڪو ڪيائين. ان وقت اتان لنگهندڙ هڪ ڍڳيءَ ڇيڻو لاٿو تہ اچي هِن جي مٿان ڪريو ۽ سڄو ان ۾ ڍڪجي ويو. جهرڪ تہ اهو ئي سمجهيو تہ بس هن جي پڄاڻي ٿي وئي ، پر گرم ڇيڻ ي هن جي ٿڌي جسم ۾ گرمائش رسائي ۽ سندس ڪنپڙاٽيون وغيره ڍيفر است ٿيڻ لڳيون. گرمائش رسڻ ۽ ساهہ ڪٽڻ جي خوشيءَ ۾ هو ڪڳيون هڻڻ لڳو ، يعني لاٽيون لنوڻ لڳو. نہ ڄاڻ ڪو ٽُلهو جهنگلي ٻِلو اتان اچي لنگهيو ۽ هن جي ڳائڻ جو آواز ٻڌي شڪ ار ڪي ڳولڻ لڳو. هن ڇيڻ کي ج يئن ئي هيڏانهن هوڏانهن ڪيو تہ سيٽيون وڄائيندڙ هي جهرڪ نظر اچي ويس، جنهن کي ڇيڻ ي مان ڪڍي، بنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي هڙپ ڪري ڇڏيائين.

سو بهرحال اهو ئي حال ولر ڪان وِچڙيل پکيءَ جو ٿئي ٿو. هن جو انت ڪنهن نہ ڪنهن جي پيٽ ۾ ٿئي ٿو.

ان ڪهاڻيءَ بعد اسان جو انگريز پروفيسر هن ڪهاڻيءَ مان حاصل ڪيل سبق هن ريت ٻڌائيندو هو:

اهو جيڪو توهان جي مٿان هنگي وڃي ٿو ضروري ناهي تہ ڪو توهان جو دشمن هجي ۽ اهو جيڪو توهان کي گونهہ جي ڍير مان ڪڍي ٿو ضروري ناهي تہ توهان جو سڄڻ ئي هجي ۽ جيڪڏهن توهان گونهہ جي ڍير ۾ پاڻ کي خوش ۽ فرحتي محسوس ڪري رهيا آهيو تہ خوشيءَ جا سُر الاپڻ بدران پنهنجي وات کي بند ئي رکو.

## ڪنگ جي خدمت ڪندو رهيس

گذريل مضمون ۾ پاڻ يورپ جي ٿڌن ملڪن جي پکين جي ڳالهہ پئي ڪئي تہ هتي جي سخت سياري اچڻ کان اڳ ، هتي جون ڪيترن ئي قسمن جون بدڪون، ڪاز هنج، سارس، چيڪلا، رتابا، سينڊر ۽ قسمين قسمين جهرڪيون، ٽيٽيهر ۽ ٻيا خشڪيءَ جا ۽ پاڻيءَ جا آبي پکي ٽولا ناهي ڏکڻ ڏي اڏامڻ شروع ڪن ٿا ۽ اهو ڪم آگسٽ کان ئي شروع ٿيو وڃي. مزي جي ڳالهہ اها تہ هر پکي پنهنجو پنهنجو ٽولو ناهي ٿو. ڪڏهن بہ آڙين (Coots) جي جهڳٽي ۾ تليهر (Rosy Pastor) يا تلور (Houbara) پکي نظر نہ ايندا. ڪو پکي ڪنهن سبب رهجي ويندو تہ ٻ ڏينهن يا ٽئين ڏينهن ٻئي قسم جي ٽولي سان گُوڇ هرگز نہ ڪندو. پنيان ٿڏ ۾ ترسي Freeze ٿي مري ويندو، پر پنهنجي ٽولي کانسواءِ گهر نہ ڇڏيندو. شاهہ لطيف بہ شايد اها ئي Phenomena ڏسي چيو تہ:

وَلرَ ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾...

هي پکي جيڪي سياري جا ٽي چار مهينا ڪن ، ڏکڻ ۾ گذارڻ لاءِ نڪرن ٿا، ڪوشش ڪري اڳوات ٽولا ناهيو وتن ۽ پوءِ رستي تي ڪو ڪونج جهڙو پکي پنهنجي ولر کان وڇڙي ٿو تہ هن جون ڏک ڀريون صدائون ۽ سڏ ٻڌڻ وٽان ٿين ٿا. هونءَ بہ ڪونج پکي جيڪو سائبيريا ۽ وچ ايشيا جي اتراهن ملڪن کان سنڌ ۾ اچي ٿو اڏام ڻ وقت ماٺ ۾ سفر نٿو ڪري. ڪونجون هميشہ آواز ڪنديون ويندي‌ون آهن ۽ هن پکيءَ لاءِ چوندا آهن تہ ڪي ن سندس ئي آواز مارائيندو آهي. ڪونج شڪل ۾ سهڻي پر طبيعت ۾ سادڙي ٿئي ٿي ، بلڪل ڪانگ جي ابتڙ يعني عقل ۾ ابتڙ ٿئي ٿي!

ڪجهہ سال اڳ مهراڻ رسالي ۾ پير علي محمد راشدي صاحب

جو پنهنجي ننڍپڻ جو احوال پڙهيو هوم ته هڪ صبح جو سندس ميربحر نوڪر ڪونجن جا آواز ٻُڌي پير صاحب کي چيو ته ، "پر واري کيت ۾ اچ ڪونجون لٿيون آهن ، رائيفل کڻ ته هلي نڪاءَ ڪري اچون." هو رائفل کڻي ڪڙڪ واري کيت ۾ لهي پيا. هنن کي پري کان ئي ڪونجون نظر اچي ويون، جن جو پوک جي ليول کان جسم گهٽو مٿي هو ۽ ڳچيون به ڏگهيون هئن. پير صاحب کي حيرت ٿي ته ڪونجون هنن کي پري کان ايندو ڏسي هرگز نه اڏاڻيون.

"هي ته پري کان پيون ڏسن، اسان کي ڏسي اجهو ڪي اجهو ٿيون پَر سوئن." پير صاحب ميربحر کي چيو.

"پرواهه نه ڪريو سائين، ويساهي پکي آهي." ميربحر وراڻيو.

پير علي محمد راشدي وڏيڪ لکي ٿو ته ويجهو ويجي، وجهه وٺي، مون گولي چوڙي، ولر منجهان هڪ ڪونج گهائجي وئي. ٻيون برقت ته اڏاڻيون، پر پوءِ ڪيتري وقت تائين وچايل ساٿيءَ جي ڦوڙائيءَ ۾ مٿان ڦرنديون ۽ ڪوڪون ڪنديون رهيون!"

مئل پکي کي منهنجي سامهون رکي ميربحر چيو: "ڪونج ويساهي ۽ مورک پکي آهي. الله تعاليٰ ڳچي ڊگهي ۽ چنگهون به وڏيون ڏنيون اٿس، ان لاءِ ته مَدي ميري کي پري کان ئي پروڙي پنهنجي جان جو بندوبست ڪري. پرٿي پٿي آهي تمام ويساهي. سمجهڻ لڳ ي ته جڏهن هوءَ پاڻ ڪنهن شيءِ جيِ مَدي ڪونهي، تڏهن ٻيو به ڪو ساڻس چو مدائي ڪندو؟ نتيجو اهو نڪتو جو اڄ تنهنجي اڳيان ٽنگون ٽيڙيو پئي آهي."

ڪونج هميشه پنهنجي ڪڙم سان، پنهنجي ڪڙم اندر رهندي. ڪڙم کان جدا ٿي پکين جي ٻيءَ ڪنهن به ذات سان نه ملندي ، نه واهپو رکندي، نه انهن جي ٻولي ٻوليندي. جيڏانهن ويڃو هوندس، پنهنجي ولر سان ويندي . اٿندي، وهندي، اڏ رندي، لهندي هميشه پنهنجن سان گڏ هوندي. ولر کان وڇڙڻ ڪونج لاءِ قيامت آهي.

بهرحال مهمان پکي توڙي Residential پکين کي تنگ ڪرڻ، مارڻ يا پڃائڻ اسان جي ايشيائي ملڪن ۾ هيڪاندو آهي ، بلڪ عام آهي. يورپ جي ملڪن ۾ خاص ڪري هيڏانهن ناروي،

سئيڊن، فنلئنڊ جهڙن ٿڌن ملڪن ۾ جتي سپ پکي يا مهمان آهن يا هتي جا اصل رهاڪو، تن جي وڏي سار سنڀال لڌي وڃي ٿي. ڏکڻ انگلنڊ، فرانس، اسپين، پورچوگال يا اٽلي وغيره ۾ ته وري به ڪيترائي پکي اهڙا آهن ، جيڪي سياري ۾ اتي رهي سگهن ٿا، پر هيڏانهن اتر قطبي ملڪن ۾، يعني هيڪاندن اتر اهن ملڪن ۾ ڪهڙو پکي آهي ، جو ڊيپ فريز جهڙي ٿڌ ۾ رهي سگهندو. ياد رهي ته هي پکين جون ڳالهيون آئون اتر اهن ملڪن: ناروي، سئيڊن ۽ ڊئنمارڪ مان لکي رهيو آهيان. سيارو شروع ٿيڻ سان آبي ۽ خشڪيءَ جي پکين جا ٽولن جا ٽولا ڏکڻ ڏي اڏرڻ شروع ڪن ٿا ، جيڪو رهجي ويو، ان کي چُڳائڻ ۽ گرم رکڻ جو ذمو ڪو انسان ئي کڻي سگهي ٿو. هر شيءِ برف سان ڍڪيل هجڻ جي صورت ۾ غريب پکي ڪٿان ٿا ڪا اَن لپ حاصل ڪري سگهن! سارس، پيليڪان، ڪاز هنس، هنجر، چيڪل توڙي سينڌر، رتابا ڪٿان ٿا ڪا مڇي هٿ ڪري سگهن، جڏهن سڀ ڍنڍون ڍورا ته ڇا درياهه، نديون ۽ سمنڊ به برف ٿيو وڃن ، جن مٿان هتي جا ٻار اسڪيٽنگ پيا ڪندا آهن . پر هڪ ڳالهه آهي جيڪا آئون بار بار لکي چڪو آهيان ته هنن يورپي گورن کي اسان کڻي ڇا به گهٽ وڌ چئون، کين ڪافر چئون، شرابي ڪوابي سڏيون، پر هنن جي دلين ۾ جيڪو اوڙي پاڙي کان وٺي پکي پکڻ جو خيال آهي، ان جو ڏور ايشيا يا آفريڪا جي ملڪن ۾ ڪو ويهي سوچي به نٿو سگهي. هتي يورپ ۾ ڪڏهن ڪنهن کي ڪو لاوارث يا بيمار گڏهه يا ڪتو ٻلو ملي ويندو آهي ته ان جو به هو خيال توڙي دوا درمل، پنهنجن ٻارن وانگر ڪندو. سئيڊن ۽ ناروي جي اخبار ۾ ڪيترا دفعا اهڙن لاوارث گڏهن ۽ ٻين جانورن جا چندي لاءِ اشتهار ايندا رهن ٿا ته "هر مهيني توهان جي فقط هڪ سؤ ڪرونن (هزار کن رپين) مان هڪ بيمار گڏهه، رڇ يا پولڙي جي خوراڪ جو بندوبست ٿي سگهي ٿو."

ٿي سگهي ٿو ته مون هن پاسي جي سفرنامن (اڃن جي ملڪن ۾ اسين ڪارا، ملير کان مالمو... وغيره) ۾ اها خبر لکي هجي يا نه ته سئيڊن جي هن شهر مالمو ۾ (جتي جي يونيورسٽيءَ مان گهڻو اڳ، مون مئرين انجنيئرنگ جي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي) هڪ امير عورت

هڪ ڪونج پکيءَ ڪي، جيڪو ڪن سببن ڪري ڏکڻ طرف لڏڻ کان رهجي ويو هو ۽ جنهن جي ڪڙم قبيلي جا پکي ڪڏهوڪو روانا ٿي چڪا هئا، هوائي جهاز ذريعي اسپين موڪليو ، تہ جيئن هوءَ سئيڊن جي سخت سياري کان بچي سگهي ۽ وچي پنهنجن پائرن پينرن ۾ سهيلن جيڏن سان اسپين جي ڊنڍن ۽ درياهہ جي ڪپرن تي بهتر موسم جا چار مهينا گذاري. ان قسم جون ڳالهيون اسان جي ايشيائي ملڪن جي ماڻهن کي ضرور عجيب ۽ اعتبار ڪرڻ جهڙيون نہ لڳنديون، جو مون کي بہ پنهنجي ٻنيءَ تي، بندوق ڪلهي ۾ وجهي، پکي مارينديءَ يقين نٿي آيو. پر هتي تعليم حاصل ڪرڻ دوران يا جهاز کي بار بار ناروي، سئيڊن ۽ فنلئنڊ جهڙن ملڪن جي بندرگاهن ۾ وٺي اچڻ بعد سخت Guilty Conscience (احساس جرم) ٿئي ٿو تہ هي مهمان پکي سخت سيءَ کان جان بچائڻ خاطر اسان وٽ اچن ٿا ۽ اسان کين جيئڻ بدران موت ڏيون ٿا. هتي جي خاص ڪري سئيڊن ۽ ناروي جي ملڪن جي ماڻهن جو جن سان منهنجو گهڻو واسطو رهي ٿو ۽ هنن ئي پَڙهن مان هي لکي رهيو آهيان، جانورن توڙي پکين کي چريائپ جي حد تائين چاهين ٿا، خاص ڪري ڪتن کي تہ! دنيا جو ڪهڙو ملڪ آهي، جتي جا ماڻهو اولاد نہ هجڻ جي صورت ۾ پنهنجي ملڪيت جو اڌ ڪنهن اسپتال ۽ اسڪول جي حوالي ڪرڻ جي وصيت لکندا هجن تہ اڌ پنهنجي ڪتي نالي، جنهن سان گڏ هنن پيريءَ ۾ اڪيلائيءَ جا ڏينهن گذاريا.

۽ ان پوڙه ي سخي ۽ پنهنجي وقت جي بيحد سهڻي ءَ عورت بابت تہ لکي چڪو آهيان، جيڪا اسان جي فلئٽن واري بلڊنگ ۾ رهي ٿي ۽ اسان جي چڻ "هوسٽ مدر" هئي. هوءَ پنهنجي پيڻ سان ملڻ لاءِ چار پنج هزار رپيا خرچ ڪري ، پئرس جي ٽڪيٽ بہ وٺي آئي. مالمو کان پئرس جو پاڙو ۽ مفاصلو ڪراچي اسلام آباد کان بہ گهٽ آهي. هاڻ سندس وچڻ ۾ باقي ڪي وچي بہ ڏينهن بچيا تہ شام جو گهر موٽڻ وقت کيس ڏاڪڻ وٽ هڪ سيءَ کان سَٽيل ۽ ڪنيڙاٽيءَ ۾ زخم رسيل هڪ ڳنگ Godwit (Black Tailed) پکي مليو، جنهن کي پنهنجي فلئٽ ۾ ڪٽي آئي. ٻئي ڏينهن سندس پريشاني جو سبب پڇڻ

تي هن اسان سان ڳال ٥٥ ڪئي ۽ پئرس وڃڻ جو به ارادو تي لاٿائين ، جيئن هن زخمي پکيءَ جي ملم پٽي ڪري ، هن جي جان بچائي. بهرحال ان ڪم جي ذميواري مون ڪنئي ، جو سندس اسان تي به ڪيترائي ٿورا ٿيل هئا. اهو ٻڌي هوءَ خوش ٿي ۽ پئرس رواني ٿي وئي. آئون سندس غير حاضري ۾ سندس Instruction مطابق سڄو هفتو هن ڪنگ کي صبح شام ملم به هڻندو رهيس ته داڻو به چڱائيندو رهيس. جنهن کي هوءَ پنهنجي بيڊ روم واري باٿ روم جي ٽب ۾ ويهاري وئي هئي. هر ٻئي ڏينهن پئرس مان فون ڪري پڇندي هئي ته سندس، يعني هن ڪنگ جي صحت جو گراف بهتريءَ ڏي وڌي رهيو آهي يا نه. شام جو ڪٽي واندو هوندو هوس پر صبح جي وقت جڏهن يونيورسٽي ءَ کي دير پئي ٿيندي هئي ته هن ڪنگ کي ملم هڻڻ ۽ چُڳائڻ تي ٻرو چڙهي ويندو هو. دل چوندي هئي ته موچڙو لاهي اچي وٺانس. اچا به ڪو طوطي، مور، مينا يا ڪونج ۽ هنج جهڙو ڪو سريلو پکي حوالي ڪري وڃي ها ته به ڪا ڳالهه هئي. دل ته اهو به چوندي هئي ته هن پوڙهي ءَ، امير پر رحمدل عورت کي، ٿورو ماٺهو بنائڻ لاءِ شاهه جو ئي ڪٽي شعر ٻڌايانس ته هيءُ اهو نڪمو ڪنگ آهي ، جنهن لاءِ شاهه لطيف چيو آهي ته:

اڇو پاٽي لُڙ ٿيو، ڪالو ريو ڪنگڻ...

سو ان ڪني ڪنگ لاءِ هيءَ عورت مون تي ڊيوٽي هڻي وئي هئي ته سندس خذمت ڪريان. بهرحال سور پي ڪٽي کيس ملم ته هڻندو هوس، داڻو به ڏيندو هوسانس ، پر پوڙهيءَ جي چوڻ تي سندس ٽب جي چوڌاري سندس ڪو فرينچ عطر اسپري ڪرڻ بدران روزانو پاڻ کي هڻي ويندو هوس. پوڙهيءَ جي موٽڻ بعد منهنجي هڪ ٻن ڪلاس ميٽن جيڪي اهڙن اوچن عطرن جي خوشبوءِ کان واقف هئا ۽ منهنجي ان اوچتي شوق جي تعريف ڪرڻ ۽ داد ڏيڻ لڳا هئا. اهي حيرت مان پڇڻ لڳا ته مون اوچتو ئي اوچتو عطر هڻڻ ڇو بند ڪري ڇڏيو آهي!؟

# ڪاغذي ڪونجن جي ڪرامت

گذريل ڪالم ۾ پاڻ جنهن ڱنگ پکيءَ جي ڳالهه ڪري رهيا هئاسين، اهو يورپ جي اتراهن ملڪن ناروي، ڊئنمارڪ ، سئيڊن ويندي آئس لينڊ جو رهاڪو سڏيو وڃي ٿو. ڪيس يورپ جا ماڻهو ڪاري پڇ وارو "گاڊِ وِٽ" سڏين، پر سندس پڇ فقط ڪارو هجڻ بدران ڪارو ۽ اڇو آهي. سندس چُهنب ڊگهي ۽ سڌي ٿئي ٿي ۽ ٽنگون ڊگهيون اٿس. سندس سائنسي نالو "لموسا لموسا" آهي. سندس ئي جهڙو سندس هڪ ٻيو سؤٽ ماسات به هتي ئي نظر اچي ٿو جنهن جو سائنسي نالو 'لموسا لئپونيڪا' آهي، جنهن کي هتي جا ماڻهو پَٽن وارو گادِ وِٽ سڏين ٿا ، جو هن جي پڇ تي پَٽا نهيل آهن. زولاجي جي هڪ پروفيسر ٻڌايو ته هي پکي اپريل جي ٻئي هفتي کان بيضا ڏيڻ شروع ڪن ٿا ۽ مئي جي ٻئي هفتي کان هنن جا ٻچا نظر اچن ٿا. جيڪي جولاءِ آگسٽ تائين ڪافي وڏا ٿيو وڃن ۽ سيپٽمبر جون ٿڌيون هوائون لڳڻ سان، هي ڪنگ ڏکڻ ڏي لڏپلاڻ شروع ڪن ٿا. سڄو يورپ لتاڙڻ بعد هنن مان ڪي آفريڪا جي ملڪن ڏي سيارو گذارڻ لاءِ لڙيو وڃن ته ڪي ننڍي ڪنڊ جو رخ رکن ٿا. هي ڪنگ اسان وٽ سنڌ ۾ به جتي ڪٿي نظر اچن ٿا. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته هي ڱنگ اڃا به اڳيان انڊونيشيا ۽ ڪي ته آسٽريليا تائين هليا وڃن ٿا ۽ پوءِ فيبروري جي آخر ڌاري پنهنجي وطن ورڻ جي ڪن ٿا. ڱنگن يا ٻين مهمان پکين (Migratory Birds) لاءِ اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي ته هنن جو وطن ڪهڙو آهي. مثال جي ڳالهه ، هنن ڪنگن ي ا ويندي تلور، ڪونجن يا آڙين وغيره کي اسان جي ايشيا جا ماڻهو پنهنجي وطن جو پکي ليکين ٿا. سندن نالا به اسان جي ديس جا آهن ۽ اسان کين پنهنجي ديسي شاعريءَ ۽ ادب ۾ استعمال ڪريون ٿا. هنن جا مثال،

ڦاڪا ۽ کاڌيون نٺيڙ ڪان پنهنجين ايشيائي زبانن ۾ ٻڌندا اچون، پر وري هيڏانهن يورپ ۽ اتر روس ڏي ٿو ڏسجي ته اهي پکي ڇڻ آهن ئي هنن اتراهن ملڪن جا، جن ڪان هتي جو ٻچو ٻچو واقف آهي. پوءِ يلي اها ڪُوٽ (آڙي) هجي يا ڊيموسيل ڪرين (ڪونج)، پوچارڊ (رتابو) هجي يا شاولر (لنگهو) ۽ ٽيل (چيڪلو).

اها مٿين ڳالهه سوچي مون کي پنهنجي هڪ جهاز جو انجنيئر ياد ٿو اچي، جنهن سان گڏ مون ستر واري ڏهي ۾ جهاز هلايا، جن جهازن جو رُوٽ پاڪستان کان هن پاسي ناروي، جرمني، پولنڊ تائين هوند وهيو. هن انجنيئر جون به زالون هيون. هڪ ڏاڏي پوٽي پنجاب جي، جيڪا رحيم يار خان ۾ رهي ٿي ۽ ٻي هتي جي پولش ڇوڪري هئي، جيڪا پولنڊ جي بندرگاهه گڊانس ۾ رهي ٿي. هو چوندو هو ته ، "منهنجي حالت تلهير (Rosy Pastor) جهڙي آهي. منهنجو سال جو ڪجهه حصو پاڪستان ۾ گذري ٿو ته ڪجهه حصو پ ولينڊ ۾. پاڪستان واري زال مون کي پنهنجو همر وطن ٿي سمجهي ته پولنڊ واري پنهنجو سمجهي مون کي پولينڊ مان نڪرڻ نٿي ڏئي."

سو اهو ئي حال هنن مهمان پکين جو آهي. انهن سيني ۾ گهڻو مشهور ۽ سهڻو پکي ڪونج آهي. ائين ته نيرڳ، تلور، راج هنس، آڙي ويندي هنجر، ڊيڻ، فليمنگو ٽرندو، ٻرڻو پوٽي ۽ ڊگو ش به گهٽ سهڻا پکي نه آهن. پر دنيا جي ادب، ڪلچر ۽ ثقافت ۾ ڪونج جو نالو گهڻو ورتو وڃي ٿو، خاص ڪري سنڌ توڙي جپان، چين ۽ ڪوريا پاسي، جتي منهنجو گهڻو وڃڻ ۽ رهڻ ٿيو آهي ، ٻين ملڪن جي گهڻي خبر نه اٿم.

جيئن ٻڪرين جا مختلف قسم ۽ جنسون ٿين ٿيون ، تيئن ڪونجن جون به ڪيتريون ئي جنسون آهن، جن ۾ ٿورو گهڻو قد بت ۽ رنگ جو معمولي فرق رهي ٿو. عام ڪونج جنهن کي انگريزي ۾ "ڪامن ڪرين" (Grus Grus) سڏجي ٿو، هڪ شاهي قسم جو ڊگهين ٽنگن ۽ ڊگهي ۽ ڳچي ۽ وارو پکي ٿئي ٿو. هڪ ميڊيم سائيز ڪونج ساڍن ٽن ڪان چئن سوا چئن فٽن جي ڊگهي ٿئي ٿي ۽ پَر پکيڙي ٿي ته پر جي هڪ پڇڙ کان ٻئي تائين اٺ فٽ ٿيو وڃ ي. ڪونج وزن ۾

ساڍن چئن ڪان ڇهه ڪلو گرام تائين ٿئي ٿي. ڪونجن جو نا چ ۽ ڪُوڪراٽ مشهور آهي. ڪيترن ملڪن ۾ تہ ڪونج وانگر نچڻ کي عبادت ۾ شامل ڪيو ويو آهي. ڪوريا ۾ سيلا گهراڻي ( 646ع) کان ٽونگ ڊوسا مندر جي وراندي ۾ ڪونجن جو ناچ ڪيو ويجي ٿو ، جيئن چينين جي نئين سال تي هانگ ڪانگ، سنگاپور، ملائيشيا چين ۽ تائيوان جهڙن ملڪن ۾ Lion Dance ڪئي ويجي ٿي. جپان جي اتراهين ٻيٽ هَڪيدو ۾ رهندڙ ائينو (Ainu) قبيلي جا جپاني ، خاص ڪري عورتون، ڪونج وارو ناچ ڪن. اسلام کان اڳ ڪعبي ۾ رکيل لات، منات ۽ عزا جي بتن لاءِ چيو ويو ٿي تہ اهي مٿان لٿل ڪونجون (Three Exalted Cranes)آهن، جنهن لاءِ عربي جو لفظ غرانق استعمال ٿيو ٿي.

جپان پاسي ڪونج کي وڏي زندگي ءَ جي نشاني پڻ سمجهيو وڃي ٿو. پوڙهن ماڻهن جي جنم ڏينهن تي هنن کي ڪيڪ يا ڪسٽرڊ مٿان ڪونج ٺاهي پيش ڪيو ويجي ٿو يعني "شل وڏي ماڻهن ڄمار!" هوٽل ۾ گهوٽ ڪنوار اڳيان فروٽ ۽ سلاد مان ڪونج ٺاهي پيش ڪئي وڃي ٿي. چين، ڪوريا ۽ ويٽنام ۾ ڪونج سان گڏ بانس ۽ ڪُمي پڻ ڊگهي ءَ زندگيءَ جي نشاني سمجهي وڃي ٿي. ويٽنام جي شهر هنوئيءَ ۾ "وان ميو" نالي هڪ مشهور مندر آهي، جنهن ۾ هڪ ڪُمي رکيل آهي، جنهن جي پٺيءَ تي، ڇت تائين اتاهين، ڪنهن ڌاتوءَ جي ٺهيل ڪونج بيٺل آهي.

جپان پاسي، جتي ڪونج کي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي، اتي اهي افواهہ مشهور آهن تہ تبت ۾ هڪ خاص ڪونج هئي، جيڪا ايندڙ تيرٿين جي ڏکين سوالن جا جواب ڏيندي هئي. ان جادوئي ڪونج جي هاڻ صحيح خبر ناهي تہ اها ڪٿي آهي يا ان جو ڇا ٿيو ، پر ڪن جو چوڻ آهي تہ هوءَ مٿي جبل جي برفاني چوٽيءَ تي ٺهيل مندر ۾ رهي ٿي. ڪن جو چوڻ آهي تہ هوءَ وڏي ڄمار ماڻڻ بعد مري وئي. ڪن جو چوڻ آهي تہ اها ڪونج مرڻ بعد وري ٻيو جنم ڪاغذي ڪونج ۾ وٺي آئي آهي. جپاني اوري گامي (Origami) ۾ پڻي مان ڪونج ٺاهڻ کي بہ عبادت سمجهن ٿا. Oregami جپان جو ڪاغذ مان مختلف شيون

ناهڻ جو آرٽ آهي، جيئن اسان وٽ چورس ڪاغذ کي ويڙهي (Fold ڪري) پيڙي ناهي وجي ٿي.

جپان ۾ اڄ بہ ڪيترن ماڻهن جو اهو اعتقاد آهي تہ جيڪو ماڻهو ڪاغذ جون هڪ هزار ڪونجون ناهيندو، ڪونج ان جي دل جي هڪ مراد ضرور پوري ڪندي! توهان کي جپان جي ڪيترن ئي ننڍن وڏن مندرن ۾ رنگين پنن جون هزارين ڪونجون لڙڪيل نظر اينديون. ڪونج کي جپان جا ماڻهو وڏو پهتل ۽ پوتر پکي سمجهن ٿا.

ڪاغذن مان ٺهيل هڪ هزار ڪونجن (The thousand Origami Cranes) کي هن ڏرتي جي امن جي نشاني پڻ سمجهيو وڃي ٿو. جيڪا ڳالهہ جپاني ڇوڪري ساداڪو ساساڪي جي ڪهاڻي ڪانپوءِ مشهور ٿي. ساداڪو نالي هڪ ڇوڪري هيروشيما ۾ رهندي هئي، جنهن کي ائٽم بم جي ڌماڪي بعد ائٽمي لهرن جي Radiation ڪري ليوڪيميا ٿي پئي. اسپتال ۾ علاج دوران هن ڪاغذ جون هڪ هزار ڪونجون ناهڻ چاهيون ٿي، جيئن هن جي صحتياب ٿيڻ جي مراد پوري ٿي سگهي. پنهي جي ڪوٺ ڪري هوءَ هڪ هزار ڪونجون ناهڻ کان اڳ مري وئي. هزار مان ڪٿل باقي ڪونجون بعد ۾ هن جي ساهيڙين ناهي پوريون ڪيون ۽ پوءِ ساداڪو کي 25 آڪٽوبر 1955ع تي دفنايو ويو.

ساداڪو جي وفات بعد هن جي ڪلاس ميٽ ۽ ساهيڙين ساداڪو جا لکيل خط وڪڻي ۽ ڪجهہ چندا حاصل ڪري ، هن جي ياد ۾ ساداڪو جي مورتي ٺهرائي، جنهن ۾ هوءَ سونهري رنگ جي ڪاغذي ڪونج کي هٿن ۾ جهليو بيٺي آهي. اها مورتي (Statue) هيروشيما جي امن پارڪ (Peace Park) ۾ لڳل آهي، ان مورتيءَ جي هيٺان انگريزي ۾ لکيل آهي تہ:

This is our Cry. This is our Prayer. Peace in the world

ساداڪو جي هڪ مورتي آمريڪا جي شهر سيئٽل ۾ پڻ آهي. ساداڪو ۽ هن جي ساهيڙين جو اهو ئي اعتقاد هو تہ هن کي جيڪڏهن ڪاغذ ملي وڃن ها ۽ هڪ هزار ڪاغذي ڪونجون تيار ڪري وٺي

**ها تہ هوءَ ڪڏهن بہ نہ مري ها.**

## ولر ڪيو وتن....

نہ فقط جپان ۾ پر اسان وٽ سنڌ ـ هند ۾ بہ ڪونج هڪ اهم پکي ليکيو وڃي ٿو جيتوڻيڪ جپان جيترو بہ هرو ڀرو گهڻو اهم نٿو سمجهيو وڃي. جپاني ماڻهو ڪونج کي پوڄڻ جي حد تائين مڃين ٿا ۽ جيئن گذريل مضمون ۾ لکي چڪو آهيان تہ جپاني ماڻهو ڪونج کي وڏو پير مرشد سمجهن ٿا، جيڪا هنن جي دل جي مراد پوري ڪري ٿي ۽ کين صحت ۽ تندرستي جهڙيون شيون عطا ڪري ٿي. جپان ۾ رهندڙ اسان جي دوست ۽ پاڪستان جي سفير ظفر شيخ کي منهنجي ان ڳالهہ تان هميشہ چڙ ويندي آهي تہ آئون جپانين کي هرو ڀرو ايڏو وهمي ڇو ٿو سڏيان ۽ پاڻ سنڌين کي ڇو نٿو ڏسان. چوندو آهي: "پاڻ وٽ سنڌ ۾ اڄ بہ ان حد تائين شرڪ آهي ، جو ڪيترا ماڻهو رب پاڪ کان پنهنجون ضرورتون گهرڻ بدران وتن پيرن فقيرن ۽ قبرن کي پوڄيندا ۽ هي جپاني رڳو صحت ۽ تندرستي ءَ لاءِ ڀَني جون هڪ هزار ڪونجون ٺا ٺاهين تہ ٺون هنن جي گلا ٿو ڪرين." ان ڪري جپانين جي ان سلسلي ۾ وڌيڪ ڳالهہ ڪرڻ هتي مناسب نہ ٿيندو.

اسان وٽ سنڌ ۾ ڪونج سونهن جو پکي ضرور سمجهيو وڃي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪونج بيحد سهڻو پکي آهي، چاهي اها سائيبريا کان سنڌ ۾ ايندڙ Demoiselle Crane ڪونج هجي (جنهن کي نندڙي ڪنڊ ۾ Grus Grus نالي سان بہ سڏيو وڃي ٿو ) يا جپان ۾ نظر ايندڙ Hooded Crane هجي جنهن کي هو نابي زورو سڏين ٿا. هونءَ فقط ڪونج لاءِ جپانيءَ ۾ تسورو Tsuru لفظ آهي، پر اڳيان ڪو نالو هڻڻ سان "تسو" فقط "زو" ٿيو پوي. جپان ۾ هڪ بي بلڪل سفيد رنگ جي ڪونج بہ نظر اچي ٿي. بلڪ ٽوڪيو اوساڪا کان ميجي ۽ فڪوڪا تائين مون کي تہ اها اچي ڪون ج ئي گهڻو نظر

آئي، جنهن کي جپاني مانازورو سڏين ٿا ۽ هن جو سائنسي نالو Grus Vipio آهي ۽ پهرين واري ڪونج جو Grus Monachus آهي. هونءَ تہ اسان واري ڪونج بہ جپان ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ نہ تہ چڙيا گهرن ۾ تہ ضرور نظر اچي ٿي، جنهن کي جپاني انيهازورو سڏين ٿا. اهي سڀ ڪونجون جپان جي ڏاکڻن حصن ۾ نظر اچن ٿيون، جتي هو سائبيريا کان پهچن ٿيون ۽ سياري جا چار مهينا گذاري روانيون ٿيو وڃن، جيئن سنڌ ۾ اهي مهينا گذارين ٿيون. حيرت جي ڳالهہ اِها آهي تہ جپان ۾ Sandhill Crane بہ نظر اچي ٿي ، جيڪا ڪئناڊا کان سيارو گذارڻ لاءِ جپان پهچي ٿي. اهو سفر جهاڳڻ لاءِ هن کي سڄو پئسفڪ سمنڊ لتاڙڻو پوي ٿو!

اسان وٽ سنڌ ۾ ڪونجون روس جي اتر اهن علائقن کان اچن ٿيون ۽ پهرين قزا ڪستان جي ڍنڍن ۽ آماجگاهن ۾ پنهنجو مختصر قيام ڪري، پوءِ انڊس فلاءِ وي ذريعي هجرت ڪن ٿيون. هو افغانستان واري رستي هندوڪش ۽ قراقرم وارن جابلو سلسلن وچان اڏامنديون ، اچيو سنڌو درياهہ جو پيٽ وٺن. ڪجهہ ڪونجن جا قافلا افغانستان وٽان ايران ڏانهن مُڙي وڃن ٿا، جتان ايران جي صوبي سيستان ۽ بلوچستان مان ٽپي اسان واري بلوچستان ۾ داخل ٿين ۽ ڪوئيٽا، سبيءَ مٿان اڏامي منڇر ۽ ناري جي ڍنڍن تي اچيو لهن.

بهرحال سنڌ ۾ ڪونج کي ڪورين، جپانين ۽ ويٽنامين وانگر پوڄڻ جو پکي تہ نہ ، پر سونهن جو پکي ضرور سمجهيو وڃي ٿو. ڏڳهي ءَ ڳچيءَ واري عورت کي هميشہ ڪونج جي ڳچي ءَ سان مشابهت ڏني وڃي ٿي. هو راڳ تہ توهان ضرور ٻڌو هوندو:

ڪونج پکيءَ جا پار اٿئي،
سنهڙي ڳچيءَ ۾ هار اٿئي.

اتر ٿائلينڊ جون عورتون بہ، خاص ڪري چانگمائي ۽ چانگ رائي علائقن جون ڇوڪريون، ڳچيءَ ۾ گول ڇلا چاڙهي ، ڳچيءَ کي ڪونج وانگر ڏگهو ڪن ٿيون. شاهہ لطيف تہ سر ڏهر ۾ خاص طور ڪونج پکيءَ کي ڳايو آهي. چي:

ڪونجڙي ڪالهہ لهئين، سجڻ وڏم چت،
آئون جنين ريءَ هت، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

ائين تہ ڪونج کي جپان ۾ بہ خوب شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي. جپان جي هڪ مشهور شاعر ماتسو باشوءَ جو هائيڪو آهي:

ڪونيتسونو
تسورو آئوزورا
تادا يوئيري
(ست بخار...
تري رهي آهي ڪونج
نيري آسمان ۾.)

جپان ۾ ڪونج نہ فقط باعزت ۽ ديويءَ جو رتبو رکي ٿي ، پر هوءَ سونهن ۽ وڏيءَ ڄمار جي بہ علامت سمجهي وڃي ٿي. ۽ هتي جپان ۾ هر وقت خراب موسم، جهڙ ڦڙ ۽ طوفاني هوائن ۾ آسمان جو صاف ۽ نيرو نظر اچڻ قدرت ۽ هن دنيا جي بهترين ۽ آئيڊل حالت سمجهي وڃي ٿي. سو ڪو ڪٽي بيمار هجي (هن کي ست بخار هجن)، پر تادا يوئيري (نيري آسمان ۾) تسورو آئوزورا... يعني اڏري رهي آهي ڪونج، هڪ آدرشي ماحول آهي. اهو نظارو ڀَسي هو خوش ٿيو وڃي.
ساڳي شاعر ماتسو باشو جو هڪ ٻيو شعر (هائيڪو) آهي، جنهن ۾ پڻ هن ڪونج (Tsuru) جو ذڪر ڪيو آهي، ڇي:

سامي داري ني (اونهاري جي آڳاٽي مينهن ۾)،
تسورو نو آسِهي (ڪونجن جون ٽنگون)،
مِي جي ڪا ڪُوناري رِي (ٿي ويون آهن ننڍڙيون).

يعني، مينهوڳي جي موسم ۾ بارش ڪري ڪيت پاڻيءَ سان ڀرجي ويا آهن ۽ انهن ۾ بيٺل ڪونجن جون ٽنگون ننڍيون لڳي رهيون آهن.
ڪونجن بابت مون وٽ ٻن انڊين شاعرن جا شعر نوٽ ٿيل آهن، جيڪي آمريڪا ۾ رهن ٿا ۽ اتي جي ڪنهن رسالي ۾ ڇپيا هئا. هڪ روحان بينڌري جو آهي، جنهن جي شعر جو عنوان آهي: مور ۽ ڪونج:
There goes picture

The peacock looks at sea,
He sees his image
No body is as beautiful as me
There comes crane
Ha ha ha, it may be true
But when I am in danger I can Fly
You cannot.

۽ هي ٻيو ٽِسٽو آهي، جنهن جي شاعره جيوتي سنيت چوڌري آهي:

Starving Crane
In the shallow stream
Fishing Food.

اسان وٽ جيڪي سنڌ ۾ ڪونجون اچن ٿيون، جن کي يورپ پاسي Demoiselle Cranes سڏيو وڃي ٿو، عام ڪونج (Grus Grus) کان ڪجهه ننڍيون ٿين ٿيون. سندن قد ٽي فٽ کن مس ٿئي، وزن ٻه کان ٽي ڪلو ٿئي . سندن رنگ هلڪو نيراڻ تي مائل سليٽي ٿئي. اک کان وٺي ڳچيءَ جي پٺ تائين اڇي رنگ جا ننڍا کنڀ ٿين ۽ اکيون نارنگي رنگ جون ڳاڙهسريون ٿين. جپان ۽ ڪئناڊا پاسي جي Sandhill ڪونجن جي چهنبن کان سنڌ ۾ ايندڙ هنن ڪونجن جون چهنبون ننڍيون ٿين. سندن ٽنگون ۽ پيرن جا پٻ ڪاري رنگ جا ٿين. هنن ڪونجن جا نر ۽ ماديون هڪجهڙيون ٿين ۽ پري کان اهو سڃاڻڻ ته ڪهڙو پکي نر آهي، ڪهڙو مادي ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ايترو ضرور آهي ته نر پکي قد ۾ ماديءَ کان ٿورو وڏو ٿئي ٿو. هي ڪونجون اتراهن علائقن جو پکي آهي ۽ گهٽي ۾ گهٽو اوڀر ايشيا (سائيبريا پاسي)، قزاکستان (وچ ايشيا) ۽ ڪالميڪيا (بحر اسود ۽ ڪئسپين سمنڊ جي وچ واري ح صري) ۾ ٿئي ٿو. ڪونجون ترڪيءَ ۾ پڻ چڱي تعداد ۾ ٿين ٿيون، جيڪي پڻ سياري جي موسم، سنڌ ۽ ڪڇ گجرات ۾ گذارڻ لاءِ ايران ۽ پاڪستان جي بلوچستان وارن صوبن مان ٿي سنڌ ۾ پهچن ٿيون، جن لاءِ اسان وٽ ڪن ماڻهن جو اهو خيال آهي ته اهي ڪي ڪوئيٽا ۾ رهن ٿيون. ٻين ڪونجن وانگر سنڌ ۾ ايندڙ هي ڪونجون به نچڻ ٽپڻ ۽ ٻولڻ ۾ مشهور آهن. جپاني ڪونجن ۾ نچڻ واري ٽرڙپائي فقط نر پکي ڪري ٿو. اسان وٽ سنڌ ۾ به نر، ماديءَ کي

Imprees ڪرڻ لاءِ ڊانس وارا Show ڪري ٿو پر ان کي، ان ڪم تي آڻڻ لاءِ ناچ جي شروعات مادي ڪري ٿي. ۽ هر نر پکي ءَ جي سڏ تي، مادي پکي ڳوڪي هن کي هڪ دفعو ورندي ڏئي ٿي.

ڪونجن جو پاڻ سان پيار مح بت ۽ ولر ڪري اڏامڻ ۽ داڻو پاڻي حاصل ڪرڻ، ڪڙم قبيلي جي ٻَڌي ءَ ۽ پيار جي علامت بنجي پيو آهي. هنن جي اها ٻَڌي ڏسي شاهہ لطيف بہ فرمائيو:

وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهئنان ميٺ گهڻو.

شاهہ صاحب ڪونج پکي ءَ کي پيار کان ڪونجڙي بہ سڏي ٿو ۽ پنهنجن بيتن ۾ ان نالي سان بہ ياد ڪري ٿو:

قسمت آنديون ڪونجڙيون، وطن جنين روهہ،
ڪونهي ڪنهن جو ڏوهہ، رزق رازق هٿ ۾.

## اسان کان اسان جا پکي رُسندا وڃن

ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيندو آهيان تہ ڪي ڪي اهڙا جانور آهن، جهڙوڪ ياڪ ڍڳو، لاما، اورانگ اُتان (ماڻهوءَ سان سڀ کان گهڻو ملندڙ پولڙو) پانڊا، ڪئنگرو يا وري ڪيترائي پکي، جهڙوڪ بهشتي پکي (Bird of Paradise) ۾ مختلف ڪاڪاتئا (وڏا طوطا Cockatto)، پينگئن وغيره وغيره، جن کي ڏسڻ لاءِ اسان کي انهن جي وطن نيپال، برازيل، سراواڪ (ملائيشيا)، چين يا آسٽريليا وڃڻو پوي ٿو. اها بہ ڳالهہ آهي تہ اهڙن جانورن يا پکين مان ڪو هڪ بہ ڪٿي اسان جي حيدرآباد، ڪراچيءَ يا لاهور واري چڙيا گهر ۾ هجي ، پر اها اسان جي خوش قسمتي آهي تہ مهمان پکي (لڏ پلاڻ ڪندڙ Migratory Birds) جن جو وطن ڪٿي سئيڊن، ڊئنمارڪ، آئس لينڊ، ڪئناڊا يا سائيبيريا هجي، انهن کي ڏسڻ لاءِ اسان کي هنن جي ملڪ ۾ وڃڻو نٿو پوي، اهي سهڻا سهڻا ۽ رنگين پکي، هر سال پاڻ پسائڻ لاءِ ہ زارن جي تعداد ۾، هزارين ميل اڏامي اچيو اسان وٽ نڪرن. چا تہ قسمين قسمين بدڪون، ٻگهہ، نيرڳ، چيڪلا، هنجر، ٻهاڙون، ڳيٽا، لنج، هنج، هنس، ڊگوش ۽ پيڻ پکي آهن. هي سڀ اتراهن ملڪن کان اتي جي پاري جهڙيءَ ٿڌ کان پڄي، سياري جا چار مهينا اسان وٽ گذارڻ لاءِ اچن ٿا.

اتراهان ملڪ: روس، ناروي، سئيڊن، فنلئنڊ، ڊئنمارڪ، پول يڻڊ جهڙا، جن ۾ منهنجو ڪيترائي دفعا وڃڻ ٿيو آهي ۽ ڪيترن ۾ تہ وڏو عرصو رهڻ بہ ٿيو آهي، اتي هي لڏپلاڻ ڪندڙ پکي اونهاري ۾ ضرور نظر اچن ٿا ، پر انهن مان ڪهڙو ملڪ آهي ، جنهن ۾ ايترا سارا مڙيئي پکي نظر ايندا هجن، جيترا سياري ۾ سنڌ ۾ نظر اچن ٿا؟ ناروي، ڊئنمارڪ، فنلئنڊ ۽ ٻين ملڪن ۾ اهي پکي آهن ضرور ، پر ڪي

جنسون ڪنهن ملڪ ۾ تہ ڪي ڪنهن ۾. اهو اسان وارو سنڌ، ڪڇ، گجرات آهي ، جتي مٿين مڙني ملڪن جا پکي اچيو ٿا گڏ ٿين. پنهنجين مٺين لاتين سان اسان جو من ليائين، پنهنجن سهڻين شڪلين ۽ رنگن سان ماحول کي وڻندڙ بنائين ۽ اسان خاص ڪري سنڌ جا ماڻهو جنهن بيدرديءَ سان انهن جو قتلِ عام ٿا ڪريون، ان، هنن مهمان پکين کي پنهنجي جوءِ مٽائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. اسان وٽ شڪار ڪرڻ جو نہ قاعدو قانون آهي ۽ نہ ان تي عمل ٿئي ٿو. هر ڪو ڏاڍو ۽ گابو آهي. ڪنهن کي بہ ڪو خيال نٿو ٿئي، ڪا همدردي نٿي ٿئي تہ اسان ڇو هر پکيءَ کي مارينداوتون. پکي ڪي انب يا زيتون تہ نہ آهن، جو انهن کان پلي سڄو وڻ خالي ڪري ڇڏيون، تہ بہ ٻئي سال اهي وري اوترا ڦٽي تيار ٿيندا. هيڪاندا پکي مارڻ سان هنن جو نسل هڪ طرف ختم ٿي رهيو آهي تہ ٻئي طرف هو ڊپ ڪري اسان وٽ اچڻ ڇڏيو پيا ڏين. ساڳيو بہ ٿي سو ميل پري ڪڇ، گجرات ۽ انڊيا جي ٻين علائقن ۾ هي پرديسي پکي پنهنجو پاڻ کي محفوظ سمجهن ٿا. هو آهستي آهستي هيڏانهن اچڻ بدران انڊيا وڃي رهيا آهن. هڪ پکي جيڪو سائيبيريا کان ٽي چار هزار ڪلوميٽر جو فاصلو طئي ڪري سنڌ جي آ يءِ جڳهين تي لهي ٿو ان کي وڌيڪ ٽي چار سوَ ڪلوميٽر سفر ڪري انڊيا وڃڻ ۾ ڪهڙي تڪليف، ڪهڙي رنڊڪ؟ ۽ اهو تہ اسين بہ ٿي ويءَ ۽ اخبارن ۾ پڙهون پيا تہ انڊيا پکين ۽ جانورن جي حفاظت ڪرڻ ۾ ايڏو سخت آهي ، جو سلمان خان جهڙي مشهور ۽ ماڻهن جي دلين تي راج ڪندڙ هيرو کي بہ غير قانوني طرح شڪار ڪرڻ تي جيل ۾ اماڻي ڇڏيو. اسان وٽ ڇا تہ اونڌو منظر آهي... اسين تہ انهن پکين جي مار مارا ڪريون ٿا ، پر پنهنجي لئِ ي رکڻ لاءِ، چمچا گيريءَ لاءِ يا چند ڏوڪڙ ڪمائڻ لاءِ، وتون هھڙن سهڻن مهمان پکين کي ٻين کان بہ مارائيندا ۽ ڊيڇاريندا. ٻيو تہ ٺهيو پر ڏارين ملڪن جي امير عربن کي گهرائي انهن کي کُلي عام ڇ وٽِ ڏئي ڇڏينداسين تہ وتن ملڪ کي پيڪلينداهو. هو نہ رڳو اسان جي جهنگلي جيوت تباهہ ڪن ٿا، پر انساني حقن تي بہ ڌاڙو هڻن ٿا. ڪيترائي اهڙا واقعا اخبارن ۾ اچي چڪا آهن، جن ۾ عورتن جي وڪري ۽ زوريءَ زنا

لاءِ نشاندهي ڪئي وئي آهي.

گذريل سال دبئي وڃڻ ٿيو، جتي اُتي جي مشهور ڊاڪٽر قادر سرڪي صاحب مون کي دبئي جي ڀراڙي هلي ڏيکاري، جتي عربن جا پراڻي زماني جا گهر به آهن. خير ڀراڙيءَ مان منهنجو مطلب گهاٽو جهنگ يا ڪچو ڳوٺ نه هو. پر چوڏاري پڪا رستا ۽ اسٽريٽ لائيٽون به هيون. مون کي اهو ڏسي حيرت ٿي ته پڪن رستن جي ڪنارن تي توڙي چوراهن تي، انيڪ تتر ائين ڦُڙگي رهيا هئا. جيئن سئيڊن جي رستن ۾ بس اسٽاپن تي ڪيترن ئي قسمن جون بدڪون، هنجر ۽ رتنبا ماڻهن جي پيرن ۾ بيٺل بسين ۾ ٽئڪسين جي ڦيٿن وٽ بي ڊپا ٿي چُڳندا آهن. مون پنهنجي ميزبان کي چيو ته عرب هيڏو خرچ ڪري اسان وٽ ٿا اچيو پکي مارين، هي ته هتي ئي هر گهٽيءَ اڳيان سوين تتر ائين پيا هلن، جو اسان وٽ ڪانگ ۾ ڪبروُن به نه هلن. ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو ته هو پنهنجي ملڪ جي پکين توڙي پرديسي پکين جو خيال ڪن ٿا. جيئن يورپ جا ماڻهو پکين جو خيال ڪن ٿا. هتي جي عرب قانون مطابق هنن پکين کي هُش هُش ڪري ڊسٽرب ڪرڻ به ڏوهه جو ڪم آهي.

”۽ پلا هتي دبئي ۽ ابوظبيءَ ۾ اسان جي پاسي جا هيترا سنڌي، بلوچ، پٺاڻ، بنگالي ۽ تامل پيا ڦِرن، جيڪي پنهنجي ملڪ ۾ ڪبوتر ۽ ڳيري کي به نٿا ڇڏين، انهن کي ته هي تتر ڏسي وات ۾ پاڻي ايندو هوندو؟ مون پڇيو.

”پلي وات ۾ پاڻي اچين“، ڏُل، جيڪب آباد جي ڊاڪٽر سرڪيءَ کلندي چيو، ”پر ڪو هتي جي پکين کي هٿ به ته لائي ڏيکاري. جيل جي سزا بعد ڪيس هتي هڪ ڏينهن به رهڻ نه ڏنو ويندو.“

دل ۾ مون سوچيو ته پوءِ اسان وڏا جاهل آهيون ۽ اسان جو ملڪ، جيڪو ائين لڳي ٿو ته بنهه ڪو نڌڻڪو هجي ۽ جنهن کي هر ڌاريون ماڻهو پنهنجي پراپرٽي سمجهي ٿو. جو جنهن کي وڻي ٿو اهو هليو اچي ٿو ۽ جيئن وڻي ٿو ائين ڪري ٿو. قاعدي قانون هوندي به هنن کي ڪا پرواهه نٿي رهي! شايد اسان جي ملڪ جو هر قسم جو قانون ۽ پوليس سندن ڪيسي ۾ ٿي رهي! دبئيءَ ۾ تترن ۽ ٻين پکين کي ائين هلندو

ڏسي اکين کي فرحت پئي آئي. دل ٿي چيو تہ ڪاش اسان جي ملڪ ۾ بہ قانون تي عمل هجي ها ۽ اسان جي ماڻهن خاص ڪري شڪارين کي ساڃهہ هجي ها تہ هوند اسان جي ڍنڍن جي ڪنارن تي بہ قسمين قسمين رنگين پکي ائين نظر اچن ها جيئن هتي دبئي ۾ يا سئيڊن ناروي ۾ ڏسون ٿا. پر افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ دنيا جا سهڻا پکي اسان جي ملڪ ۾ هوندي بہ گهٽين، روڊن رستن ۽ وڻن ٽڻن تي جيڪي ٿورا پکي نظر اچن ٿا، اهي فقط ڪبرون ۽ ڪانوَ وڃي بچيا آهن! شاهہ لطيف جو هڪ بيت آهي:

جتي ماڻڪ ماڳ، تتي چورن تڪيو،
سنئون تن سياڳ، امل جن اوياهيو.

يعني، جتي ماڻڪ موتي هوندا، اُتِ چورن جا بہ ٿاڪ هوندا. خوش نصيب آهن اهي ماڻهو (قومون)، جن پنهنجا موتي ڦُرجڻ کان بچائي ورتا آهن.

سانگهڙ جو انگريزي جو پروفيسر ۽ مشهور ليکڪ امر لغاري (سڄو نالو محمد يعقوب لغاري) هنن پرديسي پکيئڙن جي سنڌ ۾ آمد گهٽجڻ جو سبب اهو ٻڌائي ٿو تہ هنن کي اسان وٽ سُک جو ساهہ کڻڻ نٿو ڏنو وڃي- بقول هن جي:

اسان جي علائقي جي بدقسمتي اها آهي تہ هتي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪي بہ اصول ڪونهن . جنهن جي هٿ ۾ بندوق آهي، سو پنهنجي ليکي ئي شڪاري آهي. نہ کيس ڪانيري جي تميز ، نہ وري ڪنيپي جي. همراهہ جي هٿ ۾ بندوق آهي تہ پوءِ هن کي نڪاءُ ضرور ڪرڻو آهي. شڪار ڪاتو ڏڙا ڏڙ پرمٽون جاري ڪندو رهي ٿو جيڪو هزار روپيا ڪٽي اچي ، سو پرمٽ جو مالڪ آهي... پکين جي رَسڻ کان اڳ ئي همراهہ ڍنڍن جا چڪر ڪاٽيندا رهن ٿا ، ان ڪري پکين جو هڪ تمام وڏو تعداد نارو ڪينال يا منڙائو واهہ ڏيئي بدين جي ساحلي علائقي وارين ڍنڍن ڏانهن روانو ٿي وڃي ٿو. اتان پوءِ پارت جي راجستان ۽ گجرات وارن علائقن جي ڍنڍن تائين پڄي پهچي ٿو جتي کين مڪمل تحفظ ملي ٿو. هڪ سروي مطابق اسان وٽ هاڻ ستر واري

ڍاڪي جي چوٿين حصي جيترا ڀڪي بہ ننڍا لھن. وڏو ڀڪي تہ ماڳھين جوءِ ئي ڇڏي ويو آھي ، پر حڪومت ۽ مقامي ماڻھو جيڪڏھن پنھنجين حدن وارين ڍنڍن ۾ آبي گاھن تي سختيءَ سان رَک ڪن ۽ ياريون نہ ملھائين تہ مستقبل ۾ اسان جو نئون نسل ھڪ دفعو وري اھي خوبصورت ڀڪي ڏسي سگھندو جيڪي اسان جي روين ۽ عملن سبب روسامو ڪري ھليا ويا آھن.

## نَر تلور وچي ٻي مادي تاڙيندو

گذريل مضمون ۾ مون پرديسي پکين مان سڀ کان سهڻو پکي ڪونج کي قرار ڏنو آهي ۽ ان بابت ڪجهه لکيو اٿم ، پر هاڻ پيو سوچيان تہ ضروري ناهي تہ لڏ پلاڻ ڪندڙ پکين ۾، سيني لاءِ سهڻو پکي ڪونج هجي. جپان ۾ رهڻ ڪري ۽ هنن جو ڪونج بابت عبادت جي حد تائين پيار، ڪونج بابت جپاني راڳ، جپاني ادب ۾ ڪونج بابت ڪهاڻيون ۽ شعر توڙي شاعري هڪ طرف پڙهي ۽ ٻ ڏيئي پاسي ٽوڪيو مان وهندڙ سمدا نديءَ جي ڪپر تي، ڪونجن جا ناچ ٽپڪا ۽ Mating Dances ڏسي ، مون کي هي پکي سهڻو لڳي ٿو. ان ڪري ڪونج کي مون ٿاپ جو سهڻو ۽ پيارو پکي ڪٺي لکيو آهي، جيڪو منهنجو پنهنجو ذاتي خيال آهي ، نہ تہ ڏٺو وڃي تہ سنڌ ۾ ايندڙ ٻيا پرديسي پکي بہ گهٽ سهڻا نہ آهن. ۽ پلا جي پهرين نمبر تي ڪ رڪي ڪونج آهي تہ ٻئي نمبر تي تلور، آڙي، هنجر، ٻرڻو ٽرندو پوٽي، ڏگوش، چيڪلو سينڊر، ڳوهر، رتنبو... ڪهڙو پکي چئي ڪهڙو ڇڏجي. اهي سڀ پکي اسان جي سنڌ ۾ ايندا رهن ٿا ، پر افسوس جو انهن لاءِ اسان کي ڪو قدر نہ آهي. اهي پکي اسان وٽ سنڌ ۾ مهمان ٿي اچن ٿا تہ هنن جي خدمت چاڪري ڪرڻ بدران اسان سندن سک ڦٽايو ڇڏيون. بقول عزيز سولنگيءَ جي سياري جي موسم شروع ٿيندي ئي نہ صرف شڪار جا مقامي شوقين پر نار (Gulf) وارين رياستن کان بہ ڪيترائي شڪاري پنهنجن بازن ۽ حريص نگاهن سان سنڌ جو رخ ڪن ٿا ۽ پوءِ ڪڏهن بلوٽ جي بيرحم چنبن ۾ ڪا تلور ڦٿڪڻ لڳي ٿي تہ ڪڏهن دولت جي مقتل گاهہ مان، آمي، ڦاپي ۽ شهناز جو سرد جسم موٽي ملي ٿو...

بهرحال پکين سان اهو ظلم اسان وٽ ٿو ٿئي ، پوءِ اهو پکي ڪٺي

ڪونج هجي يا آڙي، تلور هجي يا راج هنس . جپان يا سئيبرن جهڙن ملڪن ۾ جي اسان جي ملڪ ۾ اچڻ وارو ڏگوش (Pintail) يا نيرڳ (Mallard) اچي نڪري ته جيڪ ر ان کي به هو سوروءَ (ڪونج) وانگر لک عزتون ڏين. مسز خورشيد حميد ڏهر جو پر ڏيهي پکين سان ورتاءَ بابت ڪاوش اخبار ۾ مضمون پڙهيو هوم، جنهن ۾ هوءَ لکي ٿي ته هي ناياب ۽ حسين پکي پنهنجي افاديت ۽ انفراديت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن، پر اسان جي وحشي خواهشن انهن بي زبان گگدامن جي نسل کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. اڄ کان ٽيهارو کن سال اڳ جڏهن ڍنڍن ۽ درياءَ ۾ پاڻي جام هوندو هو ته لکين پکي اتي اچي آرامي ٿيندا هئا. درياءَ ۽ ڍنڍون ته پکين سان ڀريون پيون هونديون هيون ، پر ارد گرد جا وڻ ۽ ٽڪر به پکين سان سٿيا پيا هوندا هئا ۽ اهڙو ته دلفريب منظر هوندو هو، جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. ڪاش ان زماني ۾ وڊيو هجي ها ته شايد اسان پنهنجي نئين نسل جي بهتر رهنمائي ڪري سگهون ها ۽ کين ٻڌائي سگهون ها ته فطرت ڪيتري نه حسين آهي، جنهن کي اسان هٿ وٺي برباد ڪري رهيا آهيون. شڪار ته تڏهن به ٿيندو هو ، مگر ڪو شوقين ورلي پاڻ وٽ اهو شوق پورو ڪندو هو ، پر هاڻ ته قاعدا قانون سخت هوندي به هر ڪنهن جي هٿ ۾ بندوق آهي.

پکين جي بچاءَ لاءِ اسان وٽ جهنگلي جيوت (Wild Life) جي بچاءَ جو کاتو آهي، جنهن کاتي جا، هنن ناياب پکين جي سلامتي لاءِ ڪجهه قانون به ٺهيل آهن. جيئن:

- ڪنهن به اهڙي پکيءَ يا جانور جي شڪار جي اجازت ناهي هوندي، جنهن کي جهنگلي جيوت جي کاتي تحفظ فراهم ڪيو هجي. پرمٽ بنا ڪنهن به پکيءَ يا جانور کي مارڻ قانوني ڏوهه آهي.
- ڪنهن به جانور يا پکيءَ کي ڇار، ڳُنڊي يا آٽوميٽڪ هٿيار سان مارڻ تي بندش آهي، سواءِ ٻارهن بور جي بندوق جي يا پوائنٽ ٽوٽو رائيفل جي، ان کانسواءِ ڪنهن به طريقي سان شڪار ڪرڻ ڏوهه آهي.
- ڪنهن به جانور يا پکيءَ کي ڪنهن به قسم جي گاڏيءَ تي سوار

ٿي يا گاڏيءَ اڳيان 200 گزن تائين شڪار ڪرڻ ڏوهه آهي.

- ڪنهن به جانور يا پکيءَ کي سج اڀرڻ کان اڳ يا سج لهڻ کان پوءِ شڪار ڪرڻ منع آهي.

پر بقول نورين جي، جنهنجو "پرڏيهي پکين جي ميزبان سنڌ" تي لکيل مضمون ڪنهن اخبار ۾ پڙهيو هوم، ته اڪثر ڏٺو ويو آهي ته بااثر ماڻهو يا عادي شڪاري، مقرر ڪيل اصولن جي پرواهه ڪرڻ بنا انهن منع ڪيل جانورن ۽ پکين جو به شڪار ڪن ٿا، جن کي وائيلڊ لائيف کاتي پاران تحفظ فراهم ڪيل هوندو آهي.

نورين پنهنجي ان مضمون ۾ لکيو آهي ته هنن پرديسي پکين جي شڪار ڪندڙن ۾ اعليٰ سرڪاري عهديدار، قبائلي سردار، رئيس، وڏيرا ۽ مهمان، خاص ڪري عرب شامل آهن. ڪيترن عرب، شڪاري علائقن ۾ بنگلا ٺاهي رهيا آهن، جتي ڪيترائي شڪاري باز رهن ٿا. هڪ اندازي موجب هر سيزن ۾ 15 کان 20 هزار تلور پکي شڪار ڪيا وڃن ٿا، جنهن ڪري انهن جو نسل آهستي آهستي ختم ٿي رهيو آهي.

هونءَ پرديسي پکين تي سڀ کان گهڻو مارو تلور پکيءَ تي ٿئي ٿو. تلور کي انگريزي ۾ Houbara Bustard سڏجي ٿو. "ٿر جي سير" واري مضمون ۾ موهن گياني هن پکيءَ لاءِ لکي ٿو ته

تلور پکي ٿر ۾ چ ڊو ٿيندو آهي. نومبر ڌاري ايندو آهي ۽ اپريل جي پڇاڙيءَ ۾ موٽي ويندو آهي. مطلب ته هي سردي گذارڻ لاءِ ايندو آه ي. هن جو قد وڏي نَر ڪڪڙ جيڏو ٿئي ٿو. پري کان بندوق سان شڪار ڪبو آهي، ويجهو وڃڻ سان اڏامي ويندو يا اهڙي ءَ طرح ڪنهن ٻوٽي ۾ چپ هٽي ويهندو، جو ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ايندو. هي ڌرن ۾ گهڻو وقت پٽ تي چوڻ ڪندو رهندو آهي. بعضي اٺ جي گرتگ سان شڪار ڪبو آهي. هن جو گوشت لذيذ ٿئي ٿو. هونءَ به ٿر ۾ هر قسم جو گوشت لذيذ لڳندو آهي ، جو ڪڏهن نصيب ٿئي ٿو..."

عزيز سولنگيءَ هن پکيءَ لاءِ پنهنجي هڪ مضمون "پرديسي پکي ۽ بي حسيءَ جي ڊگهي اڏام" ۾ لکي ٿو ته

شڪاري پاليل باز وسيلي ناياب پکي تلور جو شڪار ڪن ٿا.
جيتوڻيڪ اها جڳ جهان کي خبر آهي تہ تلور جو گوشت نہ غير معمولي ذائقي وارو آهي ۽ نہ وري جسماني سگهہ جي لحاظ کان اهو ايترو بي انتها ڪارائتو آهي، ان جي باوجود بہ هزارين ڪلوميٽرن کان ڪهي ا يندڙ تلور جو شڪار ڪرڻ جو بنيادي سبب اذيت پسنديءَ واري جذبي جي تسڪين آهي. البتہ تلور بابت اهو ٻڌايو وڃي ٿو تہ تلور زعفران کائي ٿي، جنهن ڪري ان جي گوشت ۾ هڪ خاص قسم جو هڳاءُ موجود رهي ٿو. ڪوهستان جي هڪ پيرسن شڪاريءَ ٻڌايو تہ تلور پکي پنهنجي حياتيءَ ۾ وڏيڪ نہ تہ هڪ دفعو ضرور انهن علائقن جو رخ ڪري ٿو جتي زعفران جي پوک ٿئي ٿي. حقيقت اها آهي تہ پکين ۾ تلور ئي اهڙو واحد پکي آهي ، جيڪو آخري پساهن تائين باز سان مزاحمت ڪري ٿو ۽ شڪاري ان کي باز جو مقابلو ڪندي، وڙهندي، تڙپندي ۽ مرندي ڏسي تسڪين حاصل ڪن ٿا. ان جون وڊيو موويز پريون وڃن ٿيون. بلڪل ائين ئي جيئن نار وارن ملڪن ۾ ائن جي ڊوڙ ۾ معصوم ٻارڙن کي اٺ تي چڙهائي ڇڏيو ويندو آهي جي دوران ٻارڙن جي دانهن ۽ رڙين مان مزو ورتو ويندو آهي..."

تلور بابت تفصيلي طرح امر لغاريءَ پنهنجي ڪتاب "ناري جي ڪناري" ۾ لکيو آهي تہ تلور (Houbara Bustard) جي ڇاتي نيري آسماني رنگ تي ٿئي ٿي، جنهن مٿان هيٺ لڙڪندڙ کنڀ نظر ايندا آهن. تلور جي اک نهايت خوبصورت ٿئي ٿي ۽ هوءَ وزن ۽ قد ۾ ڪڪڙ (نر) جيڏي ٿئي ٿي، پر هن جون ٽنگون ان کان وڏيون ٿين ٿيون. چنبو ننڍو ۽ اسپنجي ٿئيس ۽ ڪڙيءَ وٽان آڱوٺو ڳولئي نہ لڀيس. سندس ڳچي ڊگهي ۽ پٺ واريءَ جهڙي رنگ تي ٿئيس ۽ ان مٿان انگريزي جي اکر V جهڙي شڪل جا هلڪا هلڪا دٻڪ ٿينس. پٺ جا کنڀ لسا ۽ هيٺ تي مڙيل ٿيندا اٿس. مادي نر کان ننڍي ٿئي ٿي ، پر رنگ ۾ هڪ جهڙي ٿئي. تلور جو هيٺيون ڌڙ سفيد ٿئي ۽ پڇ تي ڪارا چورس ٽڪا ٿينس. مٿي جو تاج ڪارڙو پر سفيد لڪير سان هيٺ ورندڙ ٿئي. ڳچي هيٺان ڪمان جيئن لڙڪندڙ کنين جو ڇڳو سندس خاص نشاني آهي.

تلور سڀ کان وڌيڪ ڄانيي جي فصل ۾ پوءِ توريي کي اهميت ڏئي ٿي. ان کانپوءِ ٻڄن کي ۽ پوءِ ٻوٽن جي گوئنچن کي ، جي اهي ٻه نه مليس ته پوءِ ٻين ساهه وارن تي ورندي. ٽنبڻ، ڏينيو مکڙ ۽ ٻيا کيترائي جيت جٺا سندس بک اجهائڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا. نئين آيل تلور کي جيڪي کجهه هٿ اچي ٿو اهو کائي ٿي. پوءِ بهتر کاڌي جي ڳولا ۾ رات جو آس پاس وارو علائقو گهمي ڦري ڏسندي آهي. چڳڻ مهل صفا جهاپي ٿي نٽي هلي، پر هر طرف لڱا هڻندي رهي ٿي. ماٺهو يا مال جي کڙکي تي پڙکو کائي اڏامي ٿي يا چنبين تي زور ڏئي کنهن ٻوڙي جي آڙ وٺندي. تلور کڏهن کڏهن اکيلي به چڳندي آهي. جيکڏهن پنهنجي ساٿيءَ کي سڏڻ جي ضرورت پوندس ته گلي مان ”ٽک ٽک“ جو آواز کيندي.

امر لغاري صاحب تلور پکي بابت وڌيڪ لکي ٿو ته بازن وارو عرب شيخ هن جو سڀ کان وڏو دشمن آهي. هو تلور کي شکري بازيءَ لاءِ استعمال کري ٿو. هو ان کي ”ڊيکواء برڊ“ طور کتب آڻي باز جهليندو آهي. سنڌ ۾ تلور ختم ٿيڻ جا کيترائي سبب آهن، پر اڄوکي دؤر ۾ اسمگلنگ هن جي سڀ کان وڏي دشمن آهي. تلور پاڻ به اسمگل ٿئي ٿي ۽ ان جا بيضا ۽ ٻچا به عرب ملکن ڏانهن موکليا وڃن ٿا. جهنگ يا ٻيلن جو کٽجڻ يا انهن جو تباهه ٿيڻ، سوکهڙو ڏکار ۽ نيکو وني شکار کرڻ هن جي ختم ٿيڻ جا اهي پڻ کارڻ آهن. تلور ٽي يا چار بيضا ڏئي ٿي. هن جو کوبه آکيرو نه ٿيندو آهي. هيءَ کنهن ٻوڙي هيٺان کڏ کوٽي ان ۾ بيضا لاهي ڇڏيندي آهي ۽ پوءِ پاڻ مادي ئي ان ۾ آري تي ويهندي آهي. نر وچي کا ٻي مادي تاڙيندو آهي.

## امن جا سفير ، محبتن جي علامت

پرديسي پکين (Migratory Birds) بابت هي مضمونَ، هتان اتر يورپ جي ملڪن، خاص ڪري ناروي، سئيڊن ۽ فنلئنڊ مان لکي رهيو آهيان. ننڍپڻ ۾ سنڌ ۾ آڙيون، ڪونجون، تلور، بدڪون، ڪاڻ، ٻگهلا ۽ ٻيا پرديسي پکي ضرور ڏٺا سين ، پر ڪين غور سان ڏسڻ جو موقعو هنن اتراهن ملڪن ۾ اچي مليو آهي. جهازن ڪي جڏهن هنن سرد اتراهن ملڪن ناروي، فنلئنڊ وغيره ڏي وڃي اچبو هو يا سئيڊن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ وارن ڏينهن ۾ رهائش دوران يا هاڻ انهن ملڪن ۾ گهمڻ لاءِ اونهاري جي موسم ۾ ٿو اچجي ته هنن سهڻن ۽ رنگين ڊگوشڻ، بدڪن، نيرڳن، آڙين جهڙن پکين ڪي شهر جي بس اسٽاپن تي، اسان جي پيرن اڳيان چڳندو ڏسي يا وري پارڪن ۾ اسان جي بينچن تي اسان سان گڏ وهندو ڏسي دل خوش ٿيو وڃي.

آئون سئيڊن يا ناروي جي ماڻهن کي هميشہ چوندو آهيان تہ توهان تہ هتي فقط پنهنجي ملڪ يا وڌ ۾ وڌ پاڙي واري ملڪ جا چند پکي ٿا ڏسو، پر اسان وٽ ڪينجهر ۽ هاليجي، منڇر ۽ سانگهڙ جي ڍنڍن تي هلي ڏسو تہ توهان کي توهان جي يورپ جي هڪ هڪ ملڪ جا ۽ سائيبيريا ۽ وچ ايشيا جا پکي نظر ايندا! ڪڏهن پکين جي لڏ پلاڻ کان اڻواقف ماڻهو پڇي ويهندا آهن تہ هي تہ سردي ءَ جا پکي آهن، توهان جو ملڪ تہ گرم آهي، اتي ڇو ٿا وڃن؟ آئون کلي کين چوندو آهيان تہ اسان جو ملڪ گرم ضرور آهي، پر فقط اونهاري ۾. سياري جا چار پنج مهينا تہ ٿڌو آهي. ڪن کي يقين نہ ايندو آهي تہ چوندو آهيان تہ پوءِ هتي جي سياري شروع ٿيڻ سان توهان جا هي پکي ڪيڏانهن ٿا وڃن؟ اهي ڏکڻ طرف اسان جي علائقن سنڌ، پنجاب، راجستان ۽ گجرات ڏي وڃي ٽِڪن ٿا. يا وري چرچي طور چوندو آهيانِ

تہ توهان کي جي اعتراض آهي تہ توهان جا پکي توهان کي ڇڏي اسان ڏي نہ اچن تہ کين سينٽرلي هيٽيڊ آکيرا ٺهرائي ڏيو يا کين کوٽ ۽ سئيٽر ٺهرائي ڏيو تہ هتي ئي وينا هجن. جيئن اسان وٽ سنڌ ۾ سياري جي موسم ۾ ٻڪرين کي لنڊا بازار جا ڇنل سئيٽر پارائي ڇڏيندا آهن.

هڪ دفعو مالمو شهر (سئيڊن) جي پارڪ ۾ پنهنجي هم پيشہ جهازي انجنيئر ظهير بابر قريشيءَ کي ڪجهہ خوبصورت هنجر ۽ چيڪلا قسم جي پکين ڏي اشارو ڪندي چيم تہ هتي جا ماڻهو ڪيڏا خوش نصيب آهن جن وٽ هن قسم جا سهڻا پکي آهن ، پر پاڻ وٽ تہ رڳو ڪٻريون ۽ ڪار ا ڪانوَ آهن! ظهير بابر جيڪو دادوءَ جو آهي، تنهن منهنجي ڳالهہ تي ٽهڪ ڏنو ۽ پوءِ وراڻيو "ادا هتي جي ماڻهن کان تہ پاڻ وڏيڪ خوش نصيب آهيون. منڇر ڍنڍ تہ هلي ڏسو، خبر ناهي ڪهڙن ڪهڙن ملڪن جي پکين سان پري پئي آهي."

پر اها ڳالهہ 1990ع جي آهي، جڏهن ظهير بابر مالمو شهر جي يونيورسٽي مان MSc ڪري رهيو هو ۽ منهنجي جهاز ڊئنمارڪ جي بندرگاهہ ڪوپن هيگن ۾ لنگر ڪيرائڻ سان آئون فيريءَ ذريعي بالٽڪ سمنڊ اڪري، هن جي ش ه ر مالمو ۾ هن وٽ بہ ڏينهن وڃي ترسيو هوس، اج ان کي 20 سال اچي ٿيا آهن. اج نہ اها منڇر رهي آهي، نہ اهو پکين جو وڏو تعداد، جنهن جو تفصيلي ذڪر دادوءَ جي اديب، محقق ۽ صدارتي ايوارڊ حاصل ڪندڙ سائين تاج صحرائيءَ پنهنجي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب Lake Manchar (منڇر ڍنڍ) ۾ ڪيو آهي، جنهن ڪتاب لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ هن ڪتاب جو هڪ هڪ چئپٽر ريسرچ ورڪ آهي ۽ بقول محمد ابراهيم جويو صاحب جي هي ڪتاب تواريخ، آرڪيالاجي ۽ ائنٿرا پولاجي جو مڪسچر آهي.

ڳالهہ هيءَ آهي تہ سائيبيريا پاسي جويا هنن اتراهن يورپي ملڪن جو سيارو ايڏو سخت ٿئي ٿو جو آئون تہ هر وقت اهو سوچيندو رهان ٿو تہ جڏهن اليڪٽرسٽي ايجاد نہ ٿي هئي تہ هنن ماڻهن جو هيڙن ٿڌن ملڪن ۾ ڪيئن گذارو ٿيندو هوا جتي اونهاري ۾ بہ اسان جهڙو سيارو ٿئي ٿو. مثال طور هي جولاءِ جو آخري هفتو آهي تہ بہ هتي، ناروي

جي هن شهر اوسلو جو پد 16 ڊگريون آهي. يعني سخت سياري ۾ سڪر پاسي ايتري ٿڌڪار هوندي آهي. اهو تہ آهي اونهاري جو حال، سياري ۾ هنن ملڪن ڏي ڪاٿو 25 ڊگريون ٿڌڪار تہ هڪ عام ڳالھہ آهي. ٿڌ جو اهو پد، ڊيپ فريز جي ٿڌڪار کان بہ وڌيڪ ٿڌو ٿيو ، ڇو جو فريزر واري خاني جي ٿڌ وڌ ۾ وڌ ڪاٿو 15 يا 20 تائين هوندي آهي. اها ٿڌڪار بہ ايتري تہ گهڻي ٿي لڳي ، جو ان ۾ گوشت يا مڇي رکڻ سان انن ڪلاڪن ۾ پٿر ٿيو وڃي.

ڪنهن ڇيو تہ هي سڀ پکي سياري ۾ هتان (يعني يورپ جي اتراهن علائقن مان) ڏکڻ ڏي ڇو ٿا هليا وڃن؟

سوال ٿو پيدا ٿئي تہ جڏهن اليڪٽرسٽي نہ هئي ، تہ بہ انسان وٽ تہ قدرت طرفان اها ذات هئي تہ هو جانورن جون کلون بہ پائي سيءَ کان پنهنجو بچاءُ ڪري، سڄي رات باھہ ٻاري پاڻ کي گرم رکي، برف جي سرن جو ڪمرو يا Igloo ناهي، پاڻ کي ٿڌيءَ هوا کان بچائي، جو هوا جي ڪاٿو 25 ڊگرين کان وري بہ برف گهڻي گرم آهي، جنهن جو ٽيمپريچر وڌ ۾ وڌ ڪاٿو هڪ يا ٻہ ٿئي ٿو ، پر پکي ڇا ڪن؟ اهي تہ هتي جي سياري جي هن ٿڌ ۾ رهن تہ ڄمي برف ٿي وڃن. پکي تہ ڇا سئيڊن، ناروي ۽ فنلئنڊ جهڙن ملڪن جي سياري ۾ انسان ذات بہ رات جو هيٽنگ سسٽم بند ٿيڻ تي يا دري کُلڻ تي ننڊ ۾ برف ٿي وڃي! انهيءَ ڪري هتي اوسلو ۾، چاهي اسٽاڪهوم يا مالمو وغيره ۾، گهرن ۾ ٿهيل درين کي ٻہ ٻہ شيشا ٿين ٿا جيئن هڪ شيشو ڀاڳهي يا ڪنهن کان ڀڄي پوي يا ٽڙڪي پوي تہ بچاءَ لاءِ ٻيو تہ هجي.

سو اهڙين حالتن ۾ هنن پکين لاءِ اهڙي ظالم موسم کان ڀڄي جان بچائڻ ۾ ئي عاقبت ۽ عافيت آهي. هتي جي پکين لاءِ هجرت ڪري سنڌ، پنجاب يا جهونا ڳڙھہ، ڪانياواڙ ۽ راجستان جهڙن هنڌن ڏي وڃڻ ڄڻ فطرت ۾ شامل آهي. ڇو جو سندن نسلي بقا جو راز ئي انهيءَ ۾ آهي، ۽ اهو هجرت جو عمل قدرت ئي کين سمجهايو آهي. هو يورپ جي اتراهن ملڪن کان، جيڪو سندن اصلي وطن آهي ۽ جتي هو آنا ڏين ٿا ۽ ٻچا ڪن ٿا، سردي جي موسم ۾ هجرت ڪري ڏاکڻن ملڪن ڏي وڃن ٿا، جتي ايتري سردي ناهي. هو ڏاکڻن علائقن ۾، جن ۾

اسان جي سنڌ بہ شامل آهي ، عارضي قيام ڪري، وري واپس موٽن ٿا. اهو سندن فطرت ۾ شامل آهي. اتر جي سخت ٿڌ کان بچڻ لاءِ هو ٻہ ٻہ ٽي ٽي هزار ڪلوميٽر سفر ڪن ٿا ، جنهن ۾ هنن کي جابلو سلسلن ۽ سمنڊن مٿان بہ لنگهڻو پوي ٿو ۽ اها هنن جي هر سال جي روٽين آهي. هوائي جهاز وانگر هو ساڳيا رستا ۽ ساڳيا Stop Overs ڏئي ڏکڻ ڏي سيارو گذارڻ وڃن ٿا ۽ وري واپسي ۾ واريون مقرر واٽن تان موٽن ٿا. اها انهن جي جڙ تہ لائيف سائيڪل آهي يا فطري مجبوري آهي. رب پاڪ انهن پکين کي جديد مواصلاتي نظام جهڙي جبلت عطا ڪئي آهي، جنهن ڪري هو موسمن جي تبديلين مطابق پنهنجا يورپ پاسي جا ڪک ڇڏي سنڌ ڏي مهمان ٿي وڃن ٿا ۽ وري ساڳين ماڳن تي موٽن ٿا! باوجود ماڊرن اوزارن جي اسان جهازين کان پائيليٽن کان ڪڏهن ڪڏهن رستو ڳولڻ ۾ غلطيون ٿيو وڃن پر هنن پکين کان هرگز نہ!

ڪجهہ عرصو اڳ سنڌيءَ جي هڪ اخبار ۾ نواز ڪنبر صاحب جو هنن پرديسي پکين بابت مضمون پڙهيو هوم، جنهن ۾ هن لکيو هو: "هي پکي سنڌ ۾ اچڻ مهل صفا ڪمزور هوندا آهن ، پر موٽڻ وقت ڏاڍا متارا ٿي ويندا آهن، ايستائين جو آخري ڏينهن ۾ شڪار ٿيل پکين کي ترڻ وقت گيهہ وجهڻ جي بہ ضرورت محسوس ڪونہ ٿيندي آهي، ايتري چربي هوندي اٿن! شروع ۾ جڏهن پرديسي پکي سنڌ ۾ لهندا آهن تہ بک جي ڪري مسلسل کائيندا رهندا آهن ، پر ڪجهہ ڏينهن بعد کائڻ گهٽائي ڇڏيندا آهن..."

ڪنهن مون کان پڇيو تہ ڇا هتي يورپ پاسي، جتان هو سنڌ ڏي روانا ٿين ٿا، کائڻ لاءِ نٿو ملين ڇا ، جو هو ايڏو ڪمزور حالت ۾ سنڌ ۾ لهن ٿا؟

نہ، اها ڳالهہ ناهي. هيڏانهن يورپ پاسي تہ پکين لاءِ تمام گهڻو کاڌو آهي. هن پاسي تي روڊ رستن تي بہ ڪيترن ئي فروٽن جا وڻ آهن، جن کي بنا ڊپ ڊاءَ جي پکي پيا کائين. ان کان علاوہ هتي جا ماڻهو رستي جي ڪپرن تي، پارڪن ۾ ۽ بس اسٽاپ تي مختلف قسم جا ٻج ۽ Nuts پکين کي ڏيندا رهن ٿا. سياري جي ٿڌي هوا شروع ٿيڻ سان جڏهن هي پکي (Migratory Birds) ڏکڻ ڏي روانا ٿين ٿا تہ ان

وقت هو بيحد ٿلها متارا هوندا آهن. بلڪ هڪ زولاجسٽ ٻڌايو ته اها قدرتي Phenomenon آهي ته لڏڻ وقت هنن تي چربي چڙهيل هجي، جيڪا هنن جي سفر دوران ڳري ٿي. ذرا اندازو لڳايو ته هي پکي چا ته ڊگهو سفر ڪن ٿا، جنهن کي سرانجام ڏيڻ لاءِ ڪيترائي ڏينهن بلڪ ڪيترائي هفتا هنن کي پَرڙا هڻڻا پون ٿا ۽ چربي جي صورت ۾ هو انرجي ساڙين ٿا ، پوءِ ظاهر آهي ته منزل تي پهچڻ مهل هو ڳري هلڪا ٿيو وڃن ٿا. اهڙي ءَ طرح وري واپس موٽڻ کان اڳ هنن لاءِ ضروري ٿيو پوي ته گهڻو ڪائي جسم تي چربي چاڙهين، جيئن هو ڊگهيءَ اڏام جي مشقت ڪري سگهن. واپسيءَ جو سفر پورو ڪري ، هو جڏهن يورپ جي هنن اتراهن ملڪن ۾ پهچڻ شروع ڪن ٿا ته ان وقت به هو بيحد ڪمزور ۽ ڏبرا هوندا آهن. هتي جي (يعني يورپ جي) ماڻهن جو پکين لاءِ پيار جو اندازو ان مان لڳائي سگهو ٿا ته هو هنن پکين جي اچڻ کان اڳ هنن لاءِ اناج ۽ ٻيون کائڻ جون شيون وٺي رکن ٿا ۽ جتي ڪٿي هنن پکين اڳيان اچلائيندا رهن ٿا ، جيئن هيڏي وڏي سفر بعد پهچڻ تي کين آرام ملي ۽ کاڌي جي ڳولا ۾ يڪدم تڪليف نه وٺن ، ان ڪري هنن ملڪن ۾ پکي انسانن کي پنهنجو دوست سمجهي ٿو چو جو هتي سندن قتل عام نٿو ٿئي، پر اسان وٽ سنڌ ۾ هي پکي انسانن جي آواز کان پيا ڇرڪن.

ماڪن شاهه رضويءَ جو هنن پرديسي پکين بابت هڪ مضمون: "مارجي ويل مهمان پکي ۽ احساس کان خالي دليون" پڙهيو هوم، جنهن ۾ هو صاحب لکي ٿو ته، هنن پکين جي قسمت به عجيب، ته پنڌ به بنهه ڊگها آهن. الائي ڪهڙا ڪهڙا ڊگها سفر ڪري ، هي پکي سنڌ سان پريت نباهڻ خاطر اچن ٿا ، پر افسوس جو اسان اهڙا بي حِس ٿي ويا آهيون ، جو اسان مان ڪنهن کي به هنن جي اکين ۾ لڪل عاشقي نظر نٿي اچي. هي پکي وڏا ويساهي آهن. هنن جي معصوم مَن ۾ ماريءَ جي مڪر جو ڪو به پڙ نه هوندو آهي. هي پنهنجي ويساهه ۾ ئي مارجي ويندا آهن.

دلبو منجهه درياهَه، پکي پسي آئيا،
ويچارنِ ويساهَه، آٽي ات اڙائيو.

(شاهہ)

لطيف سرڪار جي وقت ۾ ۽ ان کان اڳ بہ اهي شوق شڪار هوندا هئا، پر اج جي شڪارين تہ سنڌ ۾ باهہ ٻاري ڇڏي آهي. هڪ هڪ ڏينهن ۾ هزارين پکي ماريا وڃن ٿا. ڊگوش، لاڪا، ڄاڄي، ڇيخلا، آڙيون، هنجهر، ڪانئرا، هنج، ڪونجون... الائي ڪهڙي ڪهڙي نسل جا ناياب ۽ حسين پکي مارجيو وڃن ٿا. ڪن شڪارين تہ نہ رڳو ڊينڊين تي، پر تِر تائين پرديسي پکين جو قتل عام شروع ڪري ڇڏيو آهي. تلور جي پويان تہ شڪاري ائين ٿا لڳن ڄڻ اهاڪ ا ڏوهہ ڪري ماٺهو ماري آئي هجي. ڪيڏي ڏک جهڙي ڳالهہ آهي تہ پکي، جيڪي امن جا سفير ۽ محبتن جو نشان هوندا آهن، انهن کي اسان وٽ سنڌ ۾، پنهنجا ۽ پرا وا اڇيو بيدرديءَ سان ماريو وڃن.

## اخبارن جو پکين جي بچاءَ لاءِ لکڻ

ڪڏهن ڪڏهن آئون اهو سوچيندو آهيان تہ اسان جي سنڌ جهڙي جاگرافيائي بيهڪ جيڪڏهن ملائيشيا، ٿائلنڊ، جپان جهڙن ملڪن جي نصيب ۾ هجي ها تہ هو ڏورانهن ڏينهن کان ايندڙ هنن پرديسي پکين جي ايڏي تہ پرگهور لهن ها، جو سئيڊن وانگر سنڌ ۾ بہ هي پکي فٽ پاٿن، بس اسٽاپن ۽ دڪانن اڳيان بي ڊپا ٿي ماڻهن جي پيرن اڳيان چُڳندا رهن ها ۽ سنڌ ۾ مهمان طور ايندڙ انيڪ ملڪن جا انيڪ جنسن جا پکي ڏسڻ لاءِ دنيا جا ماڻهو هلي ملي اچن ها . پر اسان جي سنڌ جي اها بدنصيبي آهي ۽ اسان جي ماڻهن جي اها جهالت آهي، جو هو قدرت جي هن نعمت جو خيال نٿا ڪن . نہ وري منجهن ڪو احساس آهي. مقامي وڏيرا، سردار، آفيسر توڙي عام ماڻهو تہ هنن پکين کي ماري منجهن ٿاهہ وجهي رهيا آهن . پر هو ٻين ڌارين کي بہ گهرائي هُنن هٿان پنهنجي گهر جي سونهن تباهہ ڪري رهيا آهن.

صحافي نياز کوکر جي ‘سچ’ اخبار ۾ هڪ رپورٽ پڙهي هيم تہ سنڌ ۾ ايندڙ پرديسي پکي اصل ۾ پنهنجن ملڪن ۾ گهڻي سردي پوڻ ڪري موت کان بچڻ لاءِ هجرت ڪن ٿا، پر وري بہ موت سندن پيڇو نٿو ڇڏي ۽ سرديءَ جي موت کان بچڻ لاءِ هزارين ميل سفر ڪندڙ هي پرڏيهي پکي، سنڌ پهچندي ئي بندوقن ۽ رڇن ذريعي موت جي منهن ۾ هليا وڃن ٿا. افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ اسان ماڻهو جيڪي سنڌ ڌرتيءَ جا رهواسي آهيون، انهن کي ڪو احساس جرم بہ نٿو ٿئي!

ساڳي ڳالهہ ڪالم نويس ماڪن شاهہ رضوي بہ ڪئي آهي: “حيرت تہ اها آهي جو انهن ڏور کان آيل مجبور پکين جي موت تي اڄ تائين ڪو تڏو ناهي وڇايو ويو!” ۽ پوءِ وري پاڻ ئي جواب ۾ لکي ٿو: “ان معاشري تي ڀلا ڪهڙي ميار ڪجي تہ ڪيئن ڪجي، جنهن ۾

احساس مري ۽ جذبا جهري ويا آهن، جتي محبتن کي ڪارو ڪري ماريو ٿو وڃي، جتي ڪنوارين اکين ۾ ڪجل بدران لڙڪ پريا ٿا وڃن، جتي چڱ مڙسيءَ جي پڳ پاتل ڏسڻا وائسڻا ماڻهو اختيارن جي حاصلات لاءِ سڀ ڪجهہ وساري ٿا ويهن، جتي سڪل درياءَ جو ٿِيابل پاڻي واپس ونڻ جي جاکوڙ ڪرڻ بدران ان جي ويران ڪنارن تي خفتي ڪڪڙ ويڙهائي، لکين رپيا هارائي خوش ٿا ٿين، جتي نام نهاد شاعر ٽُڪبندي ڪري عوامي امنگن جي نالي تي فحش ڪلام لکي ڪئسٽ پرائيندا ۽ ڪمپنين کان پاڻ ڦُرائيندا آهن، جتي تدريسي ادارن ۾ استاد ۽ مائٽ گڏجي اولاد کي ڪاپي ڪرائي ، علم کان دور وٺي ويندا آهن، جتي تپيدار ۽ صوبيدار شهنشاهي اختيارَ رکندا هجن، جتي گلاب ڍڳين جي پڇن ۾ ٻڌا ويندا آهن، جتي سونهن شٽل ڪاڪ جهڙي برقعي ۾ قيد آهي، جنهن ديس جو هر ماڻهو شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو ٿو وڃي، جتي هاڻ مينهن وسڻ ۽ يار ورڻ بہ ڇڏي ڏنو آهي ، اتي تڏا وڇائي بيگناهہ ماريل پکين جون عذر خواهيون ونڻ وارو پلا ڪير هوندو...؟"

اڳارو 17 فيبروري جي هڪ سنڌي اخبار 'خبرون' سامهون اٿم. اخبار جي رپورٽر اڪبر شورو جي ڏنل هڪ خبر پڙهان ٿو:

جهمپير: سيني خوبين جي مالڪ ڪينجهر ڍنڍ پرديسي پکين لاءِ ڪوس گهر بڻجي وئي آهي. شڪاري وائلڊ لائيف وارن کي رشوت ڏئي، پکي ماري، صبح سويري وڪري لاءِ کڻي وڃن ٿا. شڪارين جي مسلسل شڪار سبب پکي آڙي، نيرڳي، ڊگوش، ٽراندو، نيلس ۽ لالس جي نسل ڪشي ٿي رهي آهي، جيڪي پکي ڍنڍ ۾ ٿپندي نظر ايندا هئا، اڄ اهي پڳل ٽنگن سميت ڍنڍ ڪناري نظر اچي رهيا آهن، جن کي بہ شڪاري پڪڙي کڻي وڃي وڪرو ڪن ٿا. ڪينجهر ڍنڍ جي صفائي نہ ٿيڻ ڪري ڍنڍ پنهنجو اصلي حسن وڃائي ويٺي آهي. پکين جي نسل ڪشيءَ ۾ فشريز کاتو بہ ڀاڱي ڀائيوار بڻجي ويو آهي. سڄاڻ ڌرين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ پرديسي پکين جي نسل ڪشي خلاف قدم کنيو وڃي.

هنن پکين جي بچاءَ ۽ سلامتي لاءِ اسان جا ڪيترائي اديب

ڪالم لکندا رهن ٿا. ان سان گڏ ڪيترين ئي اخبارون، خاص ڪري عبرت، ڪاوش، عوامي آواز وغيره اداريہ لکنديون رهن ٿيون. 26 آڪٽوبر 1999ع جي ڪاوش اخبار منهنجي سامهون آ ئي، جنهن جو اداريو آهي: "مهمان پکين کي جان جي امان ڏيو" جنهن ۾ ان ڳالهہ لاءِ ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي آهي تہ جڏهن بہ پرانهين پار کان پنهنجي جوءِ ڇڏي، سنڌ جي سرزمين تي ڪونجون ۽ ٻئير پنهنجا پر پکيڙين ٿا ، تڏهن آهيڙن ۽ ٻئيرن جا خفتي ور کنجي فصلن ۾ لهي پون ٿا ۽ ڏڙا ڏڙ هڪ ٻئي پٺيان اهي معصوم ۽ ابوجهہ پکي جيڪي پنهنجو وطن ڇڏي هن علائقي جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ اچن ٿا، انهن جي نسل ڪشيءَ لاءِ ڪات ڪهاڙا اُپا ڪري، انهن مهمان پکين جي ميزباني، کين چار ۾ ڦاسائي، سندن ڳچين تي سير وهائي ڪئي ويجي ٿي.

سنڌ ۾ انهن پرديسي پکين جي تحفظ لاءِ سرڪار طرفان "جهنگلي جيوت" (Wild Life) جو کاتو ٺهيل آهي، پر انهن جي ڪارڪردگيءَ کان ڪوبہ مطمئن نہ آهي. ڪاوش اخبار جي 7 نومبر 2006ع جي ڪاپي بہ منهنجي سامهون آهي، جنهن جي هڪ ايڊيٽوريل جو عنوان آهي، "پرڏيهي پکين جي نسل ڪشيءَ جو نوٽيس ڪير وٺندو؟" هن ۾ مٿينءَ ڳالهہ جي نشاندي ڪئي وئي آهي.

"... سنڌ ۾ پرڏيهي پکين جي نسل ڪشي ٻاهران آيل شڪارين جي هٿان گهٽي ٿئي ٿي ۽ پکين جي تحفظ لاءِ ذميواري اداري وائلڊ لائيف وارا پڻ ان قتل عام ۾ شامل ۽ شريڪ رهن ٿا. هو اهو قتل عام روڪڻ تہ پنهنجي جاءِ تي، شڪارين کي مشروط طور تي اهڙيون سهولتون ۽ رهنمائي فراهم ڪندا رهن ٿا. هو پرڏيهي شڪارين جو پروٽوڪول ۽ خاطرداريءَ ۾ وسان نہ گهٽائيندا آهن. دنيا جو فطرتي حسن انهن پکين سان ئي قائم آهي، پر ان شڪار ۾ پاڳي پائيوار ٿي ان حسن کي بہ قتل ڪرڻ جو ڏوهہ ڪيو پيو وڃي..."

عوامي آواز جي 24 آڪٽوبر 2006ع جي ڪٽنگ اٿم، جنهن خبر جو عنوان آهي: "سنڌ ۾ اتر جون هوائون شروع، پرديسي پکي پهچي ويا، عرب شڪارين جون بہ ڪئمپون قائم.

“ڳنهرو، روجهاڻ، اڇڙو، ڪانجهرو ۽ حمل ڍنڍ تي آڙين، نيرڳ، کهنگ، ڪنيڙاتي، انڊي سانءُ ۽ ٻين ناياب نسلن جي پکين تي شڪارين جا ڪڙڪا. ميهڙ جي سياسي، سماجي ۽ ادبي حلقن ناياب پکين جي نسل ڪشيءَ جي مخالفت ڪري ڇڏي. قادر چانڊيو نياز پٺي، حفيظ سنڌي، حبدار شاهه، گلزار چانڊيو رياض چانڊيو رياض جهتيال ۽ ٻين پاران حڪومت کان شڪار تي بندش جو مطالبو.”

شايد اهڙن ئي ظالم شڪارين لاءِ شاهه لطيف چيو آهي:

ماري مرين شال! ڍٻ وڃنئي ڍيهون،
جو تو اڇي ڪالهه، وڏو وڇ ورهن کي.

هنن پرديسي پکين جي مارا ماري جي سلسلي ۾ اخباري رپورٽر سائين بخش رند هڪ دلچسپ خبر ڏني آهي ته سنڌ ۾ پکين جي نسلن جي بربادي ان حد تائين وڌي وئي آهي ، جو ملاح جن پکين کي حرام سمجهي نالو نه وٺندا هئا، اڄ انهن جو انت به ديڳڙي ۽ ڪٽڇيءَ ۾ ٿي رهيو آهي. هن لکيو آهي ته منڇر ڍنڍ ۾ هونءَ ته لاتعداد پکي ڪُڪي، ٻگهو سانهه، پرهي، ڪانئرو ڪانيرو گولاڙو بگ، ڪينو ڍنڍ، ڪينو ڪوراڇو سانولو ڪاراهي، چورٻائي، ڪار ٻائو ٽِمر، گاجيرو رتياگ، دلگ، سار، ٽيٽو ڪڳ، ٽيٽو ٽينگلو لڪ، ڳاڙهي ڪنگٽي ۽ جهنگ ڪڪڙ وغيره اهڙا پکي آهن ، جن کي اسان جا ماڻهو حرام سمجهي ، انهن جو نالو نه وٺندا هئا، اهي به هاڻ شڪار ڪري کائي رهيا آهن. ان سلسلي ۾ جڏهن منڇر ڍنڍ جي هڪ جهوني رهواسي ٻمڻ ملاح کان معلوم ڪيو ويو ته هن چيو ته اصل ۾ اهي پکي حرام ناهن. مهاڻن، پيٽ پرائيءَ جي ڪري انهن کي حرام ٿي سمجهيو ۽ هاڻ جڏهن جيئڻ جا سڀ ذريعا ختم ٿي ويا ته پنهنجي غلطيءَ جو احساس به هاڻ ٿيو آهي ، پر اهي پکي خريد ته ڪير به نٿو ڪري، پاڻ ئي کائي ڇڏيندا آهيون.

بهرحال حقيقت اها آهي ته قدرت طرفان اسان جي سنڌ کي پرديسي پکين جي شڪل ۾ جيڪو تحفو مليو آهي، ان جي بربادي اسان پنهنجن هٿن سان ڪري رهيا آهيون. دنيا جو شايد ئي ڪو

ملڪ هجي، جتي ههڙن خوبصورت پکين جي اهڙي بيدرديءَ سان مارا ماري ٿيندي هجي، جهڙي اسان وٽ اڄ ڪلهہ ٿي رهي آهي. پکي بہ ڇا سوچيندا هوندا تہ هڪ طرف يورپ ڏي سندن ڪيڏو خيال رکيو وڃي ٿو ۽ ٻئي طرف اسان وٽ سنڌ ۾ کين سک جو ساهہ بہ پٽڻ نٿو ڏنو وڃي.

يورپ جي ملڪن لاءِ تہ لکي چڪو آهيان تہ هي مهاجر پکي جڏهن ڏکڻ ۾ سيارو گذاري واپس اتر اهن ملڪن ۾ پهچندا آهن تہ هنن کي ننڍا وڏا مختلف اَن ۽ ٻج کارائين ٿا تہ هو وڏي منزل طئي ڪري ٿڪجي پهتا آهن ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ ڏينهن کاڌي جي ڳولا ۾ پريشان نہ ٿين. اتر جا ماڻهو هنن کي امن امان ۽ سونهن جي علامت سمجهن ٿا. هو هنن پکين جي حفاظت لاءِ اسان کي بہ منٿون، آزيون نيازيون ۽ پيغام موڪليندا رهن ٿا تہ پکين جي نسل ڪشي نہ ڪريو.

سانگهڙ جي ڪنهن ڍنڍ تي هڪ نيرڳ (Mallard Anas) جهليو ويو جنهن جي پيرن ۾ ٻڌل ڇلي تي لکيل هو:

“Save Us. Save the Nature”

هاليجي ڍنڍ جي هڪ ميربحر ٻڌايو تہ هو سينڌر پکي (Teal) کي ڦاسائي، ان جون کنبڙاٽيون ۽ پَر پٽي رهيو هو تہ ان جي پيرن ۾ ٻڌل ويڪرن ڇلن تي لکيل هو:

“We beg your pardon,
Turn your gun aside.”

هڪ رٽائرڊ ڪسٽم آفيسر لاءِ مشهور آهي تہ هو پنهنجي شڪاري مهم جوئين سان گڏ اهو ڇلو سيني کي اجهان تائين فخر سان ڏيکاريندو آهي، جيڪو هن کي بندوق ذريعي ماريل رتونبي (Red Crested Pochard) جي پيرن ۾ ٻڌل مليو. ان تي لکيل آهي:

A Glance, not The bullet.... اسان کي نگاهن سان ڏسو يعني اسان جو فقط ديدار ڪريو بندوق جي گوليءَ کان ڪم نہ وٺو.

ميوزيم ۾ رکڻ لائق پنهنجي Made in Spain بندوق کي بئليسٽڪ ميزائل سڏيندڙ هن تعليم يافتہ شڪاريءَ پنهنجا ڪارناما ڳڻائيندي ٻڌايو تہ ، “پکي جڏهن ڍنڍ ۾ ويهندا آهن تہ هميشہ جوڙي

جوڙي تي ۽ ٻچي ٻچيءَ سان ملائي ويهندا آهن. مون هڪ دفعي ٻچي ٻچيءَ سان ملائي ويٺل سانهن پکين جي جوڙي تي فائر ڪيو. هڪ پکي تہ بئلسٽڪ ميزائيل کان بچي نہ سگهيو. جڏهن تہ ٻيو ميزائيل جي رينج ۾ ئي نہ آيو. بچي ويل پکي پنهنجي ساٿيءَ جي مرڻ تي تمام گهڻي دير منهنجي مٿان ريهون ڪري لامارا ڏيندو رهيو ۽ شڪار ٿيل پکيءَ جي پير ۾ ٻڌل چلي تي لکيل هو:

The Envoy of peace… from C. Sasha.

اسان جي هڪ سنڌي اخبار ۾ "مسافر پکين جي موت جو ذميوار ڪير...!؟" نالي هڪ ايڊيٽوريل ۾ هو تہ اسان وٽ سنڌ ۾ مسافر پکين جي مقدار ۾ رڳو گوليون آهن. سياري جي موسم ۾ جڏهن پرديسي پکي اسان جي ديس جي ڍنڍن، ڍورن ۽ دُٻن تي لهن ٿا تہ صبح ساجهر کان وٺي رات دير تائين رڳو بندوقن جا پڙاڏا گونجندي ٻڌا وڃن ٿا. غير قانوني ۽ غير اخلاقي طريقي سان پکين کي مارڻ ، هتي جي ماڻهن جو ڪم ٿي چڪو آهي. انهن پکين جي تحفظ جي ڊاڙ هڻندڙ کاتي وائيلڊ لائيف جي ناڪاره پڻي سبب سرعام فطرت جي حسين ۽ ناياب نسل جي پکين تي ڪاهون ڪيون وڃن ٿيون. ڏينهن جو بندوقن ذريعي ۽ رات جو ڪوڙڪين، گلولين، ڄگهن رڇن ۽ ڪلو ذريعي پکين جو شڪار ڪيو وڃي ٿو. انهن پکين ۾ وڏي پيماني تي ڪونج، آڙي، هنجهر، طور، لاکي، جاني، چيڪلو ڀگو پوراڙو نيرڳي وغيره شامل آهن. ماحول جي سونهن تي اهڙا حملا ۽ فطرت سان دشمني رکندڙ پکين کي پنهنجي کاڄ بڻائيندڙ اهڙن ماڻهن کي قانون جي ڪابہ پرواهہ نٿي رهي. سستو تحفظ فراهم ڪندڙ جهنگلي جيوت کاتو بہ ان ڏس ۾ بلڪل اپاهج ۽ انڌو نظر اچي ٿو سو انهيءَ کاتي جي اهڙي خاموشي کانپوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ صوفين جي ڌرتي ءَ سنڌ ۾ پکين جي اهڙي غير قانوني ۽ غير اخلاقي موت جو ذميوار ڪير آهي؟

## اڄ پکي وري نڌڻڪا ٿي ويا آهن

سنڌ ۾ اٽڪل اڍائي سؤ کان مٿي ننڍيون وڏيون ڍنڍون آهن. 200 ڪلوميٽر ساموندي پٽي آهي ۽ 250 ڪلوميٽرن جو رڻ آف ڪڇ جو ڏيڍ وارو علائقو آهي ، جتي سياري جي موسم ۾ يورپ جي اترا هن ملڪن ۽ سائيبيريا جي برفاني ۽ ميداني علائقن مان لکين آبي ۽ شڪاري پکي هزارين ميلن جو فاصلو طئي ي ڪري، قدرت جي مقرر ڪيل اصولن هيٺ پنهنجي مقرر رستن تان ٿيندا، مهيني کن جي اڏام ڪندا، اچي سنڌ جي آبگاهن تي پناهه وٺن ٿا، جتي هزارين سالن کان سندن وڏڙا ايندا ۽ ويندا رهيا آهن. پاڪستان ايندڙ پکين جو تعداد ڏهه لکن کان به مٿي هو، پر هاڻ انهن جو تعداد هر سال وڃي گهٽجندو. بقول نواز ڪنير جي هنج ته جهڙوڪر ختم ٿي ويو آهي. هنج جي خاتمي جي شروعات شايد شاهه لطيف اڳ ۾ ئي محسوس ڪري ورتي هئي جو چيائين:

ويا مور مري، هنج نه رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري ڪوڙن ڪانيئرن جو.

هن پيري ته سنڌ جون ڪيتريون ئي ڍنڍون پکين کان خالي ٻُڌجن پيون. ڪٿي ڪٿي آڙي ۽ چيڪلو نظر اچي ٿو باقي ٿيو خير- پکين جي نفسيات جا ماهر ٻڌائين ٿا ته هيٺين سببن ڪري پکين اڳ وارين مشهور ڍنڍن تي اچڻ ڇڏي ڏ رو آهي: شڪارين جي انگ وڌڻ سبب، بندوقن جي نڪائن ۾ اضافو ٿيڻ، ملڪ ۾ پئسو وڌڻ ڪري ڪارتوسن ۽ گاڏين تي وڏيڪ خرچ ڪيو وڃي ٿو . ڪيترائي ماڻهو سياستدان، ڪامورن، پيرن، رانديگرن ۽ ٻين نالي وارن ماڻهن کي شڪار ڪرائي، پاڻ به خوش ٿين ٿا ته انهن کي به خوش ڪن ٿا ۽ واسطا وڌائي ڪم به ڪڍن ٿا ، ته اوڙي پاڙي وارن تي دابو به وجهن ٿا.

ڏنڍن جي پسگردائيءَ ۾ انساني آبادي وڌڻ، اتي بجلي پهچڻ ڪري پکين کي گهربل ماحول ميسر نہ ٿيڻ، سانگهڙ، کپرو ۽ پرسان انڊيا جي بارڊر پريان پکين کي مناسب ماحول ۽ تحفظ ملڻ سبب پکين جو اوڏانهن هليو وڃڻ... وغيره.

واوڙي ڳوٺ مان "پرهہ سنڌو" جو خط ڪنهن اخبار ۾ پڙهيو هوم، جنهن جو عنوان هو "پرديسي پکين جي پارت اٿوَ ." ان ۾ هوءَ (يا شايد هو) لکي ٿي تہ هزارين ڪوهن جو پنڌ ڪري، ڪوهہ قاف کان کهي ايندڙ پرڏيهي پکيئڙن لاءِ، سنڌ ڌرتيءَ جون ڍنڍون ڍورا زهر قاتل بڻجي پيا آهن. ڪارخانن جو زهريلو پاڻي ڍنڍن ۾ پوڻ سبب هي امرت زهر ۾ بدلجي چڪو آهي. آب جي آس ۾ اجايل هنن پرديسي پکين کي ڪہ ڙي ڳل تہ سدائين سنڌوءَ جو آب پي نئون جيون ماڻيندڙ اهي ڍنڍون ۽ ڍورا هنن لاءِ سورن جو سامان بڻجي پيا آهن. ڌرتيءَ سان دل رکندڙ انهن پکين صديون اڳ لاکيڻي لطيف جي چيل انهن سدا سچين سٽن جي صدا شايد ڪانہ ٻڌي هئي، جن ۾ هن کي هدايت فرمائي هئي تہ: "چيتاري چڻيج!"

ڪن شڪارين ڍنڍ ون تہ نهيو، پر ٿر تائين باهہ ٻاري ڇڏي آهي. پرهہ سنڌو پنهنجي خط ۾ لکي ٿي تہ هاڻ توهان کي ٿر جي ڪنهن بہ ڳوٺ ۾ اَسر ويل مورن جا اهي ٽهوڪا ٻڌڻ ۾ نہ ايندا. ٿر ۾ تہ مورن سان گڏ هرڻن جي بہ پيننگ ٿي رهي آهي. پکي امن جا سفير ۽ محبتن جا نشان هوندا آهن. شايد انهن محبتن جي سفيرن ۽ امن جي اهڃاڻ پکين کي اها ڳل ڪانہ رهي تہ جنهن مٽيءَ جي موهہ ، کين جڳن کان سڪ جا سفر ڪرايا، اتي هاڻي ڪيترائي ميرا من پاڻيءَ کي زهر بڻائڻ ۾ مصروف آهن. روايتون، ريتون ۽ رواج بدلجڻ ٻي ڳالهہ آهي ، پر ٻي زبان مهمانن لاءِ زهريليون، مهمانيون ڪرڻ هن مٽيءَ جو مرڪ تہ ناهي؟ اسان جي جيءَ جهريل ۽ اٺهوند جي آڙاهن ۾ ٻرندڙ ماڻهو بہ سٿون لکي پکين جي ڏک تي بہ لڙڪ تہ هاري سگهہ ن ٿا، پر اسان جا ٻي پهچ هٿ ٻي موت مرندڙ پکين کي ان ڏوهہ کان بچائڻ کان شايد قاصر آهن، پوءِ بہ پرڏيهي پکين کي لطيف سائينءَ جو هي نياپو تہ ضرور پهچائڻ گهرجي:

آءُ اڏامي هنجڙا، سر ۾ سارينئي،
متان مارينئي، پاريهڙي پهہ ڪري.

اسان وٽ هنن پرديسي پکين ۽ ٻين جانورن ۽ مقامي پکين جي حفاظت ۽ بچاءَ لاءِ جيڪو جهنگلي جيوت Wild Life نالي سرڪاري کاتو آهي، ان جي ڪارڪردگيءَ کان تہ هر ڪو واقف آهي. يورپ پاسي، جيڏانهن منهنجي اڌ زندگي گذري آهي، اتي جو نہ فقط عوام هنن پکين جو خيال ڪري ٿو پر ڪيترائي غير سرڪاري ادارا آهن، جيڪي ماڻهن کان چندا حاصل ڪري هنن پکين جي زندگي بهتر بنائڻ لاءِ اڻٿڪ ڪوششون ڪن ٿا. اهڙن ئي ادارن مان هڪ بين الاقوامي شُهرت جو کاتو World Wide fund for Nature آهي، جيڪو ڊبليو ڊبليو ايف (WWF) بہ سڏجي ٿو. هن اداري کي شروع ۾ ورلڊ وائيلڊ لائيف فنڊ جي نالي سان سڏبو هو ۽ اهو نالو اجا تائين ڪئناڊا ۽ آمريڪا ۾ مشهور آهي. هن اداري جون 90 ملڪن ۾ شاخون آهن. هو ناياب پکين ۽ جانورن جي سلامتي، تحفظ ۽ پلائي لاءِ ڪيترائي پروجيڪٽ هلائين ٿا، جيئن هيءَ ڌرتي قدرت جي اهڙين ناياب شين کان خالي نہ ٿي وڃي. انهن ڪمن لاءِ هو اڌ کان وڌيڪ پئسو خيرات طور رضاڪارن کان حاصل ڪن ٿا ۽ باقي چاليهہ سيڪڙو آمريڪا، برطانيا ۽ نيدرلئنڊ ڏئي ٿو. هن اداري WWF جو بنياد 1961ع ۾ سئٽزرلئنڊ ۾ رکيو ويو. هن اداري جو 14 سال کن نيدر لئنڊ جو شهزادو برن هارڊ صدر ٿي رهيو. اهڙا 15 سال کن 1996ع تائين شهزادو فلپ، ڊيوڪ آف ايڊنبرگ صدر ٿي رهيو. پاڪستان جي بہ اها خوش نصيبي آهي تہ هن بين الاقوامي اداري جي صدارت 1996ع کان 1999ع تائين هڪ پاڪستاني جناب سيد بابر علي کي سونپي وئي.

حق جي ڳالهہ ڪبي تہ هن قسم جا غير سرڪاري ادارا وري بہ پنهنجو فرض بهتر نموني سان نڀاهين ٿا ، باقي سرڪاري ادارا توڙي اسان جي ملڪ جا زوراور جن ۾ سرڪاري ڪامورا، سياستدان، وزير ۽ انهن جا ماڻهو نواب، جاگيردار، وڏيرا ۽ انهن جا چمچا هرڻ پکين پوبان هٿ ڌوئي اچي پيا آهن . پر يارو! انهن ۾ بہ ڪي اهڙا ماڻهو ٿي گذريا

آهن، جن هنن پکين کي پنهنجن ٻچن وانگر سمجهي، هنن جي ساهه ۾ سک لاءِ گهڻو ئي ڪجهه ڪيو آهي ۽ سندن نالا تاريخ ۾ ڳايا وڃن ٿا. انهن مان هڪ سانگهڙ جو گيم واردن ڪريم داد جوٽيجو به ٿي گذريو آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هن ڪنهن خان جي پٽ کي به اجائي ۽ اجازت کان متي بندوق هڻڻ نه ڏني. بقول نواز ڪنڀر جي، اج جا پرديسي پکي پنهنجن وڏن کان ڪريم داد جوٽيجو جون ٻڌل ڳالهيون ضرور ورجائيندا هوندا ته ڪاش ڪريم داد جوٽيجو وري اچي يا ان جهڙو ڪو ٻيو پيدا ٿي پوي، جيئن هنن کي جيئڻ جي ضمانت ڏئي سگهي.

ڪريم داد جوٽيجو لاءِ اهو چيو وڃي ٿو ته هو هر سال هنن پکين جي آمد کان اڳ ڍنڍن جي ڪنارن تي ساريون ۽ ٻيو اَنُ ڇٽرائي ڇڏيندو هو. هو وڏي کان وڏي آفيسر کي به اجائي شڪار کان منع ڪندو هو ۽ مٿس ڏنڊ هڻي ڇڏيندو هو. بقول نواز ڪنڀر سنڌي ليکڪ جي، هر سال سياري جي موسم ۾ سنڌ ۾ ايندڙ پرديسي پکي پنهنجي دل ۾ ڪريم داد جوٽيجو جي هجڻ جو آسرو ڪري ايندا آهن. ننڍا پکي وڏا پکي ٿيڻ بعد پهريون ڀيرو پنهنجي جنم ڀومي ڏسڻ لاءِ رات ڏينهن جو سفر ڪري اچي لهندا آهن ، پر هتي ڪوبه ڪريم داد نه هوندو آهي. هتي شڪاري بندوقون تيار ڪيو ، سندن خون ناحق ڪرڻ جي انتظار ۾ هوندا آهن ۽ پکين جو هتي آڌرڀاءُ ڇٽيل اَنَ سان نه ، پر وڇايل ڄار سان ٿيندو آهي. پکين شايد هاڻ آسرو پلي ڇڏيو آهي ته هاڻ ڪين خبر آهي ته هتي ڪوبه ڪريم داد جوٽيجو ڪونهي، ان ڪري انهن پنهنجا رستا بدلائي ڇڏيا آهن، انهن هتي اچڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي، ڪن جو ته شايد نسل ئي ختم ٿي ويو آهي ، اهي ڳوليا نٿا لڀجن. اج ڪيتريون ئي ڍنڍون پکين کان خالي رهجي ويون آهن! چون ٿا ته جن ڏينهن ۾ پٽيهل پراڻ ۾ هاڪڙي جو پاڻي سنڌ جي سينڌ سائي ڪندو هو، تن ڏينهن ۾ ڏرتيءَ جو وڙائتو دلير پٽ بداماڻي پنرو راڄ ڀاڳ، جُوءَ ۾ جوءِ سان گڏ پکين جي نگهباني به ڪندو هو. ڪنهن ماريءَ کي مجال نه هئي جو سندس ٿَر مان ڪنهن مهمان پکيءَ کي ماري سگهي. پوءِ ارغونن جي مڪر سان جڏهن پنرو شهيد ٿي ويو ته ڪوبه هٿ اهڙو

ڪونه هو جيڪو انهن پکين کي پناهون ڏيئي سگهي. تڏهن تہ پٽ ڌڻيءَ انهن معصوم پکين کي سمجهائيندو چيو هو:

چيتاري چئيج، بداماڻيءَ پٽ ۾،
نيڻين ننڊ نہ ڏيج، جو ڇيڙون ڇپر آئيون.

سنڌ جو مشهور ليکڪ ماڪن شاهہ رضوي ٻڌائي ٿو تہ بداماڻيءَ ڪانپوءِ... گهڻو گهڻو پوءِ... صدين ڪانپوءِ فضل پنيري لڳ اسان جي بر ک ڪهاڻيڪار عبدالقادر جوڻيجو جي ڳوٺ جنهاڻ کي صفا ويجهو، مهراڻي پٽ ۾ محمد حيات رند جو نالو ٿيو. اڳوڻي مختيارڪار قادر داد رند جو پٽ محمد حيات رند وڏو زميندار هو. سيئي ارڪان وڏيرڪا هئس، پر بہ ڳالهيون منجهس اهڙيون هيون، جن کي نہ مڃڻ وڙ ڪونهي. هڪ تہ هن ڪڏهن سياست ۾ حصو ڪونہ ورتو ۽ سندس تر ۾ ڪنهن کي شڪار ڪرڻ ۽ پکي مارڻ جي همت ڪانہ هوندي هئي. مور سئين ڳاٺ پيا هلندا ۽ ڍيلن سان عشق ڪندا هئا ، ان ڪري ننگرپارڪر ۽ ويرا واءِ جا مور جڏهن اتي سرڪار جي ماڻهن ، سرڪاري بندوقن سان ماري کائڻ شروع ڪيا تہ مورن ۾ ٻاڪرڪتو پئجي ويو ۽ نيٺ ٿروٺ جي ٿلهي، ساڙدري، مرگهہ ڇالا، پتياڻي، گرتياڻي، پوڏيسر ۽ ڪجلا سر جا پَٽ ترڪ ڪري مور اُڏاڻا، ڪي ج ه ليا، ڪي وڪيا، ڪي مئا، جيڪي بچيا تن حيات رند جي حدن ۾ اچي پناهہ ورتي ، پر هاڻي ٻڌو اٿئون تہ بہ ٽي سال اڳ حيات رند بہ لاڏاڻو ڪري ويو ۽ سندس جُوءِ جا پکي وري نڌڻڪا ٿي ويا.

# ڪانگ لنوي مِٺي لات

هي مضمون آئون سئيڊن جي ڏاکڻي شهر مالمو کان لکي رهيو آهيان، جتي جي يونيورسٽيءَ مان مون پنهنجي سبجيڪٽ مئرين انجنيئرنگ يعني جهاز هلائڻ جي انجنيئرنگ جي اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. مالمو بندرگاهه به آهي، جتي مختلف بحري جهازن ۾، تعليم حاصل ڪرڻ کان اڳ ۽ پوءِ به اچڻ ٿيندو رهي ٿو. هن شهر جي پارڪن ۽ روڊ رستن جي ڪنارن تي جڏهن بدڪن، ٻگهن، هنجرن، ڊگوشن ۽ رتنبن ۽ نيرڳ پکين کي بي ڊپو ٿي ، پنهنجي اڳيان چڳندو ڏسان ٿو ته منهنجي دل ۾ رکي رکي اهو ئي احساس ٿئي ٿو ته ڪاش اسان وٽ به هو ائين هلندا چلندا رهن! اسان وٽ ته خبر ناهي ڪيترن قسمن جا پرديسي پکي هزارين سالن کان ايندا رهن ٿا ، پر هو اسان وٽ ايڏو ڊڄن ٿا، جو هتي جي ملڪن (سئيڊن، ناروي، فنلئنڊ، وغيره) وانگر اسان جي شهرن جي رستن ۽ دڪانن اڳيان ته بنهه نٿا هلن ، پر منڇر، هاليجي، ڪينجهر، جهڙين ڍنڍن تي به هو ڏڪندا رهن ٿا! سچي ڳالهه ته اها آهي ته اهي ڳالهيون سوچي ڪڏهن ڊپريشن به ٿي پوندو اٿم.

هتي جي ماڻهن، خاص ڪري ٻارن کي، بس اسٽاپن تي ناز سان ٿهلندڙ هنن پکين کي بوهي مگ يا پٽاٽو چپس ڏئي فوٽو ڪيدرائيندو ڏسي، دل چوندي آهي ته هتي جي مڪاني سئيڊش ماڻهن کي ٻڌايان ته هي پکي ته ڪجهه به نه آهن. اسان وٽ ته ڪونجون، آڙيون، تلور، چيڪلا، ڳيڙا، هنجر، نيرڳ، رونهارا، سارس، هنج، لنج، ڪاز، طور، وڏورا، ٻرڙا، ٽرندا ويندي پونئترا، ٻاتيپر، ٽيٽيهر، لاڪا، ڪرارا ۽ ٻيا ڪهڙن ڪهڙن قسمن ۽ جنسن جا پکي آهن ، پر هنن جي گهرن ۾ جيئن مختلف پکين سان گڏ فوٽو آهن ، مون وٽ ته هڪ به نه آهي! اسان وٽ ڪا آهي اهڙي جاءِ جتي پکي اچي اسان جي پير ۾ ويهن ۽

اسين انهن سان فوٽو ڪيرائي سگهون؟

اسان وٽ سنڌ ۾ پکين مارڻ جو هي نياڳو ڪلچر هاڻ گذريل اڌ صديءَ کان زور ٿي ويو آهي . نه ته اسان ننڍا هئاسين ته ابابيل ۽ چيهن جهڙا پکي به، نه فقط اڏامندي نظر ايندا هئا . پر گهرن جي ورانڊن ۾ ڇت ۾ لڳل ڪاٺ جي ڪامن ۾ ڪجهه دير ويهي ساهه پٽيندا هئا. 1959ع جي ڳالهه آهي . جڏهن آئون نائين ڪلاس ۾ هوس ته مون کي ناني ايڏوڳن وٺي ڏني هئي. هالا ۾ پوسٽ آفيس وٽ وڻن تي ۽ پٽ تي ڪيترائي ڳيرا ۽ ڇتون نظر ايندا هئا. جن تي مون نشانو ٿي ڇٽيو ته هڪ ٻئي پويان ٻن واٺهڙن مون کي ڏاڍا دڙڪا ڏنا ته آئون بي زبان پکين کي ڇو ٿو مارڻ جي ڪريان؟ نتيجي ۾ مون کي انهن ئي پيرين گهر موٽڻو پيو. پر اڄ ڏسان ٿو ته ڪانوَ ۽ ڪٻر جهڙو پکي به انسان جي پاڇي کان پيو ڀڄي ۽ ڪيڏي حيرت جي ڳالهه آهي ته اهي ساڳيا پکي، جيڪي هنن يورپي ملڪن جي پارڪن ۾ اسان سان گڏ بينچن تي اچيو ويهن يا بس اسٽاپ تي اسان جي پيرن وٽ پيا چڳن، اهي ساڳيا پکي اسان جي ملڪ ۾ پهچي، انسان ذات کان خوف پيا کائين ۽ آهستي آهستي سنڌ ۾ اچڻ گهٽائي باربر جي ٻئي پار انڊيا جي راجستان ۽ گجرات رياستن ڏي پيا وڃن! مون کي اهو ئي افسوس ٿئي ٿو ان ئي ڳالهه جو ڏک ٿئي ٿو ته اسان جي سنڌ ۾ پکين جي ايڏي مارا مارا ڇو ٿي ٿئي. سنڌ ته صوفين جو ديس آهي، سنڌ ته مهمان نوازي کان مشهور آهي، سنڌ ته امن جي ڌرتي آهي... يا آئون زمان حال جو "آهي" ڪيڏي زمان ماضيءَ جو لفظ "هو" سمجهان. سنڌ ۾ ڪبوتر ۽ ڳيري کي ته ڇا ڪاري ڪانگ کي به پيار سان ڏنو ويجي ٿو... ڇي:

آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه مون سان تن ماروئڙن جي

يا اهو به ته ڪانگ آهي جنهن کي عاشقن پنهنجا جان، جگر، جيرا ٿي ڏنا ته:

وڃي کاءُ ولايت ۾ جت دوست جو ديرو.
ته من هو پڇي هڪ ڀيرو، ته هيءَ قرباني ڪنهن ڏني!

نه فقط سنڌ ۾ پر سڄي ننڍي کنڊ ۾ پکين کي پنهنجو سمجهيو ٿي

ويو. پکين سان پيار ڪيو ويو ٿي.

آ ڪاڳا چن چن کايو ماس،
اک نينا مت کايو
جنهين پيا ملن کي آس...

آڳاٽي دؤر ۾ جڏهن ٽپال جو سرشتو موجود نه هو تڏهن پرين کي پيغام پهچائڻ لاءِ ڪڏهن ڪبوتر تي ڀاڙيو ويو ٿي ته ڪڏهن "ڪانگل" جون خدمتون حاصل ڪيون ويون ٿي . ويچارا عاشق پنهنجي راز ۽ نياز جون ڳالهيون به انهن ڪبوترن ۽ ڪانگن سان ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته پيار جي پيغام رسائڻ جي مهم جوئيءَ دوران ويچارن پکين جي پنهنجي حياتيءَ کي پڻ هاڃو رسندو هو. اردوءَ جو هڪ شاعر اهڙي ئي هڪ منظر جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

خط ڪبوتر ڪس طرح لي جائي بامِ يار پر
پر ڪترني ڪو لگي هين، قئنچيان ديوار پر.

پر وري پاڻ ئي اٽڪل ڏسيندي حل ٻڌائي ٿو:

خط ڪبوتر اس طرح لي جائي بام يار پر،
ڪہ خط ڪا مضمون هو پرون پر، پر ڪٽين ديوار پر.

شاهه لطيف جو نه فقط انسان ذات پر پکين ۽ پسن لاءِ به تمام گهڻو قرب هو. هن ڪنهن به پکي پکڻ کي ڏک نه رسايو. شڪارين کي اجل جي يادگيري ٿو ڏياري، جيئن ويچارن گگدامن کي مارڻ کان باز اچن. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

شڪار تون شهباز جو، تون تان منجهه شڪار!

شاهه لطيف پنهنجي نج سنڌي زبان ۾ پکين جي درد کي هن طرح بيان ڪري ٿو:

اصل سنڌي آسري، آيون ڊور ڊري،
ڪنيڙان پونءِ ڪري، پاڻ پيئر ڏکويا پکڙين.

شاهہ لطيف باز بہ ڏسي ٿو ۽ کرو بہ ڏسي ٿو ۽ ڳجهہ جھڙو ماس کائو پکي بہ پسي ٿو. سيني جي عادتن کي سامهون رکي فرمائي ٿو:

کڻ بورائو باز کي، ڳجهہ جي کج مَ ڳول،
ٻوڙ جنهن جي ڀونڊ ڏي، رڻ ۾ وتي رول،
جو ڀهون پاري ٻول، سو هٿان ڇڏم شکرو.

مور پکيءَ کي کارايل بہ چوندا آهن. هو پکين جو شکار نہ کندو آهي پر نانگ بلائون ناس کري ڇڏيندو آهي. شاهہ صاحب مورن لاءِ فرمائي ٿو:

سر ۾ سانجهيءَ وار، مون مانڊاٽا کيا،
ستون ڏين سپن تي، کئين کارايل کٽدار،
ماري نانگ اپار، وهہ پيتائون وٽين.

سنڌ ۾ چهون، طوطا، چيها، جهنگلي پکي بہ هئا. سر سسئي ۾ وٽکار يا جهنگن جي ڳالهہ کندي شاهہ لطيف فرمائي ٿو:

وڏا وڻ وٽکار جا، جت چتون چانگارين.
۽ هڪ ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:
وڏا وڻ وٽکار جا، چهون جت چيها.

پکين جو واقفکار وارهہ جو سنڌي ليکڪ محمد ابراهيم لاشاري کانيئري لاءِ لکي ٿو تہ هي ڀنڊ جو پکي آهي، جنهن جو رنگ کار مائل ٿيندو آهي. هي آڙي جهڙي پکيءَ کان ٿورو ننڍو ٿئي ٿو. ڳچي ڊگهي ٿيندي اٿس. کانيئر جا پير بدڪ جي پيرن جهڙا هوبهو ٿين. هميشہ ڍنڍن ۽ ڍبن ۾ رهندو آهي. هن جي پسند جو کاڌو جيت ۽ مئل مڇي ۽ گاهہ هوندو آهي. هي پکي طبيعت ۾ سست ۽ کاهل هوندو آهي. کانيئرو ٻين پکين کان گهٽ اڏامي سگهندو آهي. لطيف سرکار بہ سر کارايل ۾ کانيئر کي اهڃاڻ بڻائي انسان ذات کي سستي ۽ کاهلائپ کان روکيو آهي.

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هڪڙو،
وطن ٿيو وري، کوڙن کانيئرن جو.

بهرحال شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪانگ تي ڪافي بيت چيا آهن: چي:

گهوڙا! گهٽي پون، ووءِ! وڃن نڱئا،
مادر! مٿان مون، ڪانگ لوندا ڪڏهن.

شاهه صاحب سر پورب ۾ فرمائي ٿو:

قريبن جو ڪانگڙو، مٿي ٽار ٽلي،
ڪٽيو ڪنياتو خبرون، ڪيرون ڏيو ڪلي،
لائي جنهن لالن سان، منهنجي بات بلي،
سو ور چشمن تي چلي، جو درباري دوس جو.

نه فقط شاهه لطيف پر سچل به پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪانگ پکيءَ کي خوب ياد ڪيو آهي: چي:

ڪانگل آيم اڄ، پريان سندي پار ڏانهن،
ڳالهيون ڪيائين سڄڻ جون، سي روح ٻڌي ڪيو رڄ،
پکيءَ ڪيو ناپچ، ظاهر ڪيائين زبان سين.

سچل سائين جو ڪانگ تي هڪ ٻيو بيت آهي ته:

اڄ لاٽيون ڪانگ لٽيون، سي ڪي سٺو سر تيون،
جو ڪهڻ سان ڪهيو وجهي، ويڙهي منجهه وتيون،
سنديون راز رتيون، ٿو پڻ ڪري پڌريون.

اسان جي ڳوٺ جي شاعر سيف بخاري "تنها" جي هڪ وائي جو بند آهي ته:

ڪانگُ لنوي مٿي لاٽ...
اڄ ته منهنجو محب ايندو

اڄ ته دل ۾ ڪتڪي ٿي
ڪانگل واري سا بات،
اڄ ته منهنجو محب ايندو.

سيف بخاري اسان کان ننڍيءَ عمر ۾ جدا ٿي ويو. مشهور ليکڪ ۽ پروفيسر سيد ممتاز بخاري ءَ جو هي فرزند 20 فيبروري 1977ع تي ڄائو ۽ 19 ورهين جي ڄمار ۾ جڏهن هو NED يونيورسٽي ڪراچي ۾ سول انجنيئرنگ جي ٻئي سال ۾ هو تہ گذاري ويو. سندس شعرن جو مجموعو "سرس آهي سونهن" سندس وفات بعد ڇپرايو ويو جنهن جي هڪ وائيءَ جو مٿيون بند آهي.

آخر ۾ ڪانگل تي هڪ ٻيو بيت، جيڪو درازن جي سچل جو آهي.

آءُ ڪانگل ڪائين، تان توڏي عطر اوتيان،<br>
اچي ٻاجهون اوهان جي، اباٽڪ آئين،<br>
ڏاها گهٽا ڏينهڙا، متان تون لائين،<br>
پير اڱڻ پائين، تہ منهنجو ساهہ سڏير ٿئي...

## ڪيڏو لُڙ مچايو اٿئي، او ٽِڪِبر ٽرڙا

گذريل مضمون ۾ ڪانگ پکيءَ تي چيل ڪجھ بيتن جي ڳالھ ڪئيسين، اهڙيءَ طرح ٻين پکين بابت پڻ اسان جي ڪيترن ئي شاعرن شاعري ڪئي آهي. سچل سرمست جو هڪ بيت آهي.

**سگھو اڏامي آءُ، پکيئڙا پريِنِ جا،**
**سڀ ڪنب ڪريان تنھنجا، ساڻ جواهر جڙاءُ،**
**عطر ڪٿوري اوتيان، ٻيا ماڻڪ تو مٿاءُ،**
**ساري سنهيا، آڻي ڏج عجيب جا**

شاھ لطيف فرمائي ٿو تہ انسانن کان وڌيڪ پکين ۾ ساجاھ آهي، جو هو وڳر ڪيو پاڻ ۾ پريت وندين ٿا ، پر هيڏانهن انسان انسان کان وئون پيو وڃي!

**وڳر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،**
**پسو پکيئڙن، ماڙهنئان ميٺ گھڻو.**

ڳنگ هڪ قسم جو پاڻيءَ جو پکي ٿئي ٿو ، جنهن جو رنگ اڇو ٿيندو آهي. سندس ڳچي ۽ ٽنگون ڊگھيون ٿين ، پير ۽ چهنب ڪاري ٿئيس. بقول محمد ابراهيم لاشاريءَ جي، هي پکي ٻگھہ جو قسم سمجھڻ کپي. جيتوڻيڪ قد ۽ وزن ۾ ٻگھہ کان ننڍو ٿئي ٿو. ڪنگ جي خوراڪ مڇي، ڏيڏر، تڏ وغيره آهي. سر سھڻيءَ ۾ شاھ لطيف ڪنگ ۽ ٻگھہ تي هن طرح نظر وڌي آهي.

**ڪانڌي ڳنگ ٿياس، وَهَڻُ جنازو سُهڻي،**
**ٻگھا جي ٻيٽن جا، ڪلها تن ڏناس،**
**اکين مَلَڪَ ڏِناس، توءِ من ڪاڍو ميھار ڏي.**

مٿئين بيت ۾ وَهَڻُ جو مطلب پاڻي جو وهڪرو آهي. مَلَڪَ معنيٰ ملائڪ، حساب پڇندڙ فرشتا (منڪير ۽ نڪير). ڪاڌو ميهار ڏي تانگهہ آهي معنيٰ هن جي ڪشش ( تانگهہ) ميهار ڏي ئي آهي. سهڻيءَ جو ميهار لاءِ نينهن اَمر آهي. موت ڪانپوءِ بہ سهڻيءَ جي دل جو لاڙو ميهار ڏي آهي. مٿين بيت ۾ شاهہ لطيف فرمائي ٿو ، تہ ڪنگ سندس ڪانڌي ٿيا ۽ درياهہ جو وهڪرو سندس جنازو پيٽن جي ٻگهن ڪيس ڪلها ڏنا. حساب پڇندڙ فرشتا اچي اڳيان بيٺس، تہ بہ من جو لاڙو ميهار ڏانهن هوس. شاهہ جو ٻيو شعر آهي:

اچو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگن،
ايندي لڄ مرن، تنهن سر مٿي هنجڙا.

پاڻي جي پکين جو ذڪر شاهہ صاحب هڪ جدا سر ڪارايل ۾ ڪيو آهي. هنج ۽ للو پکي پاڻيءَ وارن پکين ۾ سٺي مهانڊي وارا ۽ وڏندڙ پکي ٿين ٿا. ڪنگ ۽ ٻگهہ پکي بہ ٿنگن ڏڳها ، اچا پکي ٿين ٿا، جن جو گذران جيئن مٿي لکي آيو آهيان تہ پاڻي جي جيتن ۽ مڇين تي آهي، پر ٻنهي قسم جي پکين جي ڏيل ڏول ۾ وڏو فرق آهي. شاهہ صاحب پنهنجي ديس جي انهن پکين کي ڏسي ٿو. هو هنج کي خاص انداز ۾ نصيحت ڪندي چوي ٿو تہ:

هاريا هنج ٻگهن سين، ڪيهي ٻڌين ٻيلهہ،
ميرو مٿائيج تون، اچي ڪر اڪيل،
ڪنگن سان ڪويل، للا جم لڙ پئين.

مولانا دين محمد وفائيءَ پنهنجي مضمون ”شاهہ جي شاعريءَ ۾ پکين جو ذڪر“ ۾ مٿين بيت جي ڏکين لفظن جي معنيٰ هن ريت لکي آهي تہ هاريا معنيٰ بيڪار ٻيلهہ معنيٰ دوستي، اڪيل معنيٰ اڪلائڻ، ڪُويل معنيٰ بي وقتو جم معنيٰ چو، لڙ پوڻ معنيٰ پاڻيءَ ۾ ترڻ.

شاهہ جو هڪ ٻيو بيت آهي:

هنجن سان هيڪار، جي ڳڻ ڪري نهارين،
ٻگهن سان ٻيهار، ٻيلهہ نہ ٻڌجين ڪڏهين.

شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جو هڪ بيت آهي:

هنج تہ تيئن هوءِ، اونهي ۾ اوڙاهہ جو،
هي ڪانيرو ڪوءِ، ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري.

۽ شاهہ لطيف جو هنجن بابت اهو بيت تہ هر ڪنهن ٻڌو هوندو تہ:

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانئيرن جو.

ڏنڊ جي پکين ۾ ڪانگ جهڙا ڪارا پکي بہ ٿيندا آهن، جن کي ڪانيئڙو سڏيندا آهن . انهن جون عادتون نہ ه ريجن جهڙيون هونديون آهن، نہ وري للن جهڙيون. مڇي ۽ جي ورن لاءِ پاڻيءَ کي ميرو لڙو ڪري ڇڏيندا آهن، شاهہ لطيف فرمائي ٿو:

سر وڃايو سرهو ڪو وڙن ڪانيرن،
آڌي رات اٿي ڪري، ددا دانهون ڪن،
سندي ذات هنجن، منهن ڪوڙي موتي چڻي.

ڪانوَ جو رات جو لنوڻ سنڌي رسمن موجب بدسوڻ آهي. مٿين بيت ۾ شاهہ صاحب ان ڏانهن اشارو ڪندي ڪانئرن جي بد ذات (بي وڙائتي عادت) ڏي اشارو ٿو ڪري. هنج پاڻيءَ جو پکي آهي. هنج ٻين ڍنڍن وارن پکين جيان خوراڪ ۾ مڇي جي در ۽ گاهہ تي گذران نہ ڪندو آهي. هن جو چوڻو ماڻڪ ۽ موتي هوندا آهن. هنج اونهي جو اسرار ڄاڻندو آهي. سوين فوٽن جو غوطو هڻي ، وڃي موتي ڪڍي موٽندو آهي. هنج پکي پٿر کي پاڻي ڪرڻ جي سگهہ رکي ٿو. هو هڪ موتي پيٽ ۾ ڳهي ، پنهنجي اڄ بک لاهيندو آهي. اهو موتي ڳري ڪاڄ ٻڻجي ويندو آهي تہ هو هفتن جو ڏؤ پنهنجي جسم ۾ پري ڇڏيندو آهي. پٽائي هنج لاءِ هڪ هنڌ چوي ٿو:

ماڻڪ چوڻو جن جو، هنج حضوري سي،
ڇلر ۾ ڇهنب هڻي، مڇي ڪين نہ اي،
لوڪ نہ لکئائي، جيلاهہ پوڻن ٻگهن تہ گڏئا.

شاهہ جو هڪ ٻيو بيت آهي:

سرھو سر وڃايو کوڙن ڪانئڻ وڃن،
رٺا روھہ وڃن، تنھن ھيٺائيءَ ڪان ھنجڙا.

مولانا دين محمد وفائيءَ شاھہ جي شاعريءَ ۾ پکين جو ذڪر ڪندي ھڪ ھنڌ لکي ٿو تہ، ھيءَ دنيا ساگر آھي، سالڪ ھن ھنج پکي مثل آھن. ھن دنيا ۾ نفساني خواھشن جا موئرا ۽ ڪاٺ جا ڪرنگھہ ٿاھي، نيڪ انسانن جي ڦاسائڻ لاءِ جتن ڪيا وڃن ٿا، تنھن ڪري شاھہ صاحب انھن حالتن ڏانھن پنھنجي شعر ۾ اشارا ڪيا آھن. سالڪ کي چوي ٿو تہ، دنيا جي گندگين کان جند ڇڏائي اڳتي وڌ ، نہ تہ شڪارين جو طعام ٿي ويندين.

آءُ اڏامي ھنجڙا، سر ۾ سارينئي،
متان مارينئي، پارھيڙي پھہ ڪري.

پرديسي پکين ۾ پاٽي سان واسطو رکندڙ ھڪ پکي ٻگھہ بہ آھي، جنھن کي اسان جي ننڍي کنڊ جا ڪي ماڻھو درويش پکي سمجھندا آھن ۽ ڪيس ٻگھہ ڀڳت بہ چون، تہ ڪي ھن کي احمق ۽ بي افعالو پکي ڪوٺين. سنڌيءَ جو ڪالم نويس ابراھيم لاشاري صاحب ٻگھہ پکيءَ لاءِ لکي ٿو تہ ، ھي ڪنگ وانگر پاٽيءَ جو پکي آھي. رنگ جو اڇو ٿيندو آھي، ڳچي ڊگھي، پير ۽ چھنب ڦڪي ٿيندي اٿس. ڪيترن ٻگہ ه پکين جي ٽِڪڻ (مٿو) بہ ڦڪي رنگ جو ٿيندو آھي. گھڻن ٻگھن کي مٿي تي گل جھڙي چوٽي بہ ٿيندي آھي. ٻگھہ پکي اڪثر ڪري ھڪ ٽنگ تي بيھندو آھي. ٻگھہ جون اکيون ھميشہ پوريون (بند) پيون ھونديون آھن. جڏھن مڇي يا ٻيو ڪو شڪار نظر پوندو اٿس ، تہ امالڪ ٽپ ڏئي ، ان جو شڪار آسانيءَ سان ڪري وٺندو آھي. ٻگھہ پنھنجي خوراڪ اڪثر ڪري ڍٻن مان ڊر، مڇي، ڏيڏر، گاھہ، جيت ۽ ڪِن ڦِٽ بہ کائيندو آ ھ ي. شاھہ لطيف ٻگھہ جو ذڪر ھن طرح فرمايو آھي:

ٻگھن سان ٻاڻ ھٽي، اڏاٽو آڪاس،
جتي پرين سندياس، سو سر مٿي ھنجڙو.

شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو هڪ بيت آهي:

سڪ روحاني سامين، جسمي جاهلن،
ٻگهه نـه مڃي من، پارس پسن ڪين ڪي.

سنڌ ۾ ايندڙ پرديسي پکين ۾ ڪونج جو وڏو شان آهي. هوءَ سونهن ۽ امن جو پکي سمجهيو وڃي ٿو ۽ ٽولن ۾ ٽي هلڻ ڪري هي پکي ٻڌيءَ ۽ ڀائپي ءَ جي علامت پڻ سمجهيو وڃي ٿو. ڪونج کي بـه اسان جي ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي شعرن ۾ ياد ڪيو آهي.
راڳيندڙن هن کي راڳن، ڪافين ۽ ڳيچن ۾ ڳايو آهي. ملائيشيا ۾ هندو سنڌين وٽ ڪاڄن ۾ ڪنوار جي سونهن جي شان ۾ اهو راڳ اڪثر ڳايو ويندو آهي تـه:

ڪونج پکيءَ جا پار اٿئي،
سنهڙي ڳچيءَ ۾ هار اٿئي.

ڪونج جي ڊگهي ڳچي سونهن جي نشاني سمجهي وڃي ٿي.
شاهه صاحب هن مهمان پکيءَ لاءِ چوي ٿو:

قسمت آنديون ڪونجڙيون، وطن سندن روهه،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهه، رزق رازق هٿ ۾.

شاهه لطيف سر ڏهر ۾ خاص طور ڪونج پکيءَ کي ڳايو آهي:

روهِ راماٽا ڪن، اڄ پڻ هلڻ هاريون،
ڪرڳلُ ڪونجڙين، رائي ۾ رات ڪيو.

روهه معنيٰ جبل ۽ راماٽا معنيٰ دانهون، ڪوڪاٽون ڪرڳل معنيٰ هل هلاچو ۽ رائي جي معنيٰ بـه جبل آهي. ان ئي سر ۾ هڪ ٻئي بيت ۾ آهي:

وَڳَرَ وِيا وَهي، ڪالهه تنهنجا ڪونجڙي!
ڪنديونءَ ڪوهه رهي، سَرَ ۾ سپرين ري؟

هڪ ٻئي بيت ۾ شاهه لطيف فرمائي ٿو:

ڪونجون ٿيون ڪُرڪن، جيڪس هلڻ هاريون،
ٻچا پوءِ اَئَن، وچن وانڍا ڪنديون.

ڪونج پکيءَ تي شيخ اياز جو هڪ خوبصورت شعر هن ريت آهي تہ:

ڪونج ڪَرڪي پئي، ڪا اتر پار جي،
ياد آئي اسان کي وري يار جي!

بهرحال پکين کي خاص ڪري پرديسي پکين کي، جن ۾ ڊگوش، آڙيون، نيرڳ سارس، ٽيٽيهر بہ اچي وڃن ٿا، اسان جي ڪيترن ئي شاعرن پنهنجن شعرن ۾ ياد ڪيو آهي ، جيئن دادوءَ جي مشهور شاعر بشير سيتائيءَ جو هڪ سهڻو شعر آهي:

منهنجي لڙڪن جي ڍنڍ تي سارس،
تون لٿو هئين، سا اڄ سڪي وئي آ.

دادوءَ جي هڪ ٻئي شاعر ابل اداس ٻيہر بہ سارس کي هن ريت ياد ڪيو آهي:

سارس جهڙا خواب لٿا هن،
نيڻن جي اڄ ڍنڍ ۾ ڪيڏا.

نوجوان شاعر ابل اداس جي شاعري اڪثر سوجهرو رسالي ۾ اچي ٿي، جنهن تان مون هي مٿيون شعر کنيو آهي. بشير سيتائيءَ جو هڪ ٻيو شهر آهي:

ذهن جي منڇر تي يادن جا لٿا آهن ڊگوش،
پر غمِ دوران بہ ڪيڏو آشڪار الامان.

ڊگوش هڪ خوبصورت بدڪ جهڙو پکي ٿئي ٿو ، جنهن کي هيڏانهن يورپ ۾ ”پن ٽيل“ سڏين. سندس ڪيتريون ئي جنسون آهن، جن مان ڪي هيڏانهن سئيڊن ۽ ناروي پاسي نظر اچن ٿيون ، ڪي روس جي اترا هن ۽ بلقاني رياستن ۾ ، پر ڊگوش جون سڀ جنسون، سياري ۾ سنڌ جي ڍنڍن تي اچيو نڪرن. اهڙي ءَ طرح هڪ ٻيو ٻيحد

خوبصورت پاٽيءَ جو پکي نيرڳ آهي، جنهن کي هتي يورپ ۾ “مالارڊ اناس” سڏين ٿا. هن پکيءَ جون پڻ ڪيتريون ئي جنسون سنڌ ۾ اچن ٿيون. سنڌي ادبي سنگت ڪراچي برانچ جي سيڪريٽري بلوچ صحبت علي، جيڪو هاڻ پاڻ کي “تنها” صحبت سڏائي ٿو جو هڪ شعر آهي:

ابر اڀري آئيا، وٺو ڪيڏو مينهن،
نيرڳ تنهنجو نينهن، ٿيو ڪينجهر ڪپ سان.

۽ آخر ۾ هڪ دفعو وري بشير سيتائيءَ جو هڪ شعر جنهن ۾ هن ٽڪيهر (پلوور پکيءَ) کي ياد ڪيو آهي، چي:

تنهنجي ڪن تي ڪو نہ پون ٿيون، هنجن جون ٻوليون،
ڪيڏو لڙ مچايو اٿئي، اوٺ ڍيڪيهر ٽرڙا...

# ٻگهي لڏپلاڻ ڪندڙ پکي

ڪيترن ماڻهن کي ٿي سگهي ٿو جانور پسند نہ هجن ، پر پکي پنهنجي سونهن، رنگن ۽ ننڍي سائيز ڪري سڀني کي پيارا لڳن ٿا.
اسان بہ پکين کي صحيح طرح ملائيشيا ۾ ڏٺو. ملائيشيا ۾ اٺ نَوَ سال کن رهڻ دوران اسان جو گهر سمنڊ جي ڪناري تي هو. يعني ، هڪ پاسي 'ملاڪا ڳچي سمنڊ' (Malacca Strait) جو تانگهو ڪنارو (Beach) هو تہ ٻئي طرف گهاٽو جهنگل. جهنگل بہ اهڙو جو سنڌ ۾ رهي آئون تصور نٿي ڪري سگهيس. انهيءَ جهنگل ۾ ملائيشيا جي ميريٽائيم اڪيڊمي هئي، جتي ملائيشيا جا جهازران ڪلاس ۾ ٿيوري پڙهندا هئا تہ سمنڊ تي جهاز هلائڻ جي سکيا وٺندا هئا.
جهنگل ڪري نانگ بلائن ۽ زهريلن جيتن ۽ ماڪوڙين ۽ ڏينڀن جو آزار ضرور هوندو هو. اِڳو انا (وڏن ساندن) يولڙن ۽ ٻين ننڍن وڏن جانورن جي بہ ڪجهہ مصيبت هئي ، پر چوڏاري ڇا تہ سهڻا پکي نظر ايندا هئا. صبح ساڻ هنن رنگين پکين جون لاتيون ٻڌڻ وٽان هيون.
رستي تي ڪريل ڪنڀ گڏ ڪرڻ جهڙا هوندا هئا. اسان تہ سنڌ ۾ فقط هڪ قسم جو سائي رنگ جو طوطو ڏٺو ، پر هتي ڇا پهلوان ۽ رنگين قسم جا طوطا ڏسڻ ۾ آيا ٿي، جن کي هتي جا ماڻهو پنهنجي ملئي زبان ۾ پوڙهي پيرڻ (ڪاڪا تئا) سڏين ۽ ان ملئي نالي تان انگريزي نالو ڪاڪئتو (Cockatoo)جُڙيو آهي.
ملائيشيا ۾ رهڻ دوران هڪ طرف جهنگل جا پکي نظر ايندا هئا تہ ٻئي طرف، سمنڊ جي ڪناري تي پاڻي جا پکي نظر ايندا هئا.
ڪجهہ پکي وري اهڙا هوندا هئا، جيڪي خوراڪ ۾ ننڍيون مڇيون، ڏيڏر ۽ ٻيون آبي شيون کائڻ ڪري ڪناري تي چڳندي نظر ايندا هئا پر گهمڻ ۽ سير سپاٽي لاءِ جهنگل ڏي هليا ويندا هئا. جنهن وقت ڇول

گهٽبي هئي، يعني Low Tide ٿيندي هئي ته ان وقت هو جهنگل مان موٽي ڪناري تي اچي ، آبي ساهوارن کي کائيندا هئا. ظاهر آهي وير لهڻ تي ڪيترائي مڇين، ڪيڪڙن، گانگٽن ۽ ٻين سامونڊي ساهوارين شين جا ٻچا پنيان رهجي وڃن ٿا، جيڪي گپ ۽ پاڻيءَ جي ننڍين دٻن ۾ ڦُڏڪندا رهن ٿا، جن تي هي پکي ميزباني ڪن ٿا. قدرت جي تعريف ڪان رهجي نٿو سگهجي، جنهن هڪ طرف هنن پکين کي سهڻا رنگ ڏنا آهن ته ٻئي طرف هنن کي عجيب عادتون ۽ ڄاڻ عطا ڪئي آه ي. روزانو ٻه دفعا وير لهي ٿي ۽ ٻه دفعا وير چڙهي ٿي ، پر دنيا ۾ ڪنهن به سمنڊ تي ان جو ساڳيو ٽائيم ناهي ، اها روزانو چنڊ وانگر ڪجهه وقت جي فرق سان چڙهي ٿي، جيڪا سڄي سال جي اسان وٽ چارٽ ۾ لکيل ٿئي، جنهن کي اسان سج جي اڀرڻ لهڻ وانگر حساب ڪري اڳواٽ لکون ٿا ، پر هنن پکين جو اهو ڪمال آهي ته هنن کي ڪيئن ٿو الهام ٿئي، جو هو هر روز صحيح وقت تي جهنگل کان موٽيو اچن!

ڪيڪڙو وڏي وير اچڻ تي زمين کوٽي اندر لڪي وڃي ٿو ۽ ڇهه ڪلاڪ کن ننڊ ڪري، پوءِ وير لهڻ تي سجاڳ ٿي ، ٻاهر نڪري اچي ٿو. تجربي خاطر توهان هن کي ڪاٺ جي پيتيءَ ۾ بند ڪريو، جيئن هو سمنڊ کي ڏسي نه سگهي ، توهان ڏسندؤ ته وير چڙهڻ تي High Tide ٽيڻ تي هو اکيون پوري سمهي رهي ٿو. ڇهه ڪلاڪن بعد Low Tide ٽيڻ تي، اکيون کولي جاڳي ٿو ۽ اهو به ٻڌائي ڇڏيان ته هر روز وير چڙهڻ جي وقت ۾ اڌ ڪلاڪ کن جو فرق اچي ٿو. جنهن کان پڻ هر قسم جا ڪيڪڙا ۽ پکي واقف رهن ٿا.

ناروي جي هڪ ننڍڙي جابلو ٻيٽ تي اونهاري جي موسم ۾ اتي هڪ خاص قسم جا پکي ، سنهن ککن مان خوبصورت آکيرو ناهي ، ان ۾ آنا لاهين ٿا. اهو آکيرو ڏسڻ وٽان آهي ۽ هنن پکين جو ذڪر مون "ملير کان مالمو" يا "يورپ جا ڏينهن يورپ جون راتيون" ڪتاب ۾ به ڪيو آهي ته هي پکي آکيري ٺاهڻ جا ماهر آهن. وڏا آرٽسٽ آهن. ماڻهن جو اهو خيال هو ته هي پکي پنهنجن وڏن کي آکيرا ٺاهيندو ڏسي ٺاهڻ جو طريقو سکن ٿا. سائنسدانن ڇا ڪيو ، جو هنن پکين جي

جوڙيءَ کي پڃري ۾ رکي، هن کان اتي ئي سندن بيضا ڦوڙايائون. ان بعد انهن بيضن مان نڪتل ٻچن کي وڏو ڪري ، انهن کان انهن جا آنا ڦوڙايائون. اهڙيءَ طرح ڇٽين جنريشن (ٽهين) کي پڃري ۾ رکي پنجينءَ کي آزاد ڪري جنگل ۾ ڇڏيائون. هنن ڏٺو ته هنن پکين جن ڪڏهن پنهنجن ابن، ڏاڏن، پڙڏاڏن کان آکيرو ٺاهڻ نه سکيو ، نه ڏٺو اُهي ساڳيو آکيرو ٺاهڻ لڳا، جيڪي هنن جا جهونا ٺاهيندا رهيا! ڪيڏي وڏي قدرت جي ڪاريگري آهي! ڪنهن سائنسدان خوب چيو آهي ته ، پکين يا تارن تي غور ڪرڻ وارو ڪڏهن به دهريو ٿي نٿو سگهي. يا بقول هڪ آ مريڪن نئچرلسٽ مسٽر واٽرٽن جي ، ته پکي اسان لاءِ معجزو آهن. جن تي غور ڪرڻ سان ان جي خلقٽهار اڳيان جهڪڻ تي دل چوي ٿي. “We can but bow”.

پکين کي غور سان ڏسڻ جو مون کي سئيڊن ۾ به سٺو موقعو مليو. جتي تقريباً سؤ سيڪڙو هجرت ڪرڻ وارا پکي Migratory Birds رهيا ٿي، جيڪي سياري جون ٿڌيون هوائون لڳڻ سان ڏکڻ طرف اسان جي ايشيائي يا آفريڪي ملڪن ڏي لڏي ويا ٿي. سئيڊن ۽ فنلئنڊ ۾ جتي مون کي تعليم سان وابسته فيلڊ ورڪ جي سلسلي ۾ رهڻو پيو ٿي، پاڙي ۾ ڪجهه اهڙا به شاگرد رهيا ٿي، جن پکين جي ڪنهن جنس تي يا انهن جي عادتن تي يا انهن جي Behavior تي ڊاڪٽوريٽ (پي. ايچ. ڊي) ڪئي ٿي. هنن کان پکين بابت دلچسپ ڳالهيون غور سان ٻڌندو هوس ۽ ساڳي وقت هنن کان ڪي سوال به ڪندو هوس. هونءَ به پکين بابت اخبار يا رسالي ۾ ڪو مضمون نظر اچي ٿو ته ان کي غور ۽ دلچسپيءَ سان پڙهندو رهان ٿو ۽ ڪيتريون ڳالهيون نوٽ به ڪندو رهان ٿو جن مان ڪجهه هتي پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ Share ڪرڻ چاهيان ٿو. جيئن ته هي سموريون ڳالهيون مختلف وقتن تي ۽ مختلف ذريعن کان حاصل ٿيل آهن، انهيءَ ڪري ضروري ناهي ته منجهن ڪو تسلسل هجي يا اهي عنوان تحت هجن. بس سمجهو ته Random آهن. پر انسان لاءِ انهن ڳالهين جي ڄاڻ به ضروري آهي، جنهن ذريعي هڪ انسان کي قدرت جي وڏائيءَ جو اعتراف ڪرڻو پوي ٿو. چاهي هن جو واسطو ڪهڙي به مذهب سان

هجي.

پکيءَ کي اڏامڻ جي قابل بنائڻ لاءِ قدرت هن کي هر خيال کان هلڪو بنايو آهي. جتي جانورن جا هڏا وزن ۾ ڳرا ۽ ٿلها ٿين ٿا، اتي پکين جا هڏا بيحد هلڪا ۽ پورا ٿين ٿا ۽ کين ڏندن بدران چهنبون آهن، ان ريت سندن ڏندن ۽ جاڙين جي وزن جي بچت ڪئي وئي آهي.

پکيءَ جي نہ فقط نظر تکي ٿئي ٿي ، پر اک جي سائيز بہ وڏي ٿئي ٿي. پکيءَ جي جيڪا اک اسان کي ظاهري طرح نظر اچي ٿي ، اها سندس سڄي اک جو فقط هڪ ننڍڙو حصو آهي. سندس مٿي ۾ ايڏو ميڄالو نہ آهي، جيڏيون اکيون آهن. ڪن پکين جي تہ فقط هڪ اک بہ سڄي ميڄالي کان وڏي ٿئي ٿي. ڪيترن بازن ۽ چبرن جي اک جا بال اسان انسانن جي Eye Ball کان بہ وڏا آهن. ڪيترن شڪاري پکين جي نظر اسان کان ڏهوڻ آهي. هو هڪ ميل کان مٿي جي فاصلي تان شڪار کي ڏسي سگهن ٿا.

ڪيترن نر پکين جي گلي ۾ قدرت اهڙو سرندو Syrinx رکيو آهي، جنهن مان هو مختلف سر ڪيڏي مادي پکين کي ريجهائي سگهن ٿا.

هجرت ڪندڙ پکي 5000 فٽن جي بلنديءَ تي اڏامن ٿا ۽ هر سال هزارين ميلن جو سفر ڪري ڏکڻ ڏي وڃن ٿا ۽ سيارو گذاري وري پنهنجي وطن ورن ٿا. هندستان تي حڪومت ڪندڙ انگريز ٿا ياد اچن، جيڪي سياري جي موسم دهليءَ ۾ گذاريندا هئا تہ اونهاري جا گرم مهينا شملي ۾. هر هڪ آفيسر پنهنجن ڪلارڪ ڪڙن، پٽيوالن توڙي فائيلن سان گڏ لڏپلاڻ ڪندو هو ، ان وانگر هي Migratory Birds ڪن ٿا. ڪي پکي تہ اتر ڪئناڊا جي ٿڌ کان بچڻ لاءِ برازيل ۾ سيارو گذارين ٿا. يعني ، هو 4000 ميل اوٽ ۽ 4000 ميل موٽ جو سفر هر سال ڪن ٿا. تنيهر جهڙو هڪ پکي جيڪو هتي Golden Plover سڏجي ٿو، هر سال ناروي ۽ سئيڊن جي سخت سيءَ کان بچڻ لاءِ 8000 ميلن جو سفر طئي ڪري ، ڏکڻ آمريڪا جي ملڪ برازيل وڃي ٿو. هي پکي ڪيئن ٿا هر سال ساڳيا رستا وٺي پنهنجين منزل تي پهچن، قدرت جو اهڙو ڪارنامو آهي، جنهن جي اجا انسان

کي صحيح ڄاڻ ئي نہ پئجي سگهي آهي.
جاگرافي ۾ نيويگيشن جي سالن جا سال تعليم ۾ سکيا وٺڻ بعد، رڳو ڪراچي کان ممبئي يا ممباسا وڃڻ لاءِ بہ سمنڊ جي چپي چپي ج ا سمورا چارٽ (سمنڊ جا نقشا) پاڻ سان کڻون ٿا. سيٽلائيٽ نيويگيٽر جي سهوليت هوندي سيڪسٽنٽ اوزار بہ کڻون ٿا، جيئن ان ذريعي چنڊ تارن جو بہ حساب لڳائي ، پڪ ڪري سگهون تہ صحيح واٽ تي آه يون يا نہ. ۽ الله نہ ڪري جيڪڏهن سمنڊ تي طوفان ٿو اچي تہ پوڙهن جهاز رانن کي بہ پگهر اچيو وڃي، ڇو جو جهازن اسان جي مرضي واري راهہ تان رڙهيو (ڊِرفٽ ٿيو) وڃي. ڪاڏي پيتي ۾ پاڻيءَ جهڙو سامان الڳ کڻو ن ٿا تہ جيئن متان راهہ کان ڀٽڪي وڃون ۾ وڏيڪ ڏينهن لڳي وڃن تہ ڪاڏو خوراڪ تہ هجي ۾ سياري جي موسم ۾ جڏهن يورپ پاسي تيز هوائون ۾ ڏنڌ اسان جهاز رانن جون وايون بتال ٿو ڪري، تہ نقشن ۾ رڊارن هوندي بہ اسان مڪاني جهاز ران سونہ يڻ (Pilot) کي کڻون ٿا تہ اسان جي مدد ۾ رهنمائي ڪ ري ۾ هو هئمبر گ کان راٽرڊم تائين، يا ڪوپن هيگن کان ائنٽورپ بندرگاهہ تائين پهچائي اچي ۾ هيءَ خدا جي مخلوق (مهاجر پکي) بنا نقشن ۾ ٻين نخرن جي، الله جي آسري جبلن، ريگستانن ۾ سمنڊ ن مٿان پيا ڏينهن رات اڏامن. شروع ۾ تہ آئون سمجهندو هوس تہ هنن مان پڪ ڪو پوڙهو پکي اڳيان هلندو هوندو، جنهن کي باقي ولر فالو ڪندو هوندو. پر جهاز جي ڊيڪ (عرشي) تي ليٽي مٿان ڪوچ ڪندڙ پکين کي غور سان ڏٺم تہ اهڙي بہ ڪا ڳالهہ ناهي. رکي رکي اڳيان اڏامندر پکي پٺيان ٿيو وڃن ۾ پٺين مان ڪڏهن ڪو تہ ڪڏهن ڪو هن جاءِ تي ليڊر ٿيو وڃي. ڪڏهن تہ يڪي قطار جنهن کي ڊرل (پريڊ) جي زبان ۾ "سنگل فائيل" سڏجي، اها سڄي قطار اڳيان وڏندي رهي ٿي، ڪڏهن تہ هي پکي انگريزيءَ جي اکر `V` جي شڪل ۾ اڏامن ٿا.
۽ هي پکي ڪراچي کان ممبئي تائين ڪو 400 ڪن ميلن جو سفر نٿا ڪن ، پر هزاري ن ميل اڏامن ٿا. هيڏانهن ناروي ۽ سئيڊن پاسي،جتان هي مضمون لکي رهيو آهيان، سِي گل (Sea Gull) پکيءَ جهڙو هڪ پاڻيءَ جو پکي آهي، جنهن کي هن پاسي جا ماڻهو

پنهنجي مڪاني ٻولين جي نالي سان سڏين ٿا ، پر عام طرح انگريزي نالي ’آرڪٽڪ ٽرن‘ سان سڏيو وڃي ٿو. ٽرن پکي اسان وٽ سنڌ ۾ ٻه سياري ۾ نظر اچي ٿو جنهن کي سنڌيءَ ۾ ٻه ”ٽرن“ سڏيو وڃي ٿو ، پر هتي رهندڙ سانگهڙ ۾ دادو ءَ جي همراهن ٻڌايو ته يورپ جي هن جي Arctic Tern پکيءَ جي هڪ ٻي جنس، جيڪا سانگهڙ ۾ منڇر ۾ نظر اچي ٿي، ان کي سنڌ ۾ ڪنائي سڏيو وڃي ٿو . هتي رهندڙ ايراني هن پکيءَ کي خرشند به سڏين. بهرحال اسان وٽ ڪراچي ۾ بدين پاسي سمنڊ تي اڏامندڙ Seagull پکين جو هي سوٽ ماسات ٿئي سڏجي ٿو. سندس ڊيگهه 13 کان 15 انچ ٿيندي ۾ هڪ پَرَ جي ڪنڌ کان ٻئي پر جي ڪنڌ تائين ماپ (Wing Span) 26 کان 30 انچن تائين ٿيندي. سندس مٿي جو مٿيون حصو اکين تائين ڪارو ٿئي. اکيون به ڪاريون ٿين‌ٿيون. سندس ڳلن وارو ۾ هيٺيون حصو کير جهڙو اڇو ٿئي. سندس پَرن جو مٿاهون حصو هلڪي سليٽي رنگ جو ٿئي. چهنب ۾ پيرن جو رنگ رت جهڙو ڳاڙهو ٿئي س. بيحد دلير ۾ بي ڊپو پکي آهي. جهاز جو بورچي رڌڻي جي صفائي ءَ بعد بچيل سچيل کاڌو جڏهن سمنڊ ۾ اڇلائيندو آهي ته سي گل جهڙا پکي ڊبل روٽي ءَ ۾ مانيءَ جا ڪنا ڪٽي کائيندا آهن، پر هي پکي ”آرڪٽڪ ٽرن“ ٽٻي هڻي، پنهنجي لاءِ تازي مڇي ڪڍي وٺندو ۾ مڇي به جهڙي تهڙي نه ، پر سندس قد بت جيڏي خاص ڪري eel جهڙيون مڇيون ڦاسائي کائي. مون وٽ هن پکيءَ جا ڏاڍا فوٽو آهن. ڪي اڏامندي، ڪي پاڻيءَ ۾ ٽٻي هڻندي، ڪنهن ۾ هوا ۾ مڇيءَ سان آهي. اتر طرف سج منجهند جو به هيٺ ٿئي ، ان ڪري هر فوٽو بيحد چٽو ۾ سنوا اچي ٿو ، اهي فوٽو پڙهندڙن سان Share ڪرڻ تي دل چوي ٿي ، پر اخبار يا رسالي ۾ گنجائش نه هجڻ ڪري نٿا ڇپجن، ان ڪري منهنجي اها ئي ڪوشش هوندي آهي ته ڪالم ڇپجڻ بعد اهي فوٽو پڙهندڙن کي اي ميل ڪيا وڃن. بهرحال اتر قطب جي سمنڊ جو رهاڪو هي پکي ”آرڪٽڪ ٽرن“ سمنڊ ۾ ٽٻي هڻي مڇي ڦاسائڻ ۾ هوشيار آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته هو غوطو هڻي به مڇيون چهنب ۾ جهلي ٻاهر نڪرندو آهي. ٻن مڇين کي هڪ ئي وقت چهنب ۾ ڪيئن ٿو جهلي، اهو هن آرڪٽڪ

ٽرن پکيءَ جو ڪمال آهي ۽ توهان کي حيرت ٿيندي ته ڪئناڊا ۽ آئسلئنڊ جي وچ واري سمنڊ ۾ مون هڪ اهڙي ٽرن جي به تصوير ڪڍي آهي، جنهن جي وات ۾ هڪ ئي وقت ٽي مڇيون آهن! پر هن پکيءَ جو جيڪو وڏو ڪمال آهي ۽ قدرت جو ڪرشمو چئجي، اها هن جي ڊگهي لڏ پلاڻ آهي. آرڪٽڪ ٽرن دنيا جو اهو Migratory پکي آهي، جيڪو هر سال سڀ کان ڊگهو سفر ڪري ٿو. هو اتر قطب واري سمنڊ Arctic Sea کان اڏامي ٿو ته ٻاويهه هزار ڪلوميٽر جو سفر ڪري، ڏکڻ قطب واري سمنڊ Antarctic اچيو دنگ ڪري! هو روزانو 240 ڪلوميٽر اڏامي ٿو. سائنسدانن کي پهرين شڪ هو ته ائين نه هوندو. پوءِ هنن هتان ناروي کان ڪجهه آرڪٽڪ ٽرن پکين جي پيرن ۾ اليڪٽرانڪ جا چِلا چاڙهيا. ٽن مهينن بعد هي پکي آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ ۾ رڊار ذريعي لڌا ويا.

سمنڊ تي جهاز هلائيندڙ يا مسافر، ڊيڪ تي ليٽي ڏسندا ته مٿي ڪونجون، آڙيون، نيرڳ ۽ هنجر هجن يا نه ، پر هي پکي Arctic Tern هر وقت سفر ۾ نظر ايندا ، پوءِ پلي ائٽلانٽڪ سمنڊ هجي يا پئسفڪ سمنڊ! هنن پکين جا ولر ڪڏهن ڏکڻ طرف پيا ويندا ته ڪڏهن اتر طرف. نئين ماڻهوءَ لاءِ هن پکيءَ جي بهترين سڃاڻپ سندس ڊگهو پڇ آهي، جيڪو آخر ۾ ابابيل پکيءَ جي پڇ جهڙو ڪئنچيءَ وانگر نظر اچي ٿو.

# پکين ۾ Navigation جي قوت

هڪ دفعو پاڻ وري پکين بابت حيرت انگيز ۽ دلچسپ ڳالهين جو ذڪر جاري رکنداسين.

اڄ کان ڇهه ست صديون اڳ تائين يورپ، توڙي اسان پاسي جي ماڻهن اهو ئي سمجهيو ٿي ته هي لڏپلاڻ ڪندڙ پکي سال جا پنج ڇهه مهينا ڪو اتي ڪٿي پرپاسي ۾، جبلن جي غارن يا ساموندي ٻيٽن تي ٿا وڃيو لڪن . پر پوءِ آهستي آهستي جيئن ماڻهن ڊورانهن ڏيهن ڏي نڪرڻ شروع ڪيو ته کين خبر پئي ته هي پکي هر سال وڏو سفر ڪري وڃن ٿا ۽ مقرر وقت پرديس ۾ گذاري، پنهنجي وطن موٽن ٿا. گذريل صديءَ جي آخر ۾ جيئن آءِ . سي . چِپ Integrated Circuit ايجاد ٿي ته سائنسدانن لاءِ هنن پکين جو ٽرئڪ رکڻ (پيڇو ڪرڻ) آسان ٿي پيو.

سئيڊن جي گوٿابرگ يونيورسٽي ءَ جي هڪ بائلاجسٽ ٻڌايو ته گذريل سال هنن اٽڪل هڪ لک پکين جي پيرن ۾ پؤنچيون (Bands) يعني اليڪٽرانڪ ڇلا چاڙهي ڇڏيا. سياري شروع ٿيڻ سان هو جيڏانهن جيڏانهن ويڻ لڳا، سندن ڪمپيوٽر ذريعي رڪارڊ رکيو ويو. ڪجهه پکين سان ريڊيو ٽرانسميٽر به اٽڪايا ويا، جيئن هنن جي چر پر جي تفصيلي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي . ته هو ڪيتري رفتار سان اڏامن پيا ۽ ڪيترن ڪلاڪن بعد فرحت وٺن ٿا ۽ آخر ۾ هو ڪهڙي منزل چونڊي، ان تي سيارو گذارين ٿا. حيرت جي اها ڳالهه ته سيارو گذاري هو جڏهن مئي ڌاري سئيڊن ۾ موٽيا ته ان ساڳي ساڳي هنڌ تي اچي لٿا، جتان هو روانا ٿيا هئا.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته پکي لڏپلاڻ ڇو ٿا ڪن؟ آخر اهو ڪم ڪو آسان ته ناهي. ڏينهن رات ٻرَ هلائي هنن ڪي اڏرڻو پوي ٿو ۽ پوءِ ڌارئين

ڏيهہ ۾ بہ پهچي کاڌي خوراڪ جي ڳولا ڪرڻي پوي ٿي. هنن جو سفر ڪو انسانن وارو تہ نہ آهي ، جيڪي هڪ مرلڪ کان ٻئي ملڪ جمبو جهازن ۾ سفر ڪن ٿا ۽ منزل تي پهچي هو فائيو اسٽار هوٽلن ۾ رهن ٿا ۽ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڪارن موٽرن ۾ گهمن ٿا. پکين وانگر انسانن مٿان هر گہ ٿ تي شڪاري بندوقون تاڙيو نٿا بيهن.

سائيبيريا، يورپ جي اتراهن ملڪن ۽ ڪئناڊا طرف سياري جي سخت سيءَ کان بچڻ لاءِ اتي جا پکي هر سال ڏکڻ طرف هجرت ڪن ٿا. ڪنهن چيو تہ هي پکي کاڌي خاطر ڏکڻ ڏي ڪوچ ڪن ٿا ، جو سياري ۾ اتراهن علائقن ۾ هر هنڌ برف چانيل رهي ٿي. ڪو گاهہ يا سنگ تہ نٿو اپري، پر ساوا وڻ بہ نوڙها ٿيو وڃن. سو اهڙن ئي ملڪن جا رهاڪو پکي سيءَ کان نہ پر بک کان ڀڄن ٿا. آمريڪا جي ڪيترن ئي شهرن ۾ جڏهن Bird Feeders ، يعني پکين جي چُڳڻ لاءِ اناج سان ڀريل ڄاريءَ جون ٿيلهيون لڳايون ويون تہ ه ر هڪ ڏنو تہ سياري ۾ گهرن ۾ ايندڙ ننڍين پکين جو تعداد هيڪاندو وڌي ويو. ان جو مطلب واقعي اهو ئي نڪتو تہ ڪيترائي پکي اهڙا آهن ، جنکي جي پيٽ ڀرڻ لاءِ کاڌو ملي تہ هو سيءَ جي بہ پرواهہ نہ ڪن ، پر اهڙن پکين جو تعداد تمام گهٽ آهي ۽ هي اهي ئي آهن جيڪي گهرن ۾ اچن ٿا، گهرن ۾ رهن ٿا، جيئن پاڻ وٽ جهرڪيون ۽ ڪبوتر آهن. ٻاهر وڻن تي رهندڙ پکين لاءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ هي سائيبيريا، ڪئناڊا يا ناروي، سئيڊن ۽ آئس لينڊ جهڙن ملڪن جي ڪاٽو 20 ڊگريون يا ان کان بہ وڌيڪ ٿڌ برداشت ڪري سگهن.

سائنسدان چون ٿا تہ پکين جي هجرت ڪرڻ جو هڪ سبب روشني بہ آهي. سمهڻ لاءِ رات ضروري آهي ، پر پنهنجي ۽ پنهنجن ٻچن جي پيٽ ڀرڻ لاءِ ڏينهن جي روشني ضروري آهي، جنهن ۾ هو کاڌي خوراڪ لاءِ اَن ڪٺا، ڪي ڙا ماڪوڙا يا مڇيون ۽ ڏيڏر ڦاسائين ٿا. پنهنجو ۽ پنهنجن آنن ۽ ٻچن جو بچاءُ بہ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ بهتر ٿي سگهي ٿو. رات جي وقت اونداهہ ۾ ڪيترائي چمڙن ۽ چٻرن جهڙا پکي، نانگ بلائون ۽ ٻيا جانور هنن پکين ۽ انهن جي ٻچن کي کائڻ لاءِ ڳولا ۾ سرگردان رهن ٿا. سياري جي موسم ۾ اتراهن ملڪن ۾ رات

تمام وڏي ٿئي ٿي. اسٽاڪهوم ۽ اوسلو ۾ به 18 ڪلاڪن جي ٿيو وڃي. اچا مٿي نيسنا، ٽرومسو، هارسٽئڊ ۽ ڪرونا جهڙن شهرن ۾ ته ويندي 20 ڪلاڪن کان به ڊگهي رات ٿيو وڃي. هاڻ اهڙن هنڌن تي جتي ڏينهن ٻن ٽن ڪلاڪن جو مس ٿئي ٿو چوڌاري جميل برف تي پکي پنهنجي کائڻ لاءِ ڇا حاصل ڪري سگهن ٿا.

پر اها حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته سيءَ، بک ۽ اونداهين ڊگهين راتين کان بچڻ لاءِ ننڍڙا پکي ، جن ۾ پاءُ گوشت جو مس ٿو ٿئي، ٻن ڪنپڙاٽين تي ڪيئن اڌ دنيا لتاڙين ٿا. هڪ اڻ ڏٺل دنيا ڏي پکي پنهنجي اڏام جو ڪورس ڪيئن پلاٽ ڪن ٿا، ڪمال جي ڳالهه آهي! سمنڊ تي رستا نهيل نه آهن ، سو اسان هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ڏي وڃڻ لاءِ پهرين سامونڊي نقشن (Charts) تي پنهنجي سفر جي پلاننگ ڪيون ٿا. مثال طور پهرين اولهه ڏي وڃڻو آهي، پوءِ فلاڻي ٻيٽ وٽان گذرڻ تي ڏکڻ ڏي رخ ڪرڻو آهي، پوءِ ٿورو اتر طرف لڙي وري اولهه جو رخ ڪرڻو آهي. رستي تي جهاز لاءِ تيل ۽ ماڻهن لاءِ راشن پاڻي جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ فلاڻي فلاڻي بندرگاهه تي ترسڻو آهي... وغيره وغيره ۽ هي پکي فقط ۽ فقط دعائن ۽ توڪل تي ئي سفر ڪندا رهن ٿا، شايد!

سئيڊن ۾ پنهنجي پاڙي 'هولما' ۾ رهندڙ هڪ مڪاني سُئيڊ شاگرد کان پڇيم، جيڪو سئيڊن جي يونيورسٽي ءَ مان هنن لڏ پلاڻ وارن (Migratory) پکين تي ڊاڪٽوريٽ Ph.D ڪري رهيو آهي، ته هي پکي جن نيويگشن جي ڪنهن به ڪاليج مان تعليم حاصل نه ڪئي آهي ۽ نه وري ڪا جاگرافي پڙهيا آهن، پنهنجي منزل تي ڪيئن ٿا پهچن؟ ۽ سڄو سيارو اسپين، موراڪو يا سنڌ ۽ راجستان ۾ گذاريو ، وري اچيو هن شهر مالمو جي پارڪن ۽ بس اسٽاپن تي پيا چڻن!

## هن جي ڄاڻ مطابق

قدرت هنن تي اهو علم وحَي ڪيو آهي ، يعني Instinct جو حصو آهي، جيئن ٻار ڄمڻ سان ٿڃ پيئي ٿو. اچا به بهتر مثال ڪميءَ

جي ٻچن جو آهي. ڪمي (ڪچون) بيضا ڏيڻ لاءِ سمنڊ مان نڪري ڪناري تي اچي ٿي ۽ سمنڊ کان ڇگو پري ريتيءَ ۾ کڏ کوٽي ، ان ۾ پنجاهه سٺ آنا لاهي ، کڏ پوري واپس هلي وڃي ٿو ، ڪجهه عرصي کانپوءِ ٻچا آنا ڀڃي ٻاهر نڪري، مٿي اچن ٿا ۽ يڪدم سمنڊ جو رخ رکن ٿا. هنن کي ڪيئن ٿي خبر پوي ٿي تہ سمنڊ هن پاسي آهي! ڪين مخالف طرف ڪرڻ سان هو مڙي وري سمنڊ ڏي رخ ڪن ٿا. هنن کي قدرت طرفان وحي ٿيل آهي تہ سمنڊ ڪهڙي طرف آهي ۽ هنن جو بچاءُ سمنڊ ۾ آهي. دير ڪرڻ سان ڪانگ، سرٽيون ۽ ڪتا ٻلا کين کايو وڃن. سو هجرت ڪندڙ پکين کي قدرت طرفان Instinct آهي.

جبل، نديون، چراگاهه ۽ ٻيون ڌرتي مٿان نظر ايندڙ شيون Topographic Clues بہ هنن جي مدد ڪن ٿيون، جيڪي هنن لاءِ ائين آهن، جيئن رستي تي لڳل بورڊ. هي جبل اچڻ کان اڳ کاٻي مڙٽو آهي، پوءِ وهندڙ درياهہ مٿان سڌو ئي سڌو اڏامڻو آهي... وغيره وغيره.

ڪن سائنسدانن جو اهو بہ خيال آهي تہ پکي پنهنجي راهہ جو فيصلو سج جي پوزيشن ذريعي بہ ڪن ٿا، جيئن اسان جهاز جي رفتار جو اندازو ۽ 24 ڪلاڪن ۾ ڪيل سفر جو مفاصلو مختلف وقتن تي سج جي پوزيشن ذريعي حاصل ڪريون ٿا. بهرحال جي ائين آهي تہ پوءِ هي پکي وڏا سياڻا چئبا جو بنا سيڪسٽنٽ (Sextant) ، بنا لاگ ٽيبل يا ڪئلڪيوليٽر جي، بنا ڪاغذ ۽ قلم جي، پنهنجي دماغ ۾ سڄو حساب ڪتاب ڪريو وٺن ۽ دماغ بہ ڪو خاص وڏو نہ اٿن. پکيءَ جو مٿو چيري ڏسو! منجهس اڌ کان گهٽو حصو اک وارو ٿي ، ميڄالو تہ ڪو ذرو پرزو اٿس ، جو مٿي ۾ پٽين ح صري جي هڪ ڪنڊ مس ٿو والاري.

پکين تي Ph.D ڪندڙ مالمو (سئيڊن) جي هن شاگرد ٻڌايو تہ ڪيترائي پرديسي پکي رات جي وقت سفر ڪن ٿا، جڏهن سج ۽ ڌرتي تي موجود شيون (Landscape) نظر نٿيون اچن. رات جي وقت هو گهڻو ڪري تارن کان مدد وٺي، پنهنجي منزل ڏي وڃڻ جي راهہ جي آگاهي حاصل ڪن ٿا. هي سائنسدان چون ٿا تہ ائين بہ هوندو.

ڪجهه ڪجهه لڳي ٿو ته ائين ٿو جو ڪيترا پکي پئرس، روم، نيويارڪ، لنڊن جهڙن شهرن مٿان گذرڻ وقت، وڏين عمارتن ۾ ٻرندڙ بتين جي جڳمڳ يا عمارتن جي چلڪندڙ شيشن ۾ بتين جي اولڙن تي پلجي پون ٿا. هو جن تارن گُتين ۾ چِٽيل (Constellations) ڪي دماغ ۾ رکي اڏامن ٿا، اهي هنن جي دماغ مان نڪري وڃن ۾ صحيح ٽريڪ تي اچڻ جي ڪوشش ۾ هوا تي ٿي چوڌاري ڦرندا رهن ٿا. نيٺ ٿڪجي فنا ٿي هيٺ ڪري پون ٿا يا انهن عمارتن سان ٽڪرائجيو پون. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هر سال وڏن شهرن جي عمارتن سان ٽڪرائجي لکين پکي مرن ٿا. سنگاپور، هانگ ڪانگ، جبرالٽر يا ٻين وڏن بندرگاهن يا سوڙهن رستن تان اسان جي جهازن جو لنگهه ٿئي ٿو ۽ جڏهن جهازن ۾ شهرن جي عمارتن جون بتيون نيويگيشنل بتين (جهاز رانن کي رستو ڏيکاريندڙ سمنڊ يا ڪناري تي لڳل بتيون) گڏ مڏ ٿيو وڃن ته ان وقت اسان جي به کهڙي حالت ٿيندي آهي. صحيح رستو وڃائي ويهندا آهيون ۽ وري ساڳي ٽريڪ تي اچڻ لاءِ ڇا ته جدوجهد ڪرڻي پوندي آهي ۽ اهڙن موقعن تي ٿوري به ڪوتاهي يا انسان جي ذهني يا جسماني ٿڪاوٽ، حادثو ڪرايو وجهي ۽ جهاز تباهه ٿيو وڃي.

صحيح آهي ته هجرت ڪندڙ Migratory پکين مان ڪي رات جو سفر ڪن ٿا ۽ واقعي رات جي وقت، خاص ڪري جهازن جي ڊيڪ تان هي پکي نظر ايندا آهن. چوڌاري سمنڊ هوندو آهي ۽ هي پکي ڪڏهن ماٺ ۾ ته ڪڏهن لاتيون لَوندا، موسم مطابق ڪڏهن ڏکڻ ڏي ته ڪڏهن اتر طرف پيا ويندا آهن. جهاز ڪٿي ائنڪر تي بيٺل هوندو آهي يا خراب ٿيڻ ڪري انجڻ بند ٿي ويندي آهي ته سمنڊ جي چولين جي هلڪي ٿپ ٿپ سان گڏ هنن پکين جي پرڙن هڻڻ جو آواز به ٻڌڻ ۾ پيو ايندو آهي.

انهن پکين وانگر اسان وٽ هن سائنسي دور ۾ به ڪيترائي ناکئا بنا ڪنهن "اليڪٽرونڪ نيويگيشنل ايڊ" جي، فقط ۽ فقط تارن جي مدد ذريعي ڪراچي کان دبئي، ڪراچي کان ممبئي پهچيو وڃن. ڪي ناکئا ته ويندي ڪراچي کان جبوتي يا مغديشو (سوماليا) کان به وڃيو

نڪرن، پر طوفاني راتين ۾ مينهوڳيءَ جي مند ۾ جڏهن آسمان ڪارن ڪڪرن سان ڀريل هوندو آهي ۽ واٽ ڏَسيندڙ ڪو تارو نظر نہ ايندو آهي تہ هنن جون وايون بتال ٿي ويندديون آهن. هنن کان تَڙَ تواڻي ٿي ويندا آهن ۽ اونداهہ ڪارونيار ۾ هنن لاءِ طرف سڃاڻڻ ڏکيا ٿي پوندا آهن. اسان جي جهازن تي ڪٽي ريڊار ٿين ٿا، ايڪو سائونڊر ٿين ٿا، ڊي ايف (Direction Finder) ٿين ٿا ۽ مختلف ڪمپاسن ذريعي ٽيئي اتر (جاگرافيائي اتر، چقمقي اتر ۽ True اتر) ڳولي وٺون ٿا ، ان ڪري جهڙالين راتين ۾ بہ پنهنجي سفر کي جاري رکون ٿا. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اهڙين راتين ۾ جيڪي هنن پکين جي سفر ۾ پڻ ڪٽي نہ ڪٽي ضرور ايندديون هونديون ۽ تارا گُتيون غائب ٿي ويندديون هونديون، هي پکي رات جي وقت پنهنجو سفر ڪيئن ٿا جاري رکن؟

پکين جي معلومات رکندڙهن شاگرد ٻڌايو تہ ڪجهہ پکي اهڙا آهن، جيڪي جهڙالين راتين ۾ بہ پنهنجو سفر قائم رکن ٿا. هنن جي اندر قدرت طرفان ڪو اهڙو ڪمپاس (قطب نما) فِٽ ٿيل آهي ، جو هو ڌرتيءَ جي چقمقي فيلڊ (Magnetic Field) کي پرکي سگهن ٿا.

پکين تي کوجنا ڪندڙ ڪجهہ سائنسدانن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ لڏ پلاڻ ڪندڙ هنن پکين جي ميڄالي ۾ پاليل ڪبوترن وارو ڪيميائي مادو هجي، جنهن کي انگريزي ۾ Magnetite سڏجي ٿو جنهن کان ڪيمسٽريءَ جو هر شاگرد واقف آهي. ڪجهہ سائنسدانن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ پکي اکين يا دماغ ذريعي نہ ، پر ڪنن ذريعي پنهنجي راهہ ڳولين ٿا، جنهن تي هلي هو منزل تي پهچن ٿا. هو ڪنهن ذريعي هيٺاهين فريڪئنسي ءَ وارا آواز جيئن تہ سمنڊ جي چولين جي اٿل پٿل، سوين ميلن تان ٻڌي سگهن ٿا.

ائين بہ ناهي تہ رستو ڳولڻ ۾ پکي غلطي نٿا ڪن. جڏهن انسانن کان ئي چُڪون ٿيو وڃن تہ پکين کان چو نہ ٿيندديون هونديون. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ سمنڊ تي لڳندڙ طوفانن ۾ مونجهارن ڪري ڪيترا پکي واٽون وڃائي ويهندا آهن ۽ اتر ڪئناڊا کان نڪتل پکي ڏکڻ طرف برازيل يا وچ آمريڪا ڏي ويندي، طوفانن ۾ وچڙي ائٽلانٽڪ سمنڊ اڪري اوڀر طرف يورپ کان اچي نڪرندا

**آهن. بهرحال اها ڪا وڏي ڳالهہ ناهي، ڪولمبس جهڙو چگو مڙس ئي سمنڊ تي رستو وڃائي ويٺو. هو ايسٽ انڊيز (انڊونيشيا، ملايا وغيره) لاءِ پنهنجي ملڪ اسپين کان نڪتو هو. آفريڪا کنڊ جي ڇيڙي تائين پهچي، ڪابي پاسي اوڀر طرف رخ ڪرڻ بدران ساڄي اولهندي ڏي ڏوڪيندو ويو. چگو جو ان طرف زمين هئي ۽ پوءِ هن کي ڪريڊٽ مليو تہ هن آمريڪا ايجاد ڪيو آهي ، پر جي زمين نہ هجي ها يا آمريڪا اجان بہ هفتو کن ڏور هجي ها تہ بک ۾ پاهہ ٽيندڙ جهاز ران هڪ ٻئي کي کائي کپائي ڇڏين ها.**

# پکي لڏ پلاڻ چو ٿا ڪن

ڪئناڊا جي هڪ ننڍي بندرگاهہ “بي ڪامو” ۾ اسان جي جهاز تان گوار جهڙين ڦرين جو ٻج لهي رهيو هو. هن ٻج سان اسان سينيگال جي بندرگاهہ ڍڪار مان جهاز کي ڀرائي، ڪئناڊا جي هن ڏور اتراهين بندرگاهہ ۾ پهتا هئاسين. ٻج ۽ اناج تي ڪيترن ئي قسمن جا پکي هيڏانهن هوڏانهن چُڳي رهيا هئا. انهن ۾ هڪ پنج انچ کن ڍگهو جهرڪيءَ جهڙو پکي پڻ هو جنهن لاءِ اتي ڪم ڪندڙ هڪ شيدي فورمئن چيو تہ هن جو نالو ٽينيسي واربلر آهي. اُهي جولاءِ جا ڏينهن هئا. شيدي ڏاڏي چيو تہ جهاز خالي ٿيڻ ۽ مرمت بعد جڏهن اسان نيويارڪ، بالٽيمور، هيوسٽن ۽ آمريڪا (USA) جي ٻين بندرگاهن مان سامان کڻي ويسٽ انڊيز جي ٻيٽن ٽرنيداد ۽ ٽباگو وٽ نومبر ڌاري پهچنداسين تہ هي پکي اسان کان اڳ اتي پهتل هوندو. ان وقت مون کي ڏاڏي شيديءَ جي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، جنهن جي ڏاڏي 1932ع ۾ ٽرنيداڊ کان لڏي ڪئناڊا ۾ اچي گهر وسايو هو. بعد ۾ خبر پئي تہ مٿيون پکي هجرت ڪندڙ پکي آهي ۽ هر سال ڪئناڊا جي سخت سيءَ کان بچڻ لاءِ 3000 ميلن جو سفر ڪري وچ آمريڪا ۾ ڏکڻ آمريڪا وڃي ٿو ۽ وري بهار جي موسم شروع ٿيڻ سان ڪئناڊا واپس وري ٿو. هو موٽڻ بعد ساڳي هنڌ تي پهچي ساڳي وڻ تي آکيرو ٺاهي آنا لاهي ٿو.

ڪئناڊا واري ڏاڏي (شيدي) فورمئن جي ڳالهہ ائين آهي ، جيئن ماسڪو لينن گراڊ، هيلسنڪي يا اسٽاڪهوم جي ڪنهن پارڪ ۾ ڪنهن ڪونج، هنجر يا نيرڳ کي ڏسي ، آئون چوان تہ هي پکي نومبر جي مهيني ۾ توهان کي منڇر يا ڪينجهر ڍنڍ تي يا سانگهڙ جي سانگراڙو يا نونگهٽو ڍنڍ تي نظر ايندو.

## پکين جي لڏپلاڻ بابت هڪ ٻيو نقطو

چيو وڃي ٿو تہ سيءَ کان بچڻ خاطر ۽ کاڌي جي ڳولا لاءِ اتر اهن ٿڌن ملڪن کان سياري ۾ پکي ڏکڻ ڏي روانا ٿين ٿا ـ صحيح آهي. ائين ئي لڳي ٿو پر يارو اهو بہ ت ه سوچيو تہ انهن ۾ ڪي پکي پڪ عجيب مسخرا هوندا، جو هيڪاندو گهڻو ڏکڻ ڏي هليا ٿا وڃن. جيئن ناروي، سئيڊن، ۽ ٻين اتر اهن ملڪن جا پکي سيءَ کان بچڻ لاءِ ڏکڻ طرف وڏ ۾ وڏ اسپين ۽ اٽليءَ تائين ڪٽي وڃن ۽ اتي ئي سيارو گذ ارين ۽ اهو بہ آهي تہ ڪجھ پکي واقعي اتيئي ٽِڪي پون ٿا ، پر ٻيا خبر ناهي ڇو سڄو ميڊيٽرينين (يوئنچ) سمنڊ لتاڙي، الجيريا، لبيا ۽ ڪي تہ ترڪيءَ، ايران مان ٿيندا ، سنڌ ۽ گجرات (هندستان) کان وڃيو نڪرن. ان تي ڪو اعتراض ناهي، بلڪ هنن پرديسي پکين جي اها سٺي ڳالھ آهي، جي هو عقل کان ڪم وٺي پاڻ کي وڏيڪ تڪليف ۾ وجهڻ جي نہ سوچين ۽ فرانس توڙي اسپين جي ڍاڪٽين ڍنڍن، درياهن ۽ سامونڊي ڪناري تي ئي ٽِڪي پون ، تہ اڄ اسان کي سنڌ ۾ ههڙا سهڻا پکي ڪٿي نظر اچن ها!

هڪ ٻي ڳالھ. سئيڊن جي شهر مالمو جي هڪ بس اسٽاپ جي بينچ تي آئون ۽ مون سان گڏ اتي جي يونيورسٽي مان M.Sc ڪرڻ وارو چيف انجنيئر حميد قاضي ويٺو هو. جولاءِ جو مهينو هو ، هڪ بہ رتنبا (Red Crested Pochard) ۽ اڇڙا (Marbal Ducks) اسان جي پيرن وٽ ناز سان هلي رهيا هئا. مون هڪ رتنبي جي پنيءَ تي هٿ ڦيريو، هو نہ ڇرڪيو ۽ نہ پڙڪو ڏئي ڀڳو. هو پنهنجي ناز وار چال سان اڳتي وڌندو ويو. مون کلي قاضيءَ کي چيو تہ يار هي پکي بہ وڏا سياڻا آهن، نومبر ۽ ڊسمبر ۾ جڏهن هو سنڌ ۾ آهن تہ اتي تہ ائين ڪنهن سنڌيءَ جي ويجهو نٿا وڃن. هتي سئيڊن ۾ هڪ سنڌيءَ کان پنيءَ تي هٿ لا ه رائيندي بہ نٿا ڊڄن، جو هنن کي خبر آهي تہ سئيڊن جي حڪومت ان معاملي ۾ سخت آهي. پرديسي پکين کي نقصان رسائڻ تي نہ فقط ڳرو ڏنڊ آهي، پر جيل جي سزا پڻ آهي. ائين جي نہ هجي ها تہ هي بدڪون ۽ آڙيون تہ ڇا، سئيڊن جا پاريہ ر بہ پاڻ وارو ٽيونيشيا جو عرب محمد عياض ڪُهي کائي ڇڏي ها. هڪ ڏينهن

ڪوپن هيگن جي ريلوي اسٽيشن جي ڇت تي ڪامن ۾ ويٺل پارين رن ڏي اشارو ڪري محمد عياض مون کي چيو هو، "الطاف! حڪومت طرفان بندش نہ هجي تہ روز ڇُري ڪٽي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ پاريهر ڪُهي کٽي وڃان."

مون کي حيرت مان گهوريندو ڏسي چيائين، "توهان پاڪستاني شايد پکين کي نٿا کائو."

"خير Reputation تہ اسان پاڪستانين جي، بلڪ اسان سنڌين جي بہ ڪا خاص سٺي ناهي." مون عياض کي ٻڌايو، "اسان تہ هنن خوبصورت پکين جو اهڙو سُک ڦٽايو آهي، جو اسان وٽ هاڻ اچڻ ئي گهٽائي ڇڏيو اٿن ، پر اسان پارين رن ۾ ڪبوترن جو نالو نہ وٺندا آهيون."

منهنجي خيال ۾ سنڌ ۾ هاڻ اسان وٽ پارين ر ئي وڃي بچيا آهن، جن جو نہ ڪو وڏيرو وزير نالو وٺي ٿو ، نہ وري ڪو باگڙي پيل. سنڌ ۾ پاريهر پکيءَ لاءِ چوندا آهن تہ هي پکين ۾ سَيد آهي ، هن کي مارڻ گناهہ آهي. آس پڄڻ تي هنن پکين کي اَنُ پيا کارائيندا ، باقي ٻين پکين کي نہ فقط اسين پاڻ، پر عربن کي بہ وٺي ايندا اسين تہ اچي انهن جو شڪار ڪيو.

ناروي جي هڪ اترا هين بندرگاهہ ٽرنڊهام ۾، جتي پکين جون تمام گهڻيون ڪالونيون آهن، پکين جي هڪ ماهر Ornithologist کان پڇيم تہ پکي لڏ پلاڻ ڇو ٿا ڪن؟ هنن کي سرءَ جي موسم ۾ ڏکڻ ڏي ۽ بهار جي موسم ۾ واپس اتر ڏي ورڻ جي هورا ڪورا ڪيئن ٿي ٿئي؟

اورنيٿالاجسٽ ان کي سڏجي ٿو، جنهن کي پکين جي ڄاڻ هجي ، جيئن بايولاجسٽ يا زولاجسٽ وغيره. بايولاجي ۾ دراصل باٽ ني ۽ زولاجي اچيو ٿيون وڃن. Ornithology زولاجي جي اها برانچ آهي، جيڪا پکين ۽ انهن جي عادتن وغيره سان واسطو رکي ٿي.
بهرحال هن اورنيٿالاجسٽ مطابق "فوٽو پيرڊزم" پکين کي هجرت لاءِ مجبور ڪري ٿو. فوٽو پيرڊزم دراصل ڏينهن جي ننڍي يا وڏي ٿي ڻ جي اثر کي سڏجي ٿو. بقول ڊڪشنري جي:

Photoperiodicity is the Physiological reaction of organisms to the length of day or night.

پکين جي سائنسدانن موجب ڏينهن جي واڌ يا کوٽ پکين جي Pituitary ۽ Pineal غدودن تي اثر ڪري ٿي ۽ پکي اڏامڻ لاءِ بي چين ٿيو وڃن ۽ آخرڪار هنن کي محسوس ٿئي ٿو تہ هاڻ اڏامڻ جو وقت اچي ويو آهي. سائنسدانن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ انهن ئي ڏينهن ۾ پکين جون Pectoral muscles تي بہ سوج چڙهيو وڃي. هنن ۾ هيڪاندي گهڻي مضبوطي ۽ طاقت پيدا ٿيو وڃي. ۽ اها ئي شيءِ آهي، جيڪا هڪ ننڍڙي "همنگِ برڊ" جهڙي پکيءَ ۾، ايڏي قوت پيدا ڪري ٿي، جو هو هڪ سيڪنڊ ۾ 50 دفعا پَرَ هڻي ٿو ۽ لڳاتار اڏامي خليج ميڪسيڪو (سمنڊ) جو 500 ميلن جو فاصلو 25 ڪلاڪن ۾ پورو ڪري ٿو.

سنڌ جي هڪ اخبار ۾ پڙهيو هوم تہ هي پرديسي پکي پنهنجي اتراهين وطن کان بُکيا اُڃيا نڪرن ٿا ، جو جڏهن هو سنڌ جي ڍنڍين ڍورن تي لهن ٿا تہ بيحد ڪمزور حالت ۾ هوندا آهن ۽ يڪدم ڇُڳڻ ۾ لڳي ويندا آهن. پهريان بہ ٽي ڏينهن تہ هنن کي جيڪي ڪجهہ ملندو آهي سو ڇُڳندا رهندا آهن، ان بعد هو پنهنجي پسند جي خوراڪ جي ڳولا ڪن ٿا...

بهرحال مٿين ڳالهہ جو آخري حصو تہ صحيح آهي ، پر پهريون درست نا هي. سنڌ ايندڙ هي پرديسي پکي سرءَ جي موسم ۾ جڏهن هتان سفر جو سانباهو ڪن ٿا ، ان وقت هنن جي صحت ڏسڻ وٽان هوندي آهي ۽ پوءِ هفتن جا هفتا پَرَ هلائڻ ۽ رستي تي جهڙو تهڙو پيٽ پرڻ ڪري هو ڪمزور ٿيو وڃن. اهو ائين آهي جيئن هڪ ماڻهو ڊائيٽنگ هڪ طرف ڪري ۽ ٻئي طرف سڄو ڏينهن ڊوڙندو رهي تہ هفتي ٻن ۾ هن جي ڇا حالت ٿي ويندي، سو پکين جي بہ مشقت ڪري ڇرٻي ڳريو وڃي ۽ ڏٻرا نظر اچن ٿا ۽ وري ڪائي ڪائي جڏهن ٿُلها ٿين ٿا تہ بهار جي موسم اچيو وڃي ۽ هنن کي پنهنجي وطن ڪوچ ڪرڻ لاءِ تياري ڪرڻي پوي ٿي.

پکين جي هڪ سائنسدان چيو تہ قدرت طرفان جيئن ئي پکين جي جسم تي چربي چڙهي ٿي تہ پکي بي چين ٿيو وڃن ۽ هوا ن کي ڳارڻ لاءِ اڏامڻ ضروري سمجهن ٿا. اهي پکي جيڪي لڏپلاڻ نٿا ڪن، هڪ ئي علائقي ۾ رهن ٿا ، اهي هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ ڦرڻ لاءِ ڏهہ منٽ يا اڌ ڪلاڪ ڪن اڏامي، وري ڪٿي وڻ تي يا پٽ تي اَن داڻو چُڳي پيٽ ڀرين ٿا. پر اهي پکي جيڪي هڪ ملڪ ڇڏي ڏورانهن ڏيہ ن ڏي وڃن ٿا ۽ هنن کي لڳاتار اڏامڻو پوي ٿو انهن لاءِ سندن جسم تي چربيءَ جو هجڻ ضروري آهي، جنهن کي هو اڏامڻ وقت ساڙين ٿا، جيئن هوائي جهاز جي انجڻ هلڻ لاءِ تيل جو هجڻ ضروري آهي. پوءِ ڪي پکي آرڪٽڪ ٽرن جهڙا، جيڪي ٻہ ٻہ مهينا سفر ڪن ٿا، اهي رستي تي نظر ايندڙ چراگاهن، جهنگلن ۽ ڍنڍين ڍورن تي ساهي پٽي چُڳندا وڃن ٿا، پر سندن اهو چُڳڻ فقط گهڙي پري ٻُڪ مٿائڻ آهي. ٻن ٻن ڏينهن جي ٻُک بعد لَپ ڪڻن مان هنن تي چربي نٿي چڙهي. ڪي پکي، جيئن تہ هڪ ڪار ڪٽڇي جهڙي پکي (Blackpolls) لاءِ ٻڌائين ٿا تہ نيو انگلنڊ کان نڪري ٿو تہ يڪا 110 ڪلاڪن جي اڏار بعد (يعني ڇٽن راتين ۽ پنجن ڏينهن ۾) سڄو ائٽلانٽڪ سمنڊ ڪراس ڪري ڏکڻ آمريڪا جي سرزمين تي پهچي ٿو. ان سفر ۾ هي پکي هيٺ لهي بہ نٿو سگهي، جو هيٺ سمنڊ ئي سمنڊ آهي. ائٽلانٽڪ ٽرن، هنجرن، رتنبن ۽ نيرڳ جهڙن پکين لاءِ سمنڊ مٿان اڏامڻ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي ، بلڪ بدڪن ۽ سي گل قسم جا پکي سمنڊ مٿان ئي اڏرڻ بهتر سمجهن ٿا. جيئن ٽڪ يجڻ ۽ مڇي ڏيڏر کائڻ لاءِ هنن لاءِ سمنڊ وڏيڪ Safe آهي، جو هو آبي پکي آهن، پر ڪار ڪٽڇي جهڙن پکين لاءِ ائٽلانٽڪ جهڙو سمنڊ اڪرڻ وڏو امتحان ۽ آزمائش آهي، جو اهي هيٺ لهڻ تي سمنڊ مٿان تري نٿا سگهن.

## پکي سڌا ناکئا آهن

بهرحال پڪين جي هيڏي معلومات حاصل ڪرڻ جي باوجود اڃان تائين ڪوبہ سائنسدان يا زولاجسٽ Navigation جو مسئلو حل ڪري نہ سگهيو آهي تہ پکي بنا ڪنهن نقشي، قطب نما، ايڪو سائونڊر، رڊار ۽ ڊئريڪشن فائينڊر (D.F) جي صحيح منزل تي ڪيئن ٿا پهچن. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڏينهن جو يا رات جو اڏامڻ وقت هو سج، چنڊ ۽ تارن جي مدد وٺن ٿا ، پر انهن سان هنن کي فقط سندن پوزيشن جي خبر پوي ٿي تہ هو دنيا جي گولي تي ڪهڙي هنڌ تي آهن. جيئن اسان جهاز هلائيندڙ Sextant دوربين ذريعي چوويهن ڪلاڪن ۾ ٽي يا چار دفعا ڪن سج ۽ ڪجهہ خاص تارن جي پوزيشن معلوم ڪريون ٿا ۽ ٽرگناميٽري ءَ ذريعي حساب ڪري پنهنجي جهاز جي ڌرتي (يعني ان سمنڊ تي) پوزيشن معلوم ڪريون ٿا تہ اسان اتر اڌ گول ۾ آهيون يا دنيا جي ڏکڻ اڌ گول ۾، قطبن جي ويجهو آهيون يا خط استوا جي ۽ ميل اڌ جي فرق سان اسان Exact پوزيشن ڪڍيو وجون تہ ڪهڙي ويڪرائي ڦاڪ ۽ ڪهڙي ڊگهائي ڦاڪ (Longitude) تي اسان جو جهاز آهي. پوءِ چارٽ (سامونڊي نقشي) تي پينسل سان پنهنجي پوزيشن جو نشانو هڻون ٿا ۽ هڪ ڏينهن اڳ، ان وقت تي ورتل پوزيشن کان ماپ ڪريون ٿا تہ خبر پوي تہ جهاز 24 ڪلاڪن ۾ دنيا جي گولي تي ڪيترا ميل سفر ڪيو. جهاز پاڻ ڪٽي چوويهہ ڪلاڪن ۾ 500 ميل هليو هجي، جنهن جي خبر جهاز جي انجڻ جي RPM ميٽر مان پئجيو وڃي ٿي، جيئن ڪار جي مائيلِو ميٽر مان خبر پئجيو وڃي. ڪراچي کان حيدرآباد ويندي ڪار ڪيترا ميل هلي ۽ حيدرآباد پهچڻ ۾ ڪيترا ميل اٿس. هوائي جهاز جو فاصلو بہ ائين ماپي سگهجي ٿو ، پر پاڻيءَ جي جهاز ۽ پکين لاءِ ٻيا ڪجهہ فئڪٽر

مسئلو پيدا ڪن ٿا. سامهون يا پٺيان کان لڳندڙ تيز هوائون ڪين سندن پرن هٽڻ جي حساب سان پٺيان يا اڳيان ڪريو ڇڏين. واچوڙا ۽ طوفان جن ۾ گهيري واريون هوائون لڳن ٿيون، پکين ۽ پاڻيءَ جي جهازن کي نه رڳو اڳيان پويان، پر ساڄي يا کابي لوڙهيو (drift ڪريو) ڇڏين. پاڻي وارن جهازن کي ته ساموندي ڇوليون ۽ ڪُن به توائي ڪريو ڇڏين ۽ پوءِ ناپر اڇڻ تي سج تارن ذريعي اسان معلوم ڪريون ٿا ته اسان جو جهاز ڪٿي ۽ ڪهڙي هنڌ آهي ۽ پوءِ منزل تي وڏڻ کان اڳ اسان پنهنجي جهاز کي ان ڪورس تي آڻيون ٿا، جيڪا راهه اسان چارٽ تي پينسل سان اڳواٽ ناهي آهي ته اها وٺي هلنداسين ته منزل ڏي وڏندا رهنداسين.

سو سائنسدانن جي انهن ٿيورين کي ته ڪٺي ميتا ملي آهي ته هل سائين پکي سج، چنڊ، تارن کان مدد وٺن ٿا ، پر ان مدد ذريعي، هنن کي فقط سندن پوزيشن جي خبر پوندي هوندي ته هو دنيا جي گولي تي ڪهڙي نقطي تي آهن. سندن مهيني مهيني جي ڊگهي اڏام ۾ هنن کي ضرور طوفانن ۽ جَهڪُن ۽ واچوڙن مان به گذرڻو پوندو هوندو ۽ دماغ ۾ رکيل اصلي راهه تان ٿيڙ ڪائي ويندا هوندا. سو سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته هو پنهنجو ڪورس ڪيئن ٿا سَيٽ ڪن ۽ طوفان جهڙين آفتن بعد ان ڪورس تي واپس ڪيئن ٿا اچن! اها ڳالهه سائنسدانن کي اڃا تائين منجهائيندي اچي. ڏٺو وڃي ته پيون ڳالهيون به فقط ٿيورين جي روپ ۾ آهن. پکي ڳالهائي ته نٿا سگهن ، جو هو (پکي) ٻڌائين ته اسان (انسان) جيڪي سوچيون پيا اهي حقيقتون (Facts) آهن يا بيوقوفيءَ جا ڍُڪا.

جيئن مثال طور سائنسدان چون ٿا ته هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچڻ ۾ پکي ڌرتيءَ جي اهم شين کي ڌيان ۾ رکن ٿا. مثال طور ، ڪونجون سائيبيريا جي علائقي مان نڪرڻ وقت پهريون هندو ڪش يا هماليه جبلن جي قطارن کي نظر ۾ رکندي ، پوءِ سنڌوندي‌ءَ کي فالو ڪنديون، سنڌ ۾ لهن ٿيون. پر ڪيترائي اهڙا تجربا ڪيا ويا آهن جن ۾ هنن لڏپلاڻ وارن پکين کي سندن اصلي وطن بدران ڪنهن ٻئي ڏورانهن هنڌ ڏي ڪٺي ، جڏهن اتان ڇڏيو وڃي ٿو ته به هو ڦري گري ان

منزل تي پهچيو وڃن، جنهن تي هو سالن کان ايندا رهن ٿا.

هي پکي ڪيئن ٿا رستو ڳولين؟ ڪيئن ٿا منزل لهن؟ ان ڳالهہ سيني کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي! هڪ ٿيوري اها بہ آهي تہ هي پکي ڌرتي جي چوڌاري Field of Magnetism جي لهرن مان رستو ڳولين ٿا، جيئن اسان جهاز هلائيندڙ قطب نما جي سئيءَ مان طرفن جو حساب لڳايون ٿا ۽ اها سئي ڌرتي جي چقمقي لهرن جي چار مطابق پاڻ کي Set ڪري ٿي ، انهن چقمقي لهرن کان علاوه پنهنجي راهہ جو تعين، هي پکي ڌرتي جي ڇڪ Vertical Direction of Gravity مان بہ ڪن ٿا.

لڏ پلاڻ وارن (Migratory) پکين جي اڏام بابت هڪ اهم نقطو تہ هو ڏينهن جا ڏينهن، بلڪ هفتن جا هفتا اُڏامندا رهن ٿا. ڪي تہ هڪ هڪ سؤ ڪلاڪ بہ لڳاتار اڏامن ٿا ، پر جن جي منزل ڏور آهي ، اهي ڏينهن ٻن جي اڏام بعد ڪڏهن ڪجهہ ڪلاڪ تہ ڪڏهن ڏينهن بہ رستي تي ڪنهن ٻيٽ تي، سمنڊ جي ڪناري تي يا ڪنهن پارڪ، جهنگل، چراگاهہ ۾ ترسي ساهي پٽين ٿا. هو ڪڏهن سمنڊن مٿان اڏامن ٿا تہ ڪڏهن رڻ پٽ ريگستن ان مٿان. جيڪي آبي پکي آهن، يعني جيڪي تري سگهن ٿا ۽ جيڪي کاڌ خوراڪ پاڻيءَ مان حاصل ڪن ٿا، اهي پکي ڪوشش ڪري سمنڊ يا درياهہ جو ڪنارو ڏئي هلن ٿا. هنن جي اها ئي ڪوش ش رهي ٿي تہ جتي زمين جو حصو گهٽ هجي اتان گذرجي، جيڪي جبل، ريگستان يا زمين جا پکي آهن، اهي اهڙو رُوٽُ اختيار ڪن ٿا، جتان هنن کي سمنڊ مٿان اڏامڻو نہ پوي. جيئن اسان اهڙو جهاز جنهن ۾ خرابي پيدا ٿيڻ جو انديشو هجي، يا اهڙي موسم جنهن مان اسان کي لڳي تہ اها جهاز کي رهڙي رکندي، ڪوشش ڪري ڪنارو ڏئي هلون ٿا، جيئن جهاز جي انجڻ جي بريڪ ڊائون ٿي پوي، يا آڏو طوفان جي اک ۾ وڃي پئون تہ يڪدم ٻيڇي پاسو ڪري، ڪنهن ويجهي بندرگاهہ ۾ هليا وڃون يا ڪنهن زميني آڏ ۾ (جتي سمنڊ جي ڇولين جو اثر گهٽ محسوس ٿئي) ترسي Shelter وٺون.

اڄ ڪلهہ طوفانن، بارشن ۽ زلزلن جي اڳواٽ خبر پئجيو وڃي، پر

اها فقط ڏينهن اڌ اڳ پوي ٿي . ائين هرگز ناهي تہ نئين سال شروع ٿيڻ تي، ان سڄي سال جي اڳواٽ خبر پئجي وڃي، جيئن سال شروع ٿيڻ تي، مختلف شهرن جو چارٽ ڇپجيو وڃي تہ ڪراچي، پنڊي يا لنڊن يا پئرس ۾ سج اڀرڻ جو ڇا ٽائيم هوندو تہ لهڻ جو ڇا هي. موسم، مينهن يا طوفانن جي اهڙي سڄي سال جي اڳواٽ خبر نٿي پوي تہ فلاڻن فلاڻن ڏينهن تي فلاڻن فلاڻن سمنڊن تي هن طاقت جا طوفان لڳندا. بهرحال اهو بہ سٺو آهي تہ جهاز تي موجود اليڪٽرانڪ اوزارن ذريعي يا ڪناري جي ڪنهن ويجهي ريڊيو اسٽيشن ذريعي ڪنهن بہ هنڌ تي طوفان يا سامونڊي سائڪلون لڳڻ جو ڏينهن اڌ اڳ اطلاع مليو وڃي ٿو اسان پنهنجو پاڻ کي يعني جهاز کي، ان آفت کان ٿورو پاسيرو ڪري ڇڏيون ٿا . يعني ، چارٽ (سامونڊي نقشي) تي ٺهيل ڪورس ۾ ٿوري گهڻي تبديلي آڻيو ڇڏيون ۽ گهٽ ۾ گهٽ طوفان جي اک کان پاڻ بچايو وٺون. شروع وارن سالن ۾ يعني سٺ واري ڏهاڪي ۾ مون جڏهن جهاز جي نوڪري شروع ڪئي تہ انهن ڏينهن ۾ موسم جي اڳ ڪٿي ڪرڻ جا اوزار اهڙا "هاءِ ٽيڪ" نہ هئا. ريڊيو اسٽيشن طرفان موڪليل رپورٽون بہ اهڙيون خاطريءَ جوڳيون نہ هيون، سو نتيجي ۾ اسان اوچتو لڳندڙ طوفانن ۾ سٽجي ويندا هئاسين.

سوال ٿو پيدا ٿئي تہ هي Migratory پکي ، جن کي اسين پرديسي، پکي سڏيون ٿا، طوفانن ۾ پنهنجو بچاءُ ڪيئن ڪن ٿا، جڏهن مهينو مهينو ائٽلانٽڪ، پئسفڪ يا ٻين سمنڊن مٿان اڏرن ٿا؟ ان لاءِ پکين جي ڄاڻ رکندڙ سائنسدان (Ornithologists) اهو ٻڌائين ٿا تہ پکين کي قدرت طرفان ٻين ڳالهين سان گڏ موسم جي سڃاڻ جي پڻ قابليت عطا ٿيل آهي. پکين لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو بهترين Weather Forecasters آهن. هنن کي طوفانن، بارشن ۽ ڪنوڻ، گجگوڙن جي گهڻو گهڻو اڳ خبر پئجيو وڃي ۽ هو عارضي طور ان روُٽ کي Avoid ڪن ٿا يا لِڪڻ لاءِ اَجهو ڳولين ٿا. سمنڊ جي اٿل پٿل ۽ موسم جي خراب ٿيڻ جي خبر گڏهن ڪڏهن اسان کي پکين جي Behaviour مان بہ پوي ٿي. سمنڊ توڙي ڪناري تي ڪبوترن جهڙا سامونڊي اڇا پکي Sea Gulls نظر اچن ٿا، جيڪي ڪڏهن

بندرگاھہ جي ويجھو ايندي يا بندرگاھہ ڇڏڻ وقت, جهاز جي پٺئين حصي تي قطارون ڪري ويهندا آهن. هو سمجهن ٿا تہ اهڙن موقعن تي جهاز جو پنڊاري (ڪچن صاف ڪرڻ وارو) ڪاڌي پيتي جو بچيل سامان پٺيان اڇي سمنڊ ۾ اڇلي ٿو ، جو اهو ڪن ڪچرو بندرگاھہ ۾ اڇلڻ جي اجازت ناهي. بهرحال عام حالتن ۾ اسان فقط اهي اڇا پکي ڏسندا آهيون. جهاز جي نوڪري شروع ٿيڻ بعد پهرين ئي هفتي هڪ ڏينهن ڪارن ڪنهن وارن پکين کي ڏٺوسين, جيڪي ان وقت اسان کي سي گل جهڙا ئي لڳي رهيا هئا ، پر پوءِ ناروي ۽ سئيڊن ۾ رهڻ دوران خبر پئي تہ سي گل پکين جهڙا اهي پکي ٽرن (Tern) سڏجن ٿا ۽ انهن جو اباڻو ديس آرڪٽڪ سمنڊ يعني سئيڊن ۽ ناروي پاسي جو اتراهون علائقو آهي. ٽرن پکي ءَ لاءِ ، خاص ڪري "آرڪٽڪ ٽرن پکي"، جيڪو سفيد رنگ جو ٿئي ٿو, چيو وڃي ٿو تہ هي پکي هر سال سڀ کان وڏو مفاصلو طئي ڪري، ڏکڻ اڌ گول ۾ آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ کان وڃيو نڪري. انهيءَ آرڪٽڪ ٽرن جون ٻيون بہ ڪيتريون ئي جنسون آهن ، جيئن تہ انڪا ٽرن, يا هي بلئڪ ٽرن ، سو هن ڪاري پکيءَ کي ڏسي جهاز تي پراڻن جهاز ران دوستن يڪدم چيو تہ ، ڇاڻ تہ طوفان آيو ۽ ائين ئي ٿيو!

هنن دوستن کان پوءِ خبر پيئي تہ هي پکي, جيڪي عام حالتن ۾ جهاز جي ويجھو نہ ايندا آهن, اهي اهڙي موسم جي اڳڪٿي تي ڪناري ۽ جهاز تي بچاءَ جو سهارو وٺڻ لاءِ اچن ٿا. چيو وڃي ٿو تہ ڪيترن ئي پکين کي بئرو ميٽرڪ پريشر (هوائي دٻاءَ) ۾ معمولي ردو بدل اچڻ تي بہ ڄاڻ ٿيو وڃي!

اسان جهاز هلائڻ وارا چوندا آهيون تہ نيويگيٽر (ناڪئو) اهو سٺو جيڪو خراب موسم مان بہ فائدو وٺي سگهي. يعني, هو سڙهن کي اهڙو ڪنٽرول ڪري ، جو هوا هن جي فائدي ۾ ٿي پوي ۽ جهاز هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ بدران پنهنجي صحيح راھہ تي ئي رهي. جهاز انهيءَ ئي ڪورس تي رهي ، جيڪو منزل تائين پهچڻ لاءِ چارٽ ۾ لڳايو ويو آهي. بهرحال اهڙو ناڪئو (يعني ناؤخدا يعني ڪئپٽن) تہ ڪٽي ڪو ڪو هجي، پر هر Migratory (لڏ پلاڻ ڪرڻ وارو) پکي ان ڪم ۾

ماهر آهي. هو اهڙي موسم ۾ هر ويرو پنهنجي سفر کي روڪڻ بدران پوري پوري ڪوشش ڪري ٿو ته سندس سفر جاري رهي. هو پنهنجي فائدي واريءَ هوا جي ڳولا ۾ عام ليول ڇڏي، مختلف هيٺاهين مٿاهين (Altitudes) تي اڏامي ٿو.

پکين جي نه فقط ڏسڻ جي طاقت وڏيڪ آهي ، پر ٻڌڻ جي پڻ. اسين انسان ڏهن کان ويهه Cycles Per Second جي وچ وارا آواز هرگز ٻڌي نٿا سگهون، پر پکي چٽيءَ طرح ٻڌي سگهن ٿا. دنيا جي مشهور پکين جي ماهر سائنسدان اسٽيفن ايملين جو چوڻ آهي ته:

“Birds are not Living in the same sensory world we live in. They are hearing, seeing and sensing a world expanded from ours.

يعني، پکي حواسن جي ان دنيا ۾ نٿا رهن ، جنهن ۾ اسين انسان رهون ٿا. پکين جي حواسن جي سگهه اسان انسانن جي حواسن جي طاقت کان گهڻي وسيع، اونهي ۽ بلند آهي.

## پکي به اهو ڪن ٿا جيڪو پائلٽ ڪري ٿو

## لڏ پلاڻ ڪندڙ (Migratory) پکين بابت، ڪجهه عام ڳالهيون

- **لڏپلاڻ يا هجرت ڪندڙ پکي ، اتر جي سخت سيءَ کان بچڻ لاءِ سيارو اسان جهڙن گرم ملڪن ڏي رهڻ لاءِ نڪرن ٿا . يعني، هو ڏکڻ طرف سفر ڪري خط استوا جي ويجهو ملڪن ۾ اهي ٽي چار مهينا گذارين ٿا، جتي سياري ۾ ڪو خاص سيءُ نٿو پوي. ڏينهن ننڍڙو ٿئي ٿو، پر ايڏو ننڍو نٿو ٿئي. اها ئي ڳالهه آهي تہ رات کان ڪٽي ڪلاڪ ڏيڍ ننڍو ٿئي ٿو. ناروي، ڊئنمارڪ، اتر ڪئناڊا، آئس لئنڊ يا سائبيريا جي علائقن وانگر ڏينهن رات نٿي ٿئي، جتي سياري ۾ رات تمام ڊگهي ٿئي ٿي ۽ ڏينهن جي روشني ڪا بہ ٽي ڪلاڪ مس رهي ٿي.**
- **اونهاري جي موسم ۾ هي پکي اتر ڏي واپس ورن ٿا، جتي هو آنا لاهي ٻچا ڪن ٿا. اتراهن ملڪن ۾ اونهاري جا ڏينهن هيڪاندا ڊگها ٿين ٿا جيڪا پکين لاءِ فائدي واري ڳالهہ آهي. اتر سئيڊن، ناروي، فنلئنڊ وغيره پاسي اونهاري ۾ ڏينهن جي روشني ويهہ ٻاويهہ ڪلاڪ بہ رهي ٿي ۽ هي پکي ڊگهي ڏينهن مان فائدو وٺي ، پاڻ ۽ پنهنجن ٻچن جي خوراڪ جي چڱيءَ طرح ڳولا ڪري وٺن ٿا. اونهاري ۾ اتراهن ملڪن ۾ خوب ساوڪ ۽ وڻن ۾ ميوو ٿئي ٿو. ماڻهو گهٽ آهن. رستن تي ڪيترائي صوفن، ٻيرن، چَيرين، پستن ۽ بادامن جا وڻ اهڙا بہ آهن ، جن کي ڪو ماڻهو ڇيڻو هٿ ئي نٿو لائي، پکي پکڻ کايو پيا ڍؤ ڪن.**
- **اتراهن ملڪن ۾ سخت سيءَ ڪري سياري ۾ پکي ڏکڻ ڏي لڏپلاڻ ڪن ٿا، پر ڪي ڪي جهرڪين جهڙا پکي ترسيو بہ پون**

ٿا. اهي گهرن ۾ ترسيو پون ۽ سياري جي ٿڌي ۽ موسم ۾ جڏهن چوڌاري برف جو ٿلهو تهہ چڙهيو پيو آهي ۽ کائڻ لاءِ کو اَن ڳٽو يا مَک ماکوڙي نظر نٿي اچي تہ کيتر ائي گهر ڏٺي هرڻ پکين کي سڄو سيارو اَنُ ڏيندا رهن ٿا ۽ ان آسري تي اهي پکي هر سال ترسيو پون.

– مالمو (سئيڊن) ۾ منهنجي فليٽ جي اتراهينءَ دريءَ مان نظر ايندڙ ننڍڙي پارڪ جا سڀ پکي، سرد هوائن جي شروع ٿيڻ کان اڳ روانا ٿي ويا ، پر ڪجهہ پاريهر ۽ ڪبوتر اتي ئي ترسي پيا. وڻن جا پن تہ سڀ ڇڻي ويا رڳو سُڪل ڪانيون نظر اچڻ لڳيون. رات جي بارش ۽ برف باري کان بچڻ لاءِ هي ڪبوتر سيمينٽ جي بينچن هيٺان لڪندا هئا ۽ هڪ ٻئي کان پري ويهڻ بدران هڪ ٻئي سان لڳي ويهندا هئا، جيئن کين سيءُ گهٽ لڳي ۽ جسم جي گرمائش اتي ئي رهي. آئون سوچيندو هوس تہ هي کاڌو خوراڪ ڪٿان ٿا حاصل ڪن ، چوڌاري تہ برف ئي برف لڳي پئي آهي ، ڪو ٻج يا ميوو تہ ٿي پري جي ڳالهہ، ڌرتيءَ تي ڪنهن گاهہ جو هڪ سلو بہ نہ آهي ۽ نہ وري ڪو ڪنهن وڻ ۾ ڪو هڪ پن آهي. پر پوءِ ڏٺم تہ صبح جي وقت جيڪي ماڻهو پنهنجن ڪتن کي هنگائڻ مُتائڻ لاءِ اُن پارڪ ۾ اچن ٿا، اهي پاڻ سان هنن ڪبوترن لاءِ ٻج ۽ اناج کڻيو اچن.

– هڪ دفعي مالمو شهر جي هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور تان ڇانهينءَ جي ٻجن جي ٿيلهي (پاڪيٽ) خريد ڪري، يونيورسٽي ۾ رسيس ۾ کائي رهيو هوس تہ ڊئنمارڪ جي ڪئپٽن مون تي حيرت کائيندي پڇيو "هي ڇا پيو ڪرين؟"

"ڇا پيو ڪريان! ٻج پيو کاوان ٻيو ڇا پيو ڪريان." مون وراڻيومانس.

"ڪمال آهي"، هن چيو "ٻج تہ پکين لاءِ هوندا آهن ، پر لڳي ٿو اسپين وانگر توهان جي ملڪ ۾ بہ ماڻهو ٻج کائين ٿا."

– پوءِ خبر پئي تہ سيارو شروع ٿيڻ سان مالمو ۽ سئيڊن جي ٻين شهرن جي ننڍين وڏن اسٽورن تي ٻين ملڪن کان وڪري لاءِ ٻجن

جا پاڪيٽ اچڻ شروع ٿي ويندا آهن. اهي ٻج اسان انسانن جي کائڻ لاءِ نہ هوندا آهن . هتي جا نيڪ انسان اهي ٻج وٺي ، انهن پکين کي کارائيندا آهن. جيڪي اڏامڻ کان لاچار ۽ معذور هوندا آهن ۽ سياري ۾ هتي ئي رهجي ويندا آهن.”

پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ هيڏانهن سئيڊن ۽ ناروي پاسي “نٽ ڪرئڪر” نالي هڪ اهڙو پکي بہ ٿئي ٿو ، جنهن جي چوڏاري سنهن کنڀن جا ايڏا تہ تهہ آهن ، جو هن کي نہ ٿڌ جي پرواهہ ٿئي، نہ بک جي. ٻيا پکي ٿڌيون هوائون شروع ٿيڻ سان هتان لڏي ويندا آهن، پر هي سڄو سيارو هتي پيو گهمندو آهي ۽ اهڙا پستن بادامن جهڙا Nuts پيو کائيندو آهي ، جنهن جي موسم ئي نہ هجي. ڳالهہ اها آهي تہ اونهاري جي موسم ۾ جڏهن وڻ ٽڻ مختلف ميون سان ڀريل هوندا آهن تہ هي پکي (Nutcracker) سياري جي موسم لاءِ مختلف نٽ ـ خاص ڪري Pine nuts گڏ ڪرڻ شروع ڪندو آهي. هتي جي ماهرن تجربا ڪيا آهن تہ هن جنس جو هڪ هڪ پکي پنهنجي کاڌي لاءِ اٽڪل ٽيهہ هزار “پائين نٽ” گڏ ڪري ٿو ۽ اهي سڀ هڪ هنڌ لڪائڻ بدران 15 ميلن جي گهيري ۾ اٽل 5000 کن ننڍين ننڍين کڏن ۾ لڪائي ٿو ۽ پوءِ سيارو اچڻ تي پنهنجي ياداشت کان ڪم وٺي ، هڪ هڪ کڏ کي کوٽي ، ان مان نٽ ڪڍي کائي ٿو. هن پکيءَ جي ياداشت جو ڪو مقابلو نٿو ڪري سگهي. ذرا سوچيو تہ سياري ۾ هتي جي ڌرتي برف جو لسو تهہ ٻڌجي وڃي ٿي، ان لس ئي لس برف تي اندازو لڳائڻ تہ هن ڪهڙي ڪهڙي هنڌ کڏ کوٽي سياري جي خوراڪ لڪائي آهي، ڪمال جي ڳالهہ ئي آهي. بندرگاهہ ۾ جهاز جي گهڙڻ وقت اسان جهاز هلائيندڙن مان هر هڪ کي پنهنجي ڇڪڻ لاءِ سگريٽن جي فقط هڪ ڪارٽن يعني ڏهن پاڪيٽن جي اجازت هوندي آهي. بندرگاهہ ۾ جهاز پهچڻ تي ان ملڪ جو عملو سختيءَ سان چڪاس ڪندو آهي تہ ڪنهن وٽ مقرر مقدار کان وڌيڪ شيءِ تہ نہ آهي. اسان جو هڪ سائين بخش نالي اليڪٽريڪل انجنيئر جيڪو “چين سموڪر” هو، پنجاهہ کن سگريٽن جا پلاڪيٽ لڪائي ڇڏيندو هو. ڪو پاڪيٽ ڪنهن مشين اندر تہ ڪو ڪنهن پمپ

اندر. ڪو سگريٽ ڪنهن پائيپ ڪي ڪولي ان اندر وجهي چڏيندو هو ته ڪو پاڪيٽ ڪنهن تيل يا پاڻي جي ٽانڪي پنيان. پوءِ مقرر ڪوٽا جا سگريٽ ختم ٿيڻ تي ٻاهران مهانگا سگريٽ خريد ڪرڻ بدران پنهنجا لڪايل سگريٽن جا پاڪيٽ هڪ هڪ ڪري ڪڍندو هو. اسان سندس يادگيري ۾ پاڪيٽن کي ڳولڻ جي خوبيءَ کي داد ڏيندي کيس Nut Cracker پکي سڏيندا هئاسين.

- پکين جي اڏام جا رستا سالن کان ساڳيا هلندا اچن ، جيڪي (Fly Ways) سڏجن ٿا. اهي رستا (routes) گهڻو ڪري جبلن جي قطارن، ساموندي ڪنارن ۽ درياهن مٿان لنگهن ٿا. هنن راهن (Fly ways) جي ڄاڻ ڄڻ پکين کي ورثي ۾ ملي ٿي، يعني هنن جي جينيز ۾ (Genetically Programmed) آهن ۽ ڪنهن حد تائين هو پنهنجن وڏن کان سکن ٿا. ڪيترن پکين جا وچڙ جا رستا هڪڙا ته موٽڻ جا ٻيا آهن.
- لڏپلاڻ ڪندڙ هي پکي هميشه ولر ۾ اڏامن ٿا. وڏا پکي انگريزي اکر V شڪل ۾ اڏامن ٿا. رڊار ذريعي ساڳي پکي ءَ جي اڪيلي اڏامڻ ۽ ولر سان گڏ اڏامڻ جو حساب ڪيو ويو آهي ته ولر ۾ اڏامڻ سان پکيءَ جي رفتار 5 ڪلوميٽر في ڪلاڪ وڌيڪ رهي ٿي.
- هي پکي جنهن اوچائي (Altitude) تان اڏامن ٿا ، اهو سڄي سفر ۾ مختلف رهي ٿو. ايوريسٽ جبل جي چوٽيءَ تي چڙهڻ وارا اهو ٻڌائين ٿا ته هنن کي 5000 ميٽرن ( 16400 فوٽن) جي بلنديءَ تي، ڪمپ گلئشير وٽ ڪيترن ئي ڪنگن، هنجرن ۽ ڊگوشن (Black Tailed Godwit ۽Pintail) جا هڏاهان پيرا نظر اچن ٿا. ڪاز جي قسم جو هڪ پکي (Bar Headed Geese) هماليا جبلن جي اتاهين چوٽين مٿان، جيڪي 8000 ميٽرن ( 29000 فوٽن) کان به مٿاهيون آهن، لنگهي ٿو جيتوڻيڪ ڪجهه فاصلي تي 3000 ميٽرن جي بلنديءَ تي هيٺاهون لنگهه به آهي ، پر هي پکي پنهنجي ولر سان گڏ هن هيٺاهين بدران مٿاهون لنگهه اختيار ڪري ٿو.

آبي جانور سمنڊ مٿان لنگهڻ وقت ڪافي هيٺاهين Altitude تي اڏامن ٿا. ان ڪري جهاز جي ڊيڪ تان انهن کي آسانيءَ سان ڏسي ۽ فوٽو ڪڍي سگهجي ٿو.

- هونءَ گهڻي تعداد ۾ پکي 500 فوٽن کان 2000 فوٽن جي وچ واري بلنديءَ تي اڏامن ٿا ۽ پکين جي هڪ ٻئي سان ۽ ڊگهين عمارتن سان ٽڪرائجي مرڻ جا واقعا به 2000 فوٽن کان هيٺاهين بلنديءَ تي رونما ٿين ٿا. اهي پکي جيڪي 6000 فوٽن کان مٿاهين بلندي تي اڏامن ٿا ، انهن ۾ هڪ جو به ٽڪرائڻ نٿو ٿئي.
- پکين سان گڏ پينگئن جهڙا سامونڊي پکي ، جيڪي فقط تري سگهن ٿا يا پيرن تي هلي سگهن ٿا ، پر اڏامي نٿا سگهن، پڻ لڏ پلاڻ ڪن ٿا . پينگئن جون ڪيتريون ئي جنسون انٽارڪٽڪ سمنڊ ۾ برف ڄمڻ کان اڳ پنهنجو وطن ڇڏين ٿيون. هو هر سال 1000 کان به مٿي ڪلوميٽرن جو سفر سمنڊ ۾ تري پورو ڪن ٿيون.
- هوائي جهاز هلائيندڙ پائلٽ کان توهان پڇندؤ ته هو توهان کي ٻڌائيندو ته مختلف بلندين (Altitudes) تي هوا جا مختلف دٻاءَ رهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن موسم جي خرابيءَ ڪري هوائي جهاز ۾ سفر ڪندڙ مسافر لڳاتار جهٽڪا به محسوس ڪن ٿا ۽ اڪثر چيو ويندو آهي ته هوائي جهاز "ايئر پاڪيٽ" ۾ اچي ويو آهي ۽ پوءِ اهڙين خراب حالتن ۾ هوائي جهاز ۽ ان ۾ سفر ڪندڙ ماڻهن جي سلامتيءَ لاءِ ، پائلٽ هوائي جهاز کي ڪجهه هيٺاهين Altitude تي وٺي ايندو آهي يا مٿاهين تي، جيئن ماڻهو ۽ هوائي جهاز بهتر حالت ۾ رهي. ڪڏهن ته پائلٽ کي هوائي جهاز جو ڪجهه رُخ بدلائي هلڻو پوندو آهي، جيئن سامهون ايندڙ طوفان وغيره سان گهڻو مهاڏو نه ٿئي. بهتر موسم ٿيڻ تي هو وري جهاز کي صحيح ڪورس تي آڻي ٿو ، ائين ڪرڻ سان هن جو سفر ڪجهه ڊگهو ضرور ٿئي ٿو پر جهاز ۽ ان ۾ سفر ڪندڙ انسان سُک ۽ سلامتي ۾ گذارين ٿا.

- مٿيون ساڳيو حال پکين سان ٿئي ٿو ۽ هو به خراب موسم کي منهن ڏيڻ لاءِ هوائي جهاز وانگر ڪڏهن هيٺاهين ليول تي اچيو وڃن ته ڪڏهن مٿاهينءَ تي ۽ ڪڏهن ته پنهنجي ڪورس کي بدلائي ٿورو ڪاٻي يا ساڄي طرف اڏامن ٿا. هيڪاندي خراب حالت ۾ هو اڏامڻ بدران هيٺ سمنڊ تي لهيو اچن. آبي پکي آهن ته سمنڊ يا درياهه جي ڪپر تي ۽ جي ٻيا پکي آهن ته خشڪي تي. اهو ئي سبب آهي جو آبي پکي اهڙي روٽ اختيار ڪن ٿا جنهن ۾ خشڪي گهٽ ۽ سمنڊ جو حصو وڏو هجي. ويندي سائبيريا ۽ ازبڪستان پاسي کان سنڌ ۾ ايندڙ ڪوهه رحون جبل جو سلسلو ٽپڻ بعد يڪدم سنڌو درياهه مٿان اڏامن ٿيون.
- ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ جيڪو گهڻو سفر ڪندا رهن ٿا، انهن کي خبر آهي ته سندن گاڏي ڪيترو پيٽرول يا گئس کائي ٿي ۽ هنن کي اها به خبر آهي ته جي سامهون جي تيز هوا آهي ته هنن کي ايڪسلريٽر کي وڌيڪ دٻائي رکڻو پوي ٿو ۽ ساڳي سفر ۾ گهڻو پيٽرول خرچ ٿئي ٿو، پر جي پٺيان جي هوا آهي ته پوءِ عام حالتن کان به گهٽ ٿئي ٿو. ساڳيو حال اسان جو سمنڊ تي آهي. پٺيان جي هوا هوندي ته جهاز ترندو ويندو. هڪ قسم جي عجيب فرحت محسوس ٿيندي ۽ تيل به گهٽ سڙڻ ڪري بچت ٿيندي. سامهون جي هوا هڪ ته جهاز کي گڏهه وانگر اهڙو ڪڏائي ٿي جو ڪيترائي سي سڪنيس جا مريض ٿيو پون ۽ اُلٽين جو ڦهڪو لاهيو ڏين ۽ تيل به گهڻو سڙي ٿو. حيرت جي ڳالهه آهي ، جو هي لڏپلاڻ ڪندڙ پرديسي پکي ان معاملي ۾ به سياڻا آهن. هو سفر جي Start تيستائين نه وٺندا ، جيسين هنن کي اها پڪ نه ٿئي، ته پٺيان جي هوا هنن جي اڏام ۾ فائديمند ثابت ٿيندي ۽ پوءِ هڪ دفعو هنن سفر شروع ڪيو ته پوءِ دنيا جي ڪا طاقت هنن کي موٽائي نٿي سگهي. ڪيترا پکي (خاص ڪري وڏي قد بت جا) تمام مٿاهين Altitude تي ان ڪري اڏامن ٿا ، جو اتي گهٽي ٿڌ آهي ۽ لڳاتار پَرَ هڻڻ ڪري هنن ۾ گرمي پئدا ٿئي ٿي. هي ائين آهي جيئن تکو تکو واڪ ڪندي اسان پگهرجي وڃون

ٿا ۽ واڪ جو جيڪو مزو ٿڌن ملڪن ۾ آهي ، اهو اسان وٽ سنڌ ۾ يا ملائيشيا، ٿائيلنڊ ۾ ناهي ، سو پڪي ٻہ ٿڌڪار ۾ اڏامندي فرحت محسوس ڪن ٿا.

## قدرت جو ئي ڪمال آهي

هنن Migratory (لڏ پلاڻ وارن) پکين جو سوچجي ٿو ته حيرت ٿي ٿئي ته هو ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين، دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ، اوٽ موٽ جو سفر ڪن ٿا ۽ ائين به ناهي ته ڪو هو اسان انسانن وانگر هوائي جهازن ۾ سفر ڪن ٿا. هوائي جهاز جيڪو هلائي ڪو ٻيو ٿو اسان مسافر آرامده ڪرسين تي ننڊون ڪندا، ڪافيون پيئندا ۽ هاڻ ته T.V جا مختلف چئنل ڏسندا، سفر پورو ڪريون ٿا ته به منزل تي پهچڻ وقت ٿڪ محسوس ڪريون ٿا. توهان ڪراچي کان اسلام آباد، ممبئي، دبئي يا جده تائين ٻن ٽن ڪلاڪن جو سفر ڪريو ٿا ، ته توهان کي مزو اچي ٿو، پر انهن مسافرن کان پڇو، جيڪي ڪراچيءَ کان ٽوڪيو، ڪوبن هيگن، ٽورنٽو يا نيويارڪ تائين سفر ڪن ٿا ، پوءِ پلي هنن کي رستي تي ڪنهن هڪ يا ٻن ايئرپورٽن تي لهي ٽنگ ڊگهي ڪرڻ جو موقعو ملي، هنن جي ڇا حالت ٿئي ٿي!

مٿين ڳالهه کي ڌيان ۾ رکي ذرا سوچيو ته هي مهاجر پکي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين پهچڻ ۾ ڪيڏي جدوجهد ڪن ٿا. هنن کي نه فقط وڏن شڪاري پکين کان پاڻ بچائڻو پوي ٿو ، پر منزل تي پهچڻ لاءِ صحيح راهه جو تعين ڪرڻو پوي ٿو. واٽ تي ملندڙ خراب موسم جو سوچڻو پوي ٿو. راهه (چونڊيل رُوٽ) تان ڀٽڪي وڃڻ جي صورت ۾ هنن کي وري ساڳي ٽرئڪ تي پنهنجو پاڻ کي آڻڻو پوي ٿو ۽ هي سفر ڪو ٽن، چئن يا چوويهه ڪلاڪن جو نٿو ٿئي ، پر ڏينهن جا ڏينهن بلڪ هفتن جا هفتا هلي ٿو. علم فلڪيات (Astronomy) پڙهڻ وقت جيئن انسان حيران ٿيو وڃي ته ڇا ته ڪائنات آهي. اسان جي ڌرتيءَ کان گهڻو گهڻو وڏا سَيارا ۽ سج ۽ تارا، ملين به نه ، پر بلين جي

حساب سان، هن ڪائنات ۾ جنهن تيز رفتاريءَ سان ڊوڙي رهيا آهن، انهن بابت هڪ علم فلڪيات جو شاگرد فقط سوچي اهو مجڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي تہ هي سڄو ڪاروبار هلائڻ وارو هڪ حڪيم، داناءُ، طاقت وارو، هر وقت هر هنڌ موجود، خبير ۽ عليم آهي ۽ جيڪو ماڻهو بہ انهن ڳالهين تي سوچي ٿو جاڻ حاصل ڪري ٿو عقل کان ڪم وٺي ٿو ، ان کي اهڙيون ڳالهيون پنهنجي رب جي وجود جي خاطري ڏين ٿيون. هي سڀ ڳالهيون انسان لاءِ قدرت طرفان ڏنل نشانيون آهن. سالن کان سائنسدان اجا ان جو ئي فيصلو ڪري نہ سگهيا آهن تہ پکي پنهنجو رستو ڪيئن ٿا ڳولهين؟ ڪو چوي ٿو تہ سج ذريعي، ڪو تارن ذريعي، ڪو ٻڌائي ٿو ڪو ڌرتي جي چقمقي شعاعن (Magnetic Field) جي ڳالهہ ڪري ٿو ۽ هاڻ اها بہ ٿيوري پيش ڪئي وئي آهي تہ پکين کي سونگهڻ ۽ ٻڌڻ جي وڏي سگهہ آهي، جنهن ذريعي هو سوين ميل اڳيان جا رستا ۽ موسم ج و حال معلوم ڪري سگهن ٿا. بهرحال سڀ ڪو ڦِريو گِريو ان ڳالهہ تي پهچي ٿو تہ پکي هن قسم جا ڪرتب Instinct جي ذريعي ڪن ٿا. يعني، اهو سڀ علم رب پاڪ هنن کي وحي ڪيو آهي ۽ اها ئي ڳالهہ اڄ کان 1400 سال اڳ قرآن ۾ آئي آهي تہ:

وَاَوۡحٰی رَبُّكَ اِلَی النَّحۡلِ اَنِ اتَّخِذِیۡ مِنَ الۡجِبَالِ بُیُوۡتًا وَّمِنَ الشَّجَرِ وَمِمَّا یَعۡرِشُوۡنَ (النحل 16، آيت 68)

۽ (ڏسو) تنهنجي پروردگار ماکيءَ جي مک جي دل ۾ هيءَ ڳالهہ وجهي ڇڏي (وحي ڪري ڇڏي) تہ جبلن ۾، وڻن ۾ ۽ انهن جاين ۾ جيڪي انهيءَ مطلب لاءِ ڪنهن مٿاهين جاءِ تي ناهيون وڃن ٿيون، پنهنجو مانارو ناهين...

سو اهڙي طرح هنن لڏپلاڻ ڪندڙ پکين جي دلين ۾ بہ رب پاڪ اهي سموريون ڳالهيون وحي ڪري ڇڏيون آهن ۽ جيڪو جيڪو وقت اچي ٿو، هو ان تي اهو مقرر ڪم ڪن ٿا ۽ رستن، راهن، منزلن، موسمن وغيره جو علم، جيڪو اسان سالن جا سال ڪتابن ۽ ماهر ناڪئن ذريعي حاصل ڪريون ٿا ، هنن پکين جي دماغ ۾ اڳهين قدرت طرفان موجود آهي ۽ پکيءَ جو دماغ بہ وري ڇا ذري پرزي جيڏو آهي! ڪيترن

پکين جي مٽي ۾ موجود ميچالي کان سندن فقط هڪ اک وڏي ٿئي ٿي.
بهرحال اهي سڀ ڳالهيون قدرت طرفان انسان لاءِ نشانيون
(Signs) آهن، جيڪي نيو من لائين پريان سندي پار جو.

رب پاڪ ساڳي ءَ مٽين ءَ سورت ۾ مينهن وسڻ ۽ مردار زمين سرسبز ٿيڻ جو مثال ڏئي فرمائي ٿو ته ، بيشڪ هن صورتحال ۾ انهن ماڻهن لاءِ هڪ نشاني آهي، جيڪي (حق جي دعوت کي دل جي ڪنن سان) ٻڌن ٿا. يا ساڳي سور ت ۾ چوپائي مال جو کير ڏيڻ ۽ انگورن مان نشو ڪندڙ عرق يا مفيد غذا حاصل ڪرڻ جو مثال ڏئي رب پاڪ فرمائي ٿو ته ، بيشڪ هن ڳالهه ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ (فهم ۽ بصيرت جي) هڪ نشاني آهي، جيڪي عقل کان ڪم وٺن ٿا.

هنن Migratory (لڏ پلاڻ ڪندڙ) پکين وانگر جانورن ۾ مڇين جا به ڪي اهڙا ڪارناما آهن ، جن لاءِ اهو ئي چئي سگهجي ٿو ته هنن کي اهو علم ۽ ڄاڻ قدرت طرفان وحي ٿئي ٿو ۽ هنن جو هر ڪم بامقصد ٿئي ٿو. هڪ ماهرِ طيور (پکين جي ماهر سائنسدان) جو چوڻ آهي ته هنن پکين جون هر سال هي ڊگهيون اڏامون ، ڪي اجايون نه آهن ، انهن پنيان مقصد رکيل آهي. انهن جي حيثيت هڪ اعليٰ درجي جي جاگرافيائي بندوبست (Geographical Arrangement) هيٺ آهي. هنن پکين جو سفر ايترو ئي بامعنيٰ آهي، جيترو ڪنهن انسان جو سوچيل سمجهيل سفر.

گوٿابرگ يونيورسٽي سئيڊن جو سائڪالاجي ءَ جو پروفيسر ميٿارڊ جانسن، جيڪو مالمو شهر ۾ منهنجو پاڙيسري آهي، سني انگريزي پڻ ڳالهائي ٿو ، هڪ ڏينهن لانڊري روم ۾ ڪپڙا ڌوئڻ دوران هن کان پڇيم ته يار تون هر وقت Instinct جي ڳالهه ڪرين ٿو مون کي ان شيءِ جي آسان وصف ٻڌاءِ. هن اهو ئي مثال ڏنو ته جيئن ساموندي ڪُميون (Turtles) هر سال ڪناري تي ڪڏ کوٽي ، آنا لاهي هليون وڃن ٿيون ۽ پوءِ ڪجهه ڏينهن بعد انهن مان جيئن ئي ٻچا نڪرن ٿا ته اهي سڌو سمنڊ ڏي رُخ ڪن ٿا ، هڪ نئون ڄاول ڪميءَ جو ٻچو جنهن کي نه ڪنهن سيکاريو ۽ نه هُن ڪنهن ٻئي کي ڏٺو، ڪيئن ٿو يڪدم سمنڊ ڏي رخ رکي! اها منجهس قدرت طرفان

Inbuilt چاڻ ۽ Urge آهي، جيڪا هن کي ائين ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي ۽ اهو ئي Instinct آهي. هڪ گهوڙي جو ڦر ڄمڻ سان هڪ ڪلاڪ اندر اٿيو بيهي، هلي ۽ ٽپ ڏئي ٿو. اهڙي ءَ طرح ماکيءَ جي مکين جي حيرت انگيز زندگي ۽ انهن جا عجيب ڪم آهن. يا ڪٽي چئجي تہ پکي ڪيئن ٽا آکيرو ٺاهين ۽ هر پکي پنهنجي نموني جو آکيرو ٺاهي ٿو! اهي سڀ ڳالهيون هو اسان وانگر يونيورسٽين يا ورڪشاپن مان نٽا سکن ۽ نہ ئي ڪنهن کي ڏسي سکن ٽا ، پر قدرت طرفان هنن کي اها چاڻ ڄائي ڄم کان مليل آهي ۽ هو مقرر ڪيل (Fixed) پيٽرن مطابق ڪم ڪن ٽا. ان شيءِ کي Instinct سڏيون ٽا. هن جو مطلب هو تہ:

Instinct is the in born behaviour of a living organism that is not learned. It is fixed action pattern which is inherited.

قرآن مجيد ۾ آيل لفظ وحي ( وَاَوْحٰى رَبُّكَ اِلَى النَّحْلِ ...) جي سمجهاڻي مولانا مودوديءَ تفهيم القرآن ۾ بهتر نموني سان ڏني آهي تہ:

... وحي جي لغوي معنيٰ آهي ڳجهو ۽ لطيف اشارو، جيڪو اشارو ڪرڻ وارو ۽ اشارو حاصل ڪرڻ واري کان علاوه ٻيو ڪو محسوس نہ ڪري. انهيءَ مناسبت سان هي لفظ اِلقاءَ (دل ۾ ڳالهہ وجهڻ) ۽ الهام (لڪل تعليم و تلقين) جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. الله تعاليٰ پنهنجي مخلوق کي جيڪا تعليم ڏئي ٿو، اها ڪنهن مڪتب يا مدرسي ۾ نٿي ڏني وڃي، بلڪ اهڙن لطيف طريقن سان ڏني وڃي ٿي ، جو ظاهري طرح ڪو تعليم ڏيندڙ يا ڪو تعليم حاصل ڪندڙ نظر نٿو اچي، ان ڪري هن کي قرآن ۾ وحي، الهام ۽ القاءَ جي لفظن سان تعبير ڪيو ويو آهي. هاڻ اهي ٽئي لفظ ڌار ڌار اصطلاحن جي شڪل اختيار ڪري ويا آهن. لفظ وحي نبين لاءِ مخصوص ٿي ويو آهي. الهام کي اوليائن ۽ خاص ٻانهن لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي ۽ القاءَ انهن جي پيٽ ۾ عام مخلوق لاءِ استعمال ٿئي ٿو. پر قرآن ۾ اهو اصطلا حي فرق نٿو ملي.

ماکيءَ جي مک کي هن جو پورو ڪم وحي (فطري تعليم) جي ذريعي سيکاريو وڃي ٿو ۽ هي وحي فقط ماکيءَ جي مک تائين محدود ناهي.

مڇيءَ جو ترڻ، پکي جو اڏامڻ ۽ نئين ڄاول ٻار جو ٿڃ پيئڻ بہ قدرت وحي ذريعي سيکاري ٿي.

لڏ پلاڻ ڪندڙ Migratory پکين جو مطالعو ڪندڙ هڪ محقق لکيو آهي تہ، هنن پکين جي هجرت لاءِ اڏام جا رستا مقرر ٿيل آهن. هنن جي ڊگهي سفر ۾ ڪئسپين سمنڊ، بحر اسود (ڪارو سمن ڊ) ۽ ميڊيٽرينين (يؤنچ سمنڊ) پار ڪرڻو پوي ٿو. هي پکي ائين ويني ويٺي بي خبريءَ جي عالم ۾ نڪريو نٿا پ ون ۽ نہ وري ڪين جيڏانهن اچي ٿو ڪاهيو پون. هن مقصد لاءِ هو نهايت خبرداري سان ان طرف جي چونڊ ڪن ٿا، جيڪو هنن لاءِ موزون ترين آهي. پکين جا اهي سفر بيحد حيرت انگيز آهن. اڄ جو انسان جڏهن هن قسم جو ڊگهو سفر ڪري ٿو تہ هو ڪيترن ئي ڳالهين جي مدد حاصل ڪري ٿو ، پر پکين جي اندر نہ انساني ذهن آهن ۽ نہ معلومات حاصل ڪرڻ جو انتظام. پوءِ هي پکي اهڙا ڊگها ۽ پيچيده سفر ڪاميابيءَ سان ڪيئن پورا ڪن ٿا. حقيقت اها آهي تہ هن قسم جا واقعا ان عقيدي کي پوري طرح قابل فهم بنائين ٿا ، جنهن کي آسماني مذهبن ۾ وحي سان تعبير ڪيو ويو آهي. بهرحال هي قدرت جو ئي ڪمال آهي، جنهن هڪ ننڍڙي ساهہ واري کي ايڏو مفاصلو طئي ڪرڻ جي طاقت ڏيڻ کان علاوه هن کي جاگرافي ءَ، علم فلڪيات، نيويگيشن، موسم جي ڄاڻ کان علاوه همت، عزم ۽ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري اڏامڻ جو جذبو ڏنو آهي.

## تون ڪٿي آهين منهنجي

خيرپور جو ظفر شيخ جيڪو شروع کان فارين سروس ۾ رهيو ۽ گذريل سال رٽائرمينٽ وٺڻ کان اڳ هو ڪيترن ئي ملڪن، جرمني، بنگلاديش، چاڊ، آلجيريا، ٽيونيشيا، زائر وغيره ۾ سفير ٿي رهيو. هن جو گهڻو عرصو جپان ۾ گذريو. اتفاق سان هي اهو وقت هو جڏهن منهنجي به جپان ۾ موجودگي هوندي هئي. جنهن جهاز تي هوندو هوس ، ان کي جپان جي ئي بندرگاهن ۾ وٺي وڃڻو پوندو هو يا ڪنهن جهاز جي ڊگهي مرمت لاءِ جپان جي ئي ڪنهن بندرگاهہ ۾ رهڻو پوندو هو. هڪ دفعي تہ ٽوڪيو جي شپ يارڊ ۾ نئون جهاز ٺهرائڻو پيو ۽ ڇهہ مهينا ڪن گنزا ۾ رهڻو پيو. جتان چار پنج لوڪل اسٽيشنن بعد ظفر جو روپنگي م گهر ۽ ٽورو اڳيان اسان جي ملڪ جو سفارتخانو هو. CSS جو امتحان پاس ڪرڻ وارا تعليم ۾ سنا ۽ ذهين تہ ٿين ٿا ، پر ظفر ۾ اها بہ خوبي آهي تہ هو سخت محنتي بہ آهي. جپان ۾ نوڪريءَ خاطر هن مڪاني زبان جپاني ”ڪم هلائڻ“ لاءِ نہ سکي، پر هن وڏيءَ محنت ۽ دل سان ائين سکي ۽ ان تي عبور حاصل ڪيو ، ڄڻ هن کي سڄي عمر جپان ۾ رهڻو هجي. اهو ئي سبب آهي جو مڪاني ماڻهن هن کي بيحد پسند ڪيو ٿي. جپاني طبيعت ۾ شرميلا ۽ پنهنجو پاڻ ۾ رهڻ وارا هجڻ جي باوجود هُنن ظفر کي پنهنجين غمين ۽ خوشين ۾ شامل ڪيو ٿي. هو چوندا هئا تہ ظفر ڪيترن پڙهيل ڳڙهيل جپانين کان بہ سٺي جپاني ڳالهائي ٿو. تن ڏينهن ۾ صدر ضياءُ الحق جپان ايندو هو تہ هو بہ ترجمي لاءِ ظفر کي پاڻ سان ڪٺندو هو.

ظفر کي جپاني ٻوليءَ سان گڏ جپانين جي ڪلچر، ثقافت، رسم رواج، وهمن وسوسن ۽ خوفن خوشين جي بہ وڏي ڄاڻ رهي ٿي. ا ڄ بہ ظفر سان جپان ۽ جپانين بابت ڳالهيون ڪندي مزو اچي ٿو ۽ نت نئين

معلومات ملي ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪن ڳالهين ۾ آيئون سندس راءِ يا سوچ سان سهمت نه ٿيندو آهيان ، پوءِ بحث بعد يا هن کي مون کي قائل ڪرڻو پوندو آهي يا مون کي ڪيس مجرائڻو پوندو آهي.

هڪ دفعي ٽوڪيو جي اينو چڙيا گهر وٽان لنگهي رهيا هئاسين ، ته ان جي اوس پاس ۾، يا شايد چڙيا گهر اندر ڪنهن هنڌ اسان جي هڪ دلپسند جپاني شاعر ماتسو باشو جو شعر ڪنهن ڪاٺ جي تختي (يا شايد ڊگهي ٽائيل) تي اُڪريل نظر آيو.

ماتسو باشو سترهين ءَ صديءَ جو جپاني شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ جي تعريف مون پنهنجن ڪيترن سنڌي شاعرن نصير مرزا، انور ابڙو، قمر شهباز، هدايت بلوچ، تاج بلوچ جهڙن کان به ٻڌي آهي. باشو 1644ع ۾ ڄائو ۽ 1694ع ۾ وفات ڪيائين. جپان جو جڳ مشهور شاعر آهي، جيئن اسان وٽ سمجهو ته اڄ ڪلهه استاد بخاري، تاجل بيوس ۽ عبدالغفار تبسم آهن. سندس ڪيترائي شعر ڳائڻ ۾، مضمونن ۽ ڪالمن ۾ ۽ مختلف عمارتن ۽ رستن تي نظر اچن ٿا. ان ڏينهن ظفر شيخ ماتسو باشو جي ان شعر ڏي ڌيان ڇڪائيندي چيو:

”هو ڏس! سامهون ڇا لکيو پيو آهي! يوڪو هارويا...“

”تَوري ناڪي يو نو
مي وا نامِيدا...“

مون ان هائيڪو جون باقي به سٽون پڙهي شعر پورو ڪيو ، پر مون کي ته ان شعر ۾ ڪوبه ڪڙ تيل نظر نه آيو جو واهه واهه ڪجي. هڪ ڏينهن اڳ ۾ ظفر جي ئي هڪ نوجوان پاڙيسري عورت شنجوڪو اسٽيشن جي سب وي ۾ ٽرين جو انتظار ڪندي هڪ شعر ٻڌايو هو جيڪو پسند نه اچي ها، ته به سندس خماريل اکين ۽ نخريلي ادائن کي ڏسي ضرور واهه واهه ڪريون ها. ڇو ته اهي ڏينهن اسان ٻڌڻ وارن جا ڀرپور جوانيءَ جا هئا... يعني اها ڳالهه اڄ کان 35 سال اڳ جي آهي. جپاني زبان جو هي شعر توهان لاءِ به لکندو هلان:

Hito ni awan
Tsuki no naki ni wa
Omoikite

Mune hashiribi ni
Kokoro yakeori.

هي شعر جپان جي مشهور وَڪا (Waka) شاعره “انونو ڪوماچي” جو آهي، جيڪا پيار، محبت ۽ شهوت انگيز (erotic) قسم جي شاعريءَ کان اڄ بہ مشهور آهي، جيتوڻيڪ کيس وفات ڪئي يارهن سؤ سال گذري چڪا آهن. وَڪا جپاني شعر جو قسم آهي، جنهن ۾ پنج سٽون بہ ٿين تہ ست بہ، جيئن هائڪو ۾ ٽي ٽين ٿيون. اونو نو ڪوماچي پنهنجي زماني جي بيحد خوبصورت عورت مڃي ويجي ٿي. هن لاءِ چيو ويجي ٿو تہ هوءَ انهن ڏينهن جي شهنشاهہ جي هيٺين درجي جي ڪنيز ۽ خدمتگار پڻ رهي هئي. هن شاعر ه (ڪوماچيءَ) بابت ڪيترائي سچا ۽ هٿ گهڙيل پيار، محبت ۽ عشق جا داستان آهن. انهن ۾ هڪ قصو ‘فوڪا ڪوسا’ نالي هڪ اعليٰ آفيسر جو تمام مشهور آهي، جنهن سان ڪوماچيءَ وعدو ڪيو تہ جيڪڏهن هو هڪ سؤ راتين تائين لڳاتار هن سان همبستري ڪندو تہ هوءَ ٻين سيني عاشقن کي ڇڏي، هميشہ لاءِ فقط هن جي محبوبا ٿي رهندي. فوڪا ڪوسا صاحب هر رات ڪوماچي وٽ حاضر ي پريندو رهيو. پر اڃي اچي آخري راتين ۾ هڪ دفعو هو همٿ ساري نہ سگهيو ۽ ان ڏک ۽ صدمي ۾ هو بيمار ٿي پيو ۽ بستر تان وري اٿي نہ سگهيو. بيماريءَ هن کي موت تائين پهچائي ڇڏيو. چون ٿا تہ ڪوماچيءَ کي پنهنجي ههڙي عاشق جي موت تي ڏاڍو ڏک ٿيو. يعني ، فقط ڏک ٿيس باقي ٻيو مڙيئي خير. ٻيا ڪم نہ ڇڏيائين.

جپان جا ماڻهو ڳالهہ ٿا ڪن تہ ڪوماچيءَ جي پيريءَ وارا ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذريا، جڏهن هن جي سونهن سوپيا ختم ٿي وئي ۽ کيس پاڻي پري پيارڻ وارو بہ نہ رهيو. هن جي سمورن سابق عاشقن کيس نڌڻڪو ڪري ڇڏيو. پئسو ڏوڪڙ سڀ ختم ٿي ويس ۽ هن پنهنجي ماضي ءَ جي زندگيءَ تي سخت احساسِ جرم ۽ افسوس محسوس ڪيو هو. هوءَ هڪ ٻي گهر فقيرياڻيءَ وانگر گهٽين ۾ ڀٽڪندي رهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هن جي شاعريءَ کي بيحد پسند ڪندا رهيا. بهرحال ڪوماچيءَ جي مرڻ بعد هن جي شاعري ءَ کي اڄ

تائين قومي ليول تائين مچنا ڏني وڃي ٿي. مٿس جپانيءَ ۾ ڪيترائي اسٽيج ڊراما ۽ فلمون ٺهي چڪيون آهن. پاڻ ايڪٽا ضلعي (پريفيڪچر) ۾ ڄائي ، جنهن جي بليٽ ٽرين "ايڪٽا شنڪانسين" کي جپان جا ماڻهو اونو ڪوماچيءَ جي ياد ۾ "ڪوماچي ريل" به سڏي ٿا. ان کان علاوه جپان جي چانورن جي هڪ جنس 'ڪوماچي' جو نالو پڻ هن سان منسوب ڪيو ويو آهي. سندس زندگي تي ويجهڙائيءَ ۾ هڪ انگريزي ٽيلي فلم "ڪال مي ڪوماچي" ٺهي آهي، جنهن ۾ ڪوماچيءَ جو پارٽ جپان جي مشهور ائڪٽريس " ڪائوري هاما موتو" ادا ڪيو آهي.

بهرحال پاڻ ڪاموچيءَ جي مٿين شعر جي ڳالهه ڪريون، جيڪو اسان جي دوست ظفر شيخ جي پاڙيسري نوجوان عورت (جنهن جا بقول هڪ ٻئي پاڙيسريءَ جي "حقوق غير محفوظ" هئا) اسان کي سب وي ۾ ٻڌايو. ٻڌڻ وقت آئون نه فقط ڪنن سان ، پر اکين سان به سندس وات مان چيل ڪوماچي شاعره جا ٻول ٻڌي رهيو هوس. منهنجو نڪ سندس جسم ۾ لڳل ڪولون يا پائوڊر جي خوشبوءِ سونگهي رهيو هو. يعني هن شعر تي اسان جا، (گهٽ ۾ گهٽ منهنجا، جو گاڏيءَ جي انتظار ۾ وڏندڙ پيهه پيهان ۾ هن سان بلڪل لڳو لڳ بيٺو هوس)، سڀ حواس مشغول هئا... سواءِ هڪ حواس چکڻ جي.

هِتوني اوان، (تون اچين نٿو)
تسڪي نو ناڪي ني وا، (هھڙي بنا چنڊ واريءَ رات جو)
اوموئي ڪيٽي، (انتظار پئي ڪريان، تو لاءِ)
مُوني ها شيري بِي نِي، (منهنجيون ڇاتيون اُڏما پيون ڪائين)
ڪوڪورو يا ڪي اَوري، (دل منهنجي ٻري پئي).

"واهه واهه! واهه واهه! مون سندس شعر جي هڪ هڪ سٽ تي واهه واهه ڪئي. مون تعريف ۾ جپاني زبان جون جيڪي صفتون آيون ٿي، مٿس نڇاور ڪري ڇڏيون. سامهون بيٺل ظفر کي منهنجو اهو عاشقاڻو مزاج هرگز نه وڻيو. بلاشڪ اونداهي ءَ رات ۾ اچڻ لاءِ، اڄ کان يارهن صديون اڳ، شاعره انونو ڪوماچيءَ پنهنجي يار لاءِ چيو هو، پر

موجوده حال ۾ گنزا اسٽيشن تائين, ڪوماچيءَ جو هي شعر ٻڌائڻ واري هن سهڻي جپاني خاتون سان گڏ ٽرين ۾ و هڻ جي سعادت ته حاصل ڪري سگهجي ٿي.

پر ائين ٿي نه سگهيو. ٽرين اچڻ تي پيهه پيهان ۾ جنهن سيٽ تي هوءَ وڃي ويٺي، ان تي منهنجي پهچڻ کان اڳ ڪو ٻيو هتي جو مڪاني نر ويهي رهيو ۽ مون کي ظفر سان ئي سِيٽ ملي.

"تو اجائي پئي واهه واهه ڪئي،" گاڏي هلي ته ظفر مون کي چيو "شعر ۾ ته ڪا ٿوم بصر هوئي ڪونه."

"نه يار ڳالهه ئي نه پڇ. ڊگهي ساموندي سفر بعد جوان ٽوڙي پوڙهين نارين جي واتان چيل شعر مان مون کي اتساهه ملي ٿو." مون پنهنجي بچاءَ ۾ چيو.

"پر تڏهن به شعر ۾ ڪجهه ته هجي،" ظفر چيو "هڪ ته پليٽ فارم تي ماڻهن جي گوڙ ۽ لائوڊ اسپيڪرن تان هلندڙ اعلان ڪري ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو.."

"... ٻيو تون هن سان مون وانگر لڳي نه ٻيٺو هئين" مون سندس ڳالهه کي ڪٽيندي چيو "مون ته ان وقت اها دعا پئي گهري ته اج اها هبايا لائين جي گاڏي ئي نه اچي."

"شعر چا هو؟" ظفر پڇيو.

"اهو ته هن جي واتان ٻڌين ها ته مزو اچئي ها، چڱو ڀلا انهيءَ جهڙو ۽ انهيءَ مفهوم جو هڪ سنڌي شعر ٻڌ. جيڪو تاج بلوچ جو آهي.

"چنڊ ناهي ۽ نه آ ه ي زندگي،
تون ڪٿي آهين او منهنجي روشني،
رات ساري مون اکين ۾ آ ڪٽي،
منهنجي ڇاتي سمنڊ جيئن ڇلڪي پئي،
هجر ۾ دل ڪامي ۽ تڙپي پئي."

ظفر شعر ٻڌي واهه واهه ڪئي. بهرحال اڄ جڏهن ٽوڪيو جي اُئي نو (Ueno) پارڪ وٽ، ظفر شيخ ماتسو باشو جي شعر ڏي ڏيان

چڪرايو ته به دفعا پڙهڻ بعد به مون کي منجهس ڪا اهڙي خاص ڳالهه نظر نه آئي. شايد مون هن شعر ۾ به ڪوماچيءَ وارو erotic مفهوم پئي ڳولهيو. يا شيخ اياز واري رمز پئي پروڙيم...

"ڪنهن ڪاريءَ چڳ تي رات ڳتي،
ڪنهن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦٽي،
هي سانگ سجايو آ پيارا..."

يا امداد حسينيءَ جي چواڻي:

"پريت جو هڪڙو پل ئي سهي،
چوريءَ جو هڪڙو ڇل ئي سهي،
ڪاڏل ئي سهي، پيتل ئي سهي،
مومل نه سهي، سومل ئي سهي.

... وغيره وغيره. پر باشوءَ جي هن شعر ۾ صاف صاف بيان ٿيل هو ته:

يوڪو هَارو نَا... بهار جي مند موڪلائي پئي،
توري ناڪي يونو... پکي (هي پَٽَ ڇڏڻ تي) روئي رهيا آهن،
مي وا ناميدا.... مڇين جي اکين ۾ ڳوڙها آهن.

مون ظفر ڏي سواليه نگاهن سان ڏٺو يعني پڇڻ چاهيو ته ان شعر ۾ ڇا آهي؟

"جپاني شاعرن کي پکين جو خاص ڪري پرديسي پکين جو ڪيڏو خيال آهي"، ظفر چيو هو پنهنجي شاعريءَ ۾ پکين جو به ذڪر ڪن ٿا."

"هائو. اها ته مون کي به خبر آهي. ڪوبا ياشي ايسا ۽ ماسائوڪا شِڪيءَ به ڪونجن، ڪوئلن ۽ هَنجن جو ذڪر ڪيو آهي." مون چيو.

"تڏهن ته هتي جا ماڻهو پکين سان پيار ڪن ٿا،" ظفر چيو. "هو پکين مارڻ بدران هنن جي سونهن جي تعريف ڪن ٿا."

ان تي مون ظفر کي ٻڌايو ته ائين نه آهي. پکين تي جيترا شعر

اسان جي سنڌي شاعرن چيا آهن اوترا شايد ئي ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي شاعرن چيا هجن. ان حساب سان تہ اسان سنڌين کي پڪين جو خاص ڪري مهمان پڪين جو وڏيڪ خيال هجڻ کپي. پر اسان جي بدبختي اها آهي جو نہ فقط اسان پنهنجن، پر ڏارين پکين کي بہ پنهنجي ڌرتيءَ تي سڏائي، ههڙن سهڻن پکين جي پينگ ڪئي اٿئون ۽ هاڻي باقي بچيل پکي پنهنجي پراڻي جُوءِ بدلائي ٻين هنڌن ڏي پيا وڃن. خاص ڪري ڪڇ ۽ گجرات ڏي، جهونا ڳڙهہ ۽ جيسلمير ڏي، جتي انڊيا جي حڪومت هنن جي حفاظت تي ڪري.

## ساٿ تنهنجو به پکيءَ جهڙو نه هو

ظفرشيخ جيترو جپاني لٽريچر پڙهيو آهي ، اوترو سنڌي به نه پڙهيو هجيس، خاص ڪري سنڌي شاعري. ائين ته شاعري مون به گهٽ پڙهي آهي، پر ايترو ڄاڻان ٿو ته سنڌي شاعرن پکين بابت گهڻو ڪجهه لکيو آهي. عام ديسي پکين کان وٺي پرديسي پکين تائين. انهن جا ڪيترا مثال گذريل پرديسي (هجرتي)، لڏپلاڻ ڪندڙ (Migratory) پکين وارن مضمونن ۾ ڏنا اٿم. هتي ان سلسلي جي آخري مضمونن ۾ پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ ڪجهه شاعرن جا، مون وٽ گڏ ٿيل پکين بابت شعر ڏئي رهيو آهيان. ڊائريءَ جي پهرين صفحي تي شيخ اياز جا ڪجهه شعر هن ريت آهن:

ڪونج به ڪائي ڪُونج، ڳرڪي پنهنجي ڪُڙم لئه،
گيت ڳئي جو گونجَ، ماروَ پَرتا پاڻ ۾.

سندس ڪجهه ٻه سٽا هن ريت آهن:

سپني اُماڙيون،
ڪيڏيون ڪينجهر ڪنڌئين،
آڙيون ئي آڙيون!

ڪيڏي سُجَ اَپارَ
مون مَن ائن جيئن روهہَ ۾،
ڪُونجن جي ڪُڻڪارَ!

کهڙا سفر سانگ،
اڳتي رڻ راڙا ڪري،

## ڪِرنگهن مٿان ڪانگ!

ڪنهن جي لاءِ اجان
ڪارو ڪانءُ لنوي پيو.
سائيءَ نم مٿان!

شيخ اياز ڄائو شڪارپور ۾ پر سکر سان سندس وڏو تعلق رهيو.
سکر جي ئي هڪ ٻئي شاعر ادل سومري جا ڪجهہ شعر هن ريت آهن:

جنمن تائين جيئرو رهندو، تنهنجو منهنجو پيار،
تون ڪاڇي جي ڪونج تہ آهيان مان تنهنجو هالار.

مور جو کنڀ مون اکين تي هو رکيو،
پر اهو تنهنجي سڳيءَ جهڙو نہ هو.

سونهن جا اجرن ڀڪين ۾ ٿي رهي،
شاعرن جي سا دلين ۾ ٿي رهي.

اوهان پنهنجي گهر جي ڪشادي پڌر مان،
ڀرين جي ڀڪين کي اڏاري نہ ڇڏجو.

جيئن ڀڪين جا ڀَر سنپاليں ٻار ٿا،
تيئن اسان تنهنجي سنڀاليون سارَ ٿا.

شعر برابر سڪا ناهن، پوءِ بہ آهيون ڏنوان،
ڪوئل ڪنهن لئہ ڳائي ٿي، سا ڇا سمجهن نادان.

محبت سان آهي جبل تي جهڙالو،
ڪائي ڪونج تنها اڏاٽي نہ آهي.

گهار تنها ڪجهہ ڏهاڙا اي ندي!
تون پکين جا آسرا ڇوٽي ڪرين.

پيار منهنجو جي نديءَ جهڙو نہ هو.
ساٿ تنهنجو پيي پکيءَ جهڙو نہ هو.

پکين جيئن وايون،
اڏري جڻ آيون،
دل جي ڌرتيءَ تي
دل جي ڌرتيءَ تي.

ادل سومرو شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور ۾ پروفيسر ۽ سنڌي ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين آهي. ان کان علاوه شيخ اياز چيئر جو پروفيسر انچارج پڻ آهي. ادبي نالي ادل سومري سان مشهور هن شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ تعليمدان جو ڄڻيءَ نالو ڊاڪٽر عبدالڪريم ولد محمد صالح سومرو آهي، پاڻ 15 آگسٽ1955ع تي سکر ۾ ڄائو.

ادل سومري 1977ع ۾ ايم. اي اڪنامڪس ۾ ۽ 1979ع ۾ ايم. اي سنڌي فرسٽ ڪلاس فرسٽ ۾ ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيو ۽ 1981ع کان درس و تدريس جا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي. پاڻ ٻاراڻي ادب جي حوالي سان تمام گهڻو لکيو اٿس. سندس هيل تائين تيرهن کن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن . جن ۾ ست ڪتاب شاعريءَ جا ۽ ڇهہ نثر جا آهن. انهن مان ڪجهہ هن ريت آهن:

”روز تڙن رابيل “ هي سندس شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي، جيڪو اڄ کان 35 سال اڳ ڇپيو، جڏهن سندس ڄمار 22 سال هئي. ان کان علاه ٻيا نظم جا ڪتاب اٿس:

”چنڊ پشم گولو“، ”پتلين جو تماشو“، ”وليون وڻن ڦلاريا“، ”پوپٽ جهڙا گيت “، ”سمنڊ جاڳي ٿو “، ”وساري نہ ڇڏجو “، ”مٽيءَ جا رانديڪا“.

ادل سومري جا نثري ڪتاب هن ريت آهن:

"آچر جا احوال"، "جيتن جي ڪانفرنس"، "اسين مسافر پيار جا".
پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس طرفان ادل سومري جو اڙدو ۾ لکيل، ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي لکيل ڪتاب "شخصيت اور فن" پڻ گذريل سال ڇپجي چڪو آهي.

ادل سومرو مختلف علمي ۽ ادبي ادارن ۽ تنظيمن سان پڻ لاڳاپيل رهيو آهي. پاڻ سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل پڻ رهي چڪو آهي. سندس ادبي خدمتن جي عيوض ڪيس ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن. سندس گيت ٽي وي ۽ ريڊيو تان مختلف فنڪارن جي واتان اڪثر ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

شاهه عبداللطيف يونيورسٽيءَ جو ٻئي هڪ ٻيو شاعر، پروفيسر اياز علي دل صاحب آهي جيڪو پنهنجي ادبي خدمتن ڪري پنهنجي ادبي نالي 'اياز گل' سان هند ـ سنڌ ۾ مشهور آهي. اياز گل 6 مارچ 1959ع ۾ سکر ۾ ڄائو. 1980ع ۾ سنڌي ۾ ايم. اي ڪيائين، جنهن ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن کڻي گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. ان کان علاوه هن ايم . اي انٽرنيشنل رليشنز ۾ ۽ ايل . ايل. بي پڻ ڪئي آهي.

اياز گل جيتوڻيڪ شاعريءَ جي سڀني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر غزل سندس پسنديده صنف آهي. پاڻ خاص ڪري غزل جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ زبردست موسيقيت آهي ۽ سندس ڪيترائي غزل ريڊيو ۽ ٽي وي تان ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. هڪ ٻه ته هن وقت به ياد اچي رهيا آهن، جهڙوڪ 'تو بن ڪهڙا ڇانورا' جيڪو اڄ کان 20 سال کن اڳ بلقيس خانم کان هڪ فنڪشن ۾ ۽ پوءِ ريڊيو پاڪستان تان ٻڌوسين. يا "ڏسي ڪائي نه موسم نه ڪوئي پهر، محبت به منڻا ڪري ٿي قهر." عابده پروين ڳايو آهي. اهڙيءَ طرح اياز گل جو هڪ غزل "تو تائين پهتا ، منهنجي نيڻن جا، سارا ٿڪ لهي ويا،" بيدل مسرور به ڳايو آهي ته سرمد سنڌيءَ به. يعني ساڳيو غزل هڪ کان وڌيڪ ڳائڻن ڳايو آهي. سندس هڪ گيت ته هر ننڍي وڏي جي زبان تي هوندو آهي، جنهن جا ٻول آهن "توکان ٽيندي ڏار، لڙڪ لڙي پيا لار ڪري،" ريڊيو پاڪستان وارن ٻڌايو ته

**اياز گل جو هي گيت جيڪو پهرين مشهور راڳي ص ادق فقير ڳايو. ان بعد ٻين به پنڌرنهن آرٽسٽن ريڊيو ۽ ٽي وي تان ڳايو آهي.**

**اياز گل جا ست اٺ شاعريءَ جا مجموعا ڇپجي چڪا آهن. جن مان ڪجهه هن ريت آهن:**

**"سوچن سرها گل"... هي ڪتاب 1978ع ۾ ڇپيو. جڏهن اياز گل اوڻويهن سالن جو هو.**

**"گل ۽ تارا"، "پيلا گل پلاند" ۾ "توبن ڪهڙا چانور" ۽ "اڪ جي پڇاڻي"**

**اياز گل کي تقريباً هر ڪتاب تي ڪونه ڪو ايوارڊ ضرور مليو آهي. سندس پکين بابت لکيل شعرن مان ڪجهه هن ريت آهن:**

**اڏين هنِ لڙڪن لارُون پيارا!**
**اُپَ تي ڪُونجَ قطارون پيارا!**

**جڳ ٻل ته ڪري بندوق سڌي،**
**پاڻ ڳيرا ٿا اُڏايون جاني!**

**درد اڏين ٿا ڳولِن مون کي،**
**مارِي جڻ ٿا ڳيرا ڳولِن.**

**اڏين لُڙڪَ، جيئن ڏِنڊِ ۾،**
**ٻه هَنج تريا آهن.**

**موٽ مورَ ڙي، مري نه پٽي،**
**ڊوڙي ڊوڙي ڊيلَ**
**برکا رُت جي بانوري!**

**ڪويل! پنهنجي "ڪُوڪُوءَ" ۾، تون جهيڻو جهيڻو ڳاءِ!**
**مسين ته دِل جو درد ستو آ، تنهن کي ڪينَ جڳاءِ!**

## ڪنهن سان ته اٽِس ملٽو

پاڻ سکر جي ٻن شاعرن ادل سومرو ۽ اياز گل جي شاعريءَ جي ڳالهه ڪري رهيا هئاسين، جن جو تعلق درس تدريس سان آهي. سندن ئي شهر جو هڪ نوجوان شاعر عبداللطيف انصاري آهي، جنهن جو واسطو پڻ تعليم سان آهي.

عبداللطيف ولد عبدالرحيم انصاري 20 سيپٽمبر 1978ع تي سکر ۾ جنم ورتو. پاڻ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ايم . اي سنڌي ادب ۾ ڪرڻ بعد سکر جي هڪ ڪاليج "گورنمينٽ اسلاميه آرٽس اينڊ ڪامرس ڪاليج" ۾ ليڪچرار آهن ، پر ڪين ويب سائيٽون ٺاهڻ جي حوالي سان وڏيڪ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. سندن سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽي سکر جي ويب سائيٽ http://www.sascitysukkur.com سنڌي ادب جي حوالي سان نهايت اهم ويب سائيٽ آهي. سندس ڪجهه هائيڪو ۽ ٽه سٽا جن ۾ پکين جو ذڪر آهي، هن ريت آهن:

ڪونج نه رهي ڪائي
سارا مور مري ويا
رات جڏهن آئي.

آڙي اُڏاڻي
بندوق جي ٺڪاوَ تي
ڏکي مهاڻي.

ٻولي پئي ڪٽڇي،
بارودي بدبوءِ ۾،
ڪوئي نه رهيو پڇڻي.

اڇو سارو ڪنگ،
اندر ڪاري ڪانگ جيان،
عجب قدرتَ رنگُ.

ڪنول ڪوماڻا،
پرديسي پکيڙا،
جڏهن اڏاڻا.

ڪک پن آکيرو،
واءُ، مينهن ۾ گجگوڙ،
ويڳاڻو ڳيرو.

ڏينهن لٿو ٿِي سانجهي،
پکي آکيري ويا،
موٽيا ڪونہ مانجهي.

اُڀ ۾ چنڊ چڪور،
ڦيرا پائيندي ڏسي،
ڪِلي وينو مورُ.

شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور سان واسطو رکندڙ شاعرن ادل سومرو، اياز گل ۽ عبداللطيف انصاري ءَ جا مٿيان شعر لکڻ بعد سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌي ڊپارٽمينٽ جي پروفيسرن سحر امداد ۽ انور فگارکي فون ڪري ان قسم جي شاعريءَ لاءِ پڇيم.

عورتن جي برٿ ڊيٽ ضرور لکجي، پر سال جو پتو نہ ڏجي. پر سحر امداد (اصل نالو سحر نگار ڌيءَ صلاح الدين بلوچ) هن عمر ۾ بہ سهڻي ۽ سدا جوان لڳي ٿي، ان ڪري ان اصول کي في الحال ڇڏي ، سندس ڄمر جي تاريخ 20 جولاءِ 1951ع لکون ٿا. هونءَ بہ ايندڙ سال

هو 60 ورهين جي ٿيڻ تي اجھو ٿي سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائرمينٽ حاصل ڪري. پاڻ حيدرآباد ۾ ڇائي ، سنڌ يونيورسٽي مان سنڌي ۾ ايم اي ڪرڻ بعد اتي ئي درس و تدريس جو ڪم شروع ڪيائين ۽ اڄ ڪلهه سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر آهي. سنڌ جي ناميارِي شاعر امداد حسيني ءَ سان شادي ڪرڻ بعد هوءَ "سحر امداد" سڏجي ٿي، جيڪو سندس ادبي نالو پڻ آهي.

سحر سورهن سالن جي هئي تہ لکڻ شروع ڪيائين. هن ڪيترائي شعر، ڪهاڻيون، مضمون، مقالا، ڪالم ۽ ريڊيو لاءِ گيتن ڀريون ڪهاڻيون لکيون آهن. سندس ڪيترائي گيت مختلف فنڪارن کان ريڊيو ۽ ٽي وي تان ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، جيئن تہ:

چاهہ اسان جو چانڊوڪي جيئن،
چمڪيو آ چوڏار، چمڪيو آ چوڏار،
آ تہ هلون هن پار.

سحر جو اهو مٿيون گيت عابده پروين ڳايو آهي. سندس هڪ ٻيو مشهور گيت آهي:

زندگي آهي سفر اي همسفر،
زندگي سان پيار ڪر، اي بي خبر!

يا هڪ دوگانو جيڪو عابده پروين ۽ رجب علي ڳايو آهي، هن ريت آهي:

ويل ويَل جي واڳ ورائي
آڻيون اهڙي رات،
الو ميان، آڻيون اهڙي رات
جنهن جي سهڻي سانجهہ هجي،
۽ رنگ رتي پرڀات الو ميان...

سحر امداد جا ٻہ ڪتاب تمام مشهور آهن، جن تي هن کي ايوارڊ بہ ملي چڪا آهن. اهي آهن:

- چوڏهين چنڊ آڪاس (شاعري)
- شعور، شاعر ۽ شاعري. (اپياس)

پروفيسر سحر امداد کي 2009ع جو صدارتي ايوارڊ به ملي چڪو آهي. سندس ڪجهه شعر جن ۾ پکين جو ذڪر آهي، هن ريت آهن:

وڻني اڏايم ڪانگ الا،
سهسين ڪيڙيم سانگ سانول،
سڏڪي سڏڪي سارِيان،
ڍولڻ آ وري.

سحر جو مٺيون گيت اڪثر ريڊيو تان ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

اهڙيءَ طرح امداد حسيني جو هي گيت جيڪو شادين جي موقعي تي ڳايو ويجي ٿو، پڻ ريڊيو تان عام ٻڌجي ٿو:

هٿن پيرن تي ميندي لائي
ڪونج ڳچيءَ ۾ ڌُهري پائي
ڪنڌون ڪير پيئين شل
جيڏل شال جُڙي رهين.

منهنجي خيال ۾ هتي امداد جا پکين جي ذڪر وارا ڪجهه شعر ڏيڻ بي محل نه ٿيندو.

مٺر مٺر ڪو گيت لڳي ٿو
تارو تارو ميت لڳي ٿو
ڪونج پئي ڪَرلائي
ها، آ ته ٻُڌون ڳن لائي!

پار پُرڻ لئه. تار تري، انءَ جيئن تري ڪو هنج
ساهڙ واهڙ ٿو وهي،
سڪ جو سيني منجهه!

هيءَ چوڏهين اڌ رات

ڪنن ۾ وئي رس اوتي
ٽٽيهر جي لات.

اُتا ملير مٿان مينهن، ٻول ٻاٻيها
پلر پِئي تہ جِئڻ ملڪ مرڪندي ماڻين.

ڇنن ڇنن ڇُلي ڇُلي ڇولي وئي
الا ڇولي وئي

تاڙي جي تاڙ ڪندي ٻولي وئي
الا ٻولي وئي

گھوريان توتان نوٽ پرين
گھر هليا گھوٽ پرين
مند ڪاڏي موٽ پرين.

امداد حسيني (سڄو نالو: سيد امداد علي شاهہ ولد سيد فضل محمد شاهہ) حيدرآباد ضلعي جي ٽکڙ شهر ۾ 1941ع ۾ ڄائو. سندس ادبي نالو امداد حسيني/ سانول آهي. پاڻ موجوده دؤر جو سرموڙ سنڌي شاعر آهي. ايم. اي سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائين. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري ۽ سماهي مهراڻ رسالي جو ايڊيٽر ٿي رهيو آهي. امداد تمام سٺي شاعري ڪئي آهي ۽ نوجوان ٽهيءَ جو هميشہ هيرو رهيو آهي. اسان بہ جوانيءَ جي ڏينهن ۾ "سهڻي" ۽ "روح رهاڻ" رسالي ۾ امداد جا شعر ڳوليندا وتندا هئاسين. جهاز تي بہ جيڪي چند ڪتاب کڻڻ جي اجازت هوندي هئي (جو ڪمرو ننڍو هوندو هو) انهن ۾ امداد جي شعرن جو مجموعو "امداد آهي رول" ضرور هوندو هو. هي ڪتاب 1976ع ۾ ڇپيو هو. امداد جي شاعري جو هڪ ٻيو ڪتاب "هوا جي سامهون" پڻ آهي.

سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ جتي سحر امداد پروفيسر آهي، اتي اسان جي سنڌ جو هڪ ٻيو شاعر ۽ اديب پروفيسر

انور فگار هَڪڙو بہ آهي. بقول هن ڊپارٽمينٽ جي چيئرپرسن ڊاڪٽر نور افروز خواجہ جي، ڊاڪٽر انور فگار هڪ ذهين، مانيٽو ۽ سنڌ ۾ گهڻو ڄاتل سڃاتل اديب ۽ شاعر آهي. هو هر وقت لکڻ، پڙهڻ سان واسطو رکندڙ آهي.

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙي جو جنم شڪارپور ۾ 1961ع ۾ ٿيو، جتي جي مشهور ڪاليج سي اينڊ ايس (چيلا سنگهہ اينڊ سيتلداس) ڪاليج مان انٽر ڪرڻ بعد بي. اي ۽ ايم. اي (سنڌي) جو امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. انور فگار پي . ايچ . ڊي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان ڪئي ، ان بعد پنهنجي اباڻي پورهئي يعني درس و تدريس جو ڪم سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شروع ڪيائين. انور فگار جو والد صاحب مرحوم محمد صديق شڪارپور ۾ استاد هو. انور فگار جي خاندان ۾ پڙهڻ پڙهائڻ جو سلسلو پنجن پيڙهين کان هلندو اچي. سندس ڏاڏو عبدالرحمان صاحب سنڌي کان علاوه فارسيءَ ۽ انگريزيءَ جو بہ ڄاڻو ۽ ليکڪ هو.

انور فگارهَڪڙو صاحب ٿوري عرصي ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ۽ ترتيب ڏنا آهن، اهي هن ريت آهن:

"سمنڊ سمايو بوند ۾ "، "سون برابر سڳڙا "، "جي تند برابر توريان"، "جنم جنم جيت اياز"، "پَٽ جيون ڳنڍيون"، "ريشم ويڙها"، سنڌي ٻوليءَ بابت مضمون.

ڊاڪٽر انور فگار شڪارپور تي ڪيترائي مقالا لکيا آهن. جيئن تہ شڪارپور جون ادبي انجمنون ۽ اشاعت گهر. شڪارپور جا ڦيرواڻي پائر، شڪارپور جون ناٽڪ منڊليون، شڪارپور جو تاريخي پس منظر، شڪارپور ۾ سنڌي ڪهاڻي ءَ جي اوسر وغيره. بهرحال هتي سندس ڪجهہ اهڙا شعر ڏئي رهيا آهيون، جن ۾ پکين جو ذڪر اچي ٿو.

چو ٿو ڪرين ڪلور
مارين ٿو ماري پيو
ڄاڻيي منجهہ تلور.

ڪيئن ماريءَ آهي تاڙي
تي ڄاڻ وجي ڦاسي
اڏري نہ جي هيءَ آڙي

ڪيڏو تہ وڻي ٿو مون
اڄ قرب تہ ڪر پيارا
ڇيهو تہ جهلي ڏي تون.

تي ڪانگ اڏائي پئي
ڪنهن سان تہ اٿس ملڻو
هوءَ سانگ سجائي پئي.

هي ڪاٺ ڪٽيو آهي
رنگين ڪنين وارو
سيني ڪان سٽو آهي.

هي چانهہ پکي آهي
ڄڻ ڪاٺَ ڪُٽي جي هوءَ
سُهڻِي ڪا سَکي آهي.

آ سونهن ۾ سڀ ڪان زور
منڙو ٿو وجهي موهي
ڪيڏو تہ آهي سهڻو مور.

## پکي ۽ اسان جا شاعر

**پاڻ سنڌي شاعريءَ ۾ پکين جو احوال ڪري رهيا هئاسين. سنڌ جي مشهور ادبي رسالي 'سوجهرو' جي ايڊيٽر تاج بلوچ پکين بابت شعوري يا لاشعوري هڪ موضوع طور تي ڪجهه نه لکڻ جيترو لکيو آهي، پر هيٺ هن جا ڪجهه شعر ڏجن ٿا ، جن ۾ فراق جو درد آهي ۽ تشبيح طور تي پکين جو ذڪر آيل آهي. ڪونج تاج بلوچ جي شاعريءَ ۾ حجر فراق ۽ وڇوڙي جي استعاري طور ملي ٿي:**

**اڄ ڪٿي ڪونج آهي ڪُرلايو،**
**مون کي پيي ڪنهن جي ياد تڙپايو.**

**منهنجي دل جو پکي ڇو تڙپي ٿو،**
**ڇا ڪٿي ڪونج ڪا رڙي آهي؟**

**جيئن پکي ڍنڍ تي سهڙيا هوندا،**
**رنگ پاڻيءَ ۾ ڪڙي پيا هوندا.**

**ائين ڏرتي تي درد تڙپائي،**
**جيئن افق تي ٿي ڪونج ڪُرلائي.**

**ڪو ڇهين جُون تي ويو وڇڙي،**
**وهُ وڇوڙي هيانءُ کي کائي.**

تاج بلوچ (**پورو نالو: تاج محمد ولد نوراحمد جتوئي بلوچ**) 25 **مئي 1942ع تي پنوعاقل تعلقي ۾ جنم ورتو. پاڻ مشهور صحافي،**

شاعر ۽ اديب آهي. پاڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان صحافت ۾ ماسٽرس ڊگري حاصل ڪيائين. هو گذريل 13 سالن کان مشهور ادبي رسالو سوجهرو ڪڍي رهيو آهي. تاج بلوچ وٽ شعر جو اندازِ بيان ۽ لهجو نرالو آهي، جنهن تي ڪنهن بہ شاعر جو اثر حاوي ٿي نہ سگهيو آهي. پاڻ غزل، نظم ۽ قطعن جو خوبصورت ڪوي آهي، ان کان علاوه هو سنو ڪهاڻيڪار ۽ نقاد پڻ آهي. ادبي خدمتن جي سلسلي ۾ ڪيس ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن. هيل تائين هن جا چار شعري مجموعا ڇپجي چڪا آهن.

- درد جو صحرا،
- خوشبو جو زهر،
- لفظن جو ماتم،
- دل جزيرو اداس سپنن جو.

انهن ڪتابن کان علاوه شاعريءَ جو هڪ مجموعو “ڇڇريون ڇڇريون خواب” اڄڪلهہ ڇپائيءَ هيٺ اٿس.

ويجهڙائيءَ ۾ ڪراچيءَ ۾ منهنجي ملاقات ٿر جي هڪ شاعر پروفيسر محمد هنگورجو سان ٿي. پاڻ تعليم جهڙي مقدس ۽ قومن جي زندگي ۾ بنيادي تعميري حيثيت رکندڙ شعبي سان لاڳاپيل آهي. هن لائق استاد ۽ اديب جو ٿر سان ايترو تہ پيار آهي، جو سندس ڪلام ۾ بہ ٿر جون يادگيريون سمايل آهن. پروفيسر محمد هنگورجو (تخلص ملازم ٿري) 1946ع ۾ مٺي ءَ جي هڪ ڳوٺ ڍنڍي هنگورجا ۾ ڄائو. بنيادي تعليم مٺيءَ مان وٺڻ بعد هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم . اي ڪئي. پاڻ زندگيءَ جو وڏو حصو تعليم سان ئي وابستہ رهيو آهي. بہ سال کن اڳ سندس شاعريءَ جو مجموعو “ڪيرون ڪاهوڙين جون” ڇپيو آهي. نموني خاطر سندس ڪجهہ شعر هتي ڏجن ٿا:

اڇن اتر پار کان پکهہ ڪري پرواز،
تلورون تڙن تي انوکي انداز،
همہ گڏ همراز، پائر جي پٽن ۾.

محمد هنگورجو (ملازم ٽري) مٽئين بيت ۾ تلورن (Houbara Bustard) جو ذڪر ڪيو آهي. بيت جي آخري سٽ شايد ڪيترن کي سمجهه ۾ نہ اچي. مون بہ هي سٽون لکڻ مهل ڪيس مٺيءَ فون ڪري پڇيو. پاڻ ٻڌايائين تہ پائر ٽر جي ڏکڻ اوير واري حصي کي سڏ جي ٿو. جتي ميلن ۾ ڏرتي Flat آهي ۽ ڪٿي ڪٿي تلاءَ بہ ٺهيو وڃن، جن تي هي پکي لهن ٿا. ڪن جو چوڻ آهي تہ مارئي جو ڳوٺ عمرڪوٽ پرسان نہ، پر هن پائر واري علائقي ۾ هو. ملازم ٽريءَ جا ڪجهہ پيا خوبصورت بيت هن ريت آهن:

پائر جي پٽن ۾ تلورون تمام
پرديسان پيهي ڪن، سنڌڙي کي سلام
حُسن هاديءَ ڏنو تن ازل کان انعام
عجب اکيون ان جون گلابي گلفام
مارڻ واري مام، پوءِ بہ مارين ۾.

پوءِ بہ مارن من ۾ سندو سونهن شڪار
هلن پيا هر وار، ڪاهيو ڪڍ انهن جي.

۽ هي هيٺيون شعر پرديسي پکي چيڪلو (Teal) تي آهي. چيڪلو هڪ هوشيار پکي ٿئي ٿو. شاعر ملازم ٽري چوي ٿو:

چيڪلا چالاڪ، ڪٿان آئين اڏري
رک اهيرين اڍڪو، وتن تنهنجي تاڪ
آئين جو ادراڪ، نہ آهي ڪوان کي.

نہ آهي ڪوان کي، آئين جو احساس
معصومن جو ماس، ڪپي نت ڪرين کي.

ڪپي نت ڪرين کي، روزانو رت چاڙ
بازن بندوقن سان، رکن ڄاڙ سڄاڙ

ايائُن امانڳ مور نہ ڄاڻن موڳڙا.

سنڌ جي تاريخ ساز شخصيت ۽ قومي شاعر محمد خان ”مجيدي“ جي هڪ نظم جو بند آهي:

ويڙهيچن جي وچ ۾ ويهي
ڪارونجهر سان قول ڪريون ڪي
ٻاٻيهن سان ٻول ڪريون ڪي.

اِهي تہ پٻ جا پهاڙ اوري
پنهل جا پيرا اڃان بہ اڳتي
اهي پکي سپ سکيا ستاٻا
غريب ڳيرا اڃان بہ اڳتي.

گلابي گلن جو وني واس جا،
اسان وٽ نہ اهڙي ڪا بلبل ادا.

محمد خان ”مجيدي“ ولد قيصر خان جتوئي 5 جنوري 1918ع تي ٺٽي ضلعي جي جهوڪ شريف ۾ ڄائو. پاڻ هڪ بيحد ذهين شاگرد هو. 1934ع ۾ پرائمري ماستر مقرر ٿيو ۽ مختلف اسڪولن ۾ رهندي 1976ع ۾ هيڊ ماستر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. مجيدي صاحب رٽائر ٿيڻ بعد سمورو وقت سنڌي شاعريءَ کي ڏنو. سندس قومي شاعري زرينہ بلوچ، سرمد سنڌيءَ ۽ ٻين ڪيترن فنڪارن ڳائي آهي. مجيديءَ جا شاعريءَ جا بہ ڪتاب تمام مشهور آهن.

- سنڌڙي ۽ ان جو قومون،
- مٽي منهنجي مٽي آهي.

محمد خان مجيدي کي بہ نياڻيون ۽ هڪ پٽ آهي. سندس ٻيو نمبر ڌيءَ مريم مجيدي مشهور شاعره ۽ غزل جي راڻي سڏجي ٿي. هتي ڪجهہ مريم مجيديءَ جي شاعري پڻ ڏجي ٿي.

ڪاتاري آ ڪونج وري ڪا

راتِ پهاڙن ۾ هئي پٽ.

سڄڻ جي سار
ڪونجون لٿيون روهہ تان
ڪري چاڻ قطار.

ڪيڏي نہ ڪڻ ڪڻ مان سڄي ٿي، ڪوڪ
ڪوئل جي مٺي
جڻ ڪا ڪويتا سازسان آهي ڳتل رت سانوڻي.

راتو ڏينهان ڪوئل ڪوڪي
ڪير ٻڌي ٿو سڪ جي ٻاڻي.

او مور جهڙا مور پرين
ڪين ڪسا ڪر قول پرين.

آخر ۾ ڪجهه مختلف سنڌي شاعرن جا شعر
دريا خان صوفيءَ جي هڪ ڪافي جا ٻول آهن:

آءُ ڪانگ ڪر ڳالهہ مون کي تن ماروئڙن جي
ماروئڙن جي، سانگيئڙن جي.

فتاح ملڪ جي هڪ نظم جو بند آهي تہ:

جڏهن ڪونج ڪرڪي قطارون پچي ٿي
تڏهن ياد تنهنجي پراهان پچي ٿي.

ذوالفقار راشدي جي نظم جو هڪ بند ه ي تہ:

چڻ پڻ ڪان چپ جهرڪين ڪئي آ،
ڪوماڻيل سپ ڪانگ هيءُ ڪهڙو آ پرهہ،
پيارا، ڏنگي ويس جڻ نانگ.

سيد اڪبر شاهه جو هڪ بيت آهي:

ڪرڪي ڪائي ڪونج، اڳڻ مٿان اوچتي
سڻي سائي گونج، رڙسان روح رڙي پيو.

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو هڪ شعر:

پکين وانگي آءُ اڏامان،
مولا مون کي اهڙا پرڙا ڏي.

ساپيان سانگي (سچو نالو ساجده خدابخش "ساپيان" سانگي) جو هڪ شعر آهي:

جيئن ٽر ٻاٻيهو سِڪي آگم ڪاڻ،
اسان ائين هاڻ، سڪون تولئه ساپيان!

سائين طالب المولىٰ (مخدوم محمد زمان) جو هڪ بيت آهي:

ڪونجن ڪرڪي ڪالهه مون کي رت رئاڙيو
روئندي روئندي روئندي، هينڻان ٽيم حال
هو ٻيهر وجي ٻچن سان، ڪنديون واهه وسال
آئون پاڙي رهان پرينءَ جي، ته به جر وهايان جال،
طالب موليٰ طلب ۾، سڪندي وريا سال
ڪيم گڏ فراق، جا ميڙي چونڊي مال
عجائب احوال، آهن منهنجي عشق جا.

شيخ اياز جي نظم جا بند آهن:

ڪونجن جي ڪٺڪار ڪچي ۾
هئه هئه جيءُ جهٻي پيو آهي
اڄ جو ڪو ڪرلاهو ڪونهي
منهنجو هيانؤ هڇي پيو آهي.
ڪيڏي آ هٻڪار هوا ۾
توري سوَ پرمار هوا ۾

**ڪوئل ڪوڪ ڪتاريءَ وانگر**
**اپري آ پيهار هوا ۾.**

**شيخ اياز جي هڪ مشهور وائي آهي:**

**ڪيڙو ڪيڙو ڪوهه ڪرين،**
**چا ٿو سارين ڪارڙا**

**۽ هڪ نظم جو بند آهي:**

**ڪونج ڪرڪي پئي ڪا اتر پار جي**
**ياد آئي اسان ڪي وري يار جي**

**۽ سندن هڪ نثراڻو نظم آهي:**

**ڪونجڙيون پيون ڪرڪن،**
**تو جيان انهن جو پيي،**
**دور جو سفر آهي**
**رات ڄامشوري جي**
**بيشمار تارن سان**
**تنهنجي منتظر آهي.**

**شيخ اياز جو هڪ ٻيو نثراڻو نظم هن ريت آهي:**

**ڪانوَ پنهنجا ڪانگيرا**
**چو چڏي اڏاڻا ها**
**نيرڙي ٽپهريءَ ۾؟**
**ڪيتري نہ ڪان ڪان هئي**
**جا ٻڌي وئي آهي،**
**سانت گهريءَ ۾.**

**شيخ اياز جا پکين بابت ڪجهہ ٻيا شعر هن ريت آهن:**

**جهونجهڪڙي ۾ ڪارو ڪٽڇي!**
**منهنجو من،**

**جيون بَن:**
**اڏري اڏري پوندو ٽڪجي**
**تنها تن**
**منهنجو من...**

**جهونجهڪڙي ۾ ڪارو ڪٽڇي!**
**سانجهي، سانت، اُتر جي واءُ،**
**ڪونج افق ۾ ڳَرڪي، آءُ!**
**تون ٻڻجي پڙلاءُ.**

**اڏري آڌيءَ رات**
**ڪونجون ڪرڪن روه تي**
**جڳ نهوڙيو ننڊ ۾ تن ڪي پنهنجي تات،**
**اڏري آڌيءَ رات.**

**آهي ڪهڙي ماڳ جي وائي ولر ـ وات،**
**اڏري آڌيءَ رات.**

**شيخ اياز جا ڪجهه هائيڪا:**

**هاڻ گونجون**
**ٽوليون ٿي اڏري ويون**
**ڳَرڪي سپ ڪونجون.**

**ڪيستائين هي قطارون**
**ايتريون آهن اَچوتيون**
**ڪونج! اج تنهنجون اُڏارون!**

**اُڊيءَ اک تاڙيون**
**ناليءَ مان بندوق جي**

منجهر تي آڙيون.

وڻن تي ويهي
پنڇي اُڏريا ڪيترا
ڏيهي پرڏيهي.

ميان ڪهڙي ڪام سان
وابستگي هن جي هئي
اڏريو پکي لام تان.

پاڻيءَ تان رتونبو
اڏريو جڻ آڪاس ۾
ڪؤتا جو سپنو.

هو جو رتونبو
جڻ ڪوئي اڏري پيو
شاعر جو سپنو.

چپ ۾ چگهه پکي
ٻولي پيو جهنگ ۾
ڪوئي گهگهه پکي!

۽ آخر ۾ تاجل بيوس جي شاعري:

ويا هنج اڏري سويرو سَرن تان
ڪيا ڏار قسمت ڪٽا اڄ ڪٽن ڪان
ڏئي سِر ڏٻين کي اياٽا وڃن ٿا.

اڇن ماڳ موتي اويرا سويرا
ڪنڪ ڪونجڙين جا تتر باز ڳيرا

**بکن ۾ بيوس سدا خوش رهن ٿا.**

**ڪونجڙين جون ڪيچ ڏي آڏي اڏارن لک لهن**
**ٿر مٿي ٽڏڪار ۾ بوندون بهارون لک لهن.**

**گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ گهائي ويئي**
**ڪوئل بن ۾ ڳائي ويئي.**

**تاڙيءَ تي ڪبوتر کي اڏاري نہ سگهياسين**
**اي دوست اسان توکي بہ وساري نہ سگهياسين.**

**تاجل بيوس جون ٻيون مشهور وايون آهن:**

**جيئن ٿا ڪانگ لون، تيئن ٿا پور پوَن.**

**ڪونجون ڪيچ وڃن تي، ڪرڪن سانوڻ ۾.**

تاجل بيوس (**سچو نالو: تاج محمد ولد محمد جعفر سمون**) 22 **سيپٽمبر** 1938**ع تي صوبي ديري (خيرپور ميرس) جي هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو. پاڻ سنڌ جو سدا بهار شاعر مڃيو وڃي ٿو. شيخ اياز ۽ استاد بخاري بعد تاجل بيوس سڀ ۾ گهڻو ڳايو وڃي ٿو. يعني ، تاجل جي همعصرن جي جڏهن ڳالهہ ڪجي ٿي.**

**تاجل بيوس ٻونيٽ پور جي پرائمري اسڪول ۾ اڃان ٻيو درجو پڙهندو هو تہ سندس والد** 1946**ع ۾ گذاري ويو. پيءُ جي لاڏاڻي بعد پڙهڻ ڇڏي ڪلهي تي پاڻ ڪان وڏي لٺ کڻي ، مينهن جو ڌنار بڻيو. ٽن سالن جي ڌنارپ ڪان پوءِ** 1949**ع ۾ وري پڙهڻ شروع ڪيائين. آخر ايم. اي ايڪنامڪس جي ڊگري حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جو آغاز سيڪنڊري استاد جي حيثيت سان ڪري ائين ۽ سيڪريٽري ءَ عهدي تائين پهتو.** 1998**ع ۾ رٽائر ٿيڻ وقت چيف/ رجسٽرار آف ڪمپنيز جي عهدي تي هو.**

تاجل بيوس جي سنڌي ڪلام جو پهريون مجموعو "جڏهن پوڻ ۽ ٻڏي" 1982ع ۾ شايع ٿيو. ان بعد سندس شاعريءَ جا هيٺيان ڪتاب ڇپيا:

- سرجيندڙ ساٽيھ جا.
- سنڌ منهنجي امان.
- ڪنڌيءَ ڪؤنر ترن.
- ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريا.
- صحرا ستر جن.
- تنهنجا نيڻ غزل
- وڏا وڻ وڻڪار جا.
- ڏوريان ڏوريان مَ لهان
- انبن جهليو ٻور
- ڪاڇي مٿان ڪونج
- انداز بيان اور.. (اڙدوءَ ۾) وغيره.

تاجل جو لکيل گيت "سنڌ منهنجي امان، سونهن تنهنجي مٿان، ڇا لکي ڇا لکان..." جتي بہ سنڌي رهن ٿا، ان کي وڏي شوق سان ٻڌن ٿا. انڊيا جا سنڌي تہ تاجل جي ان گيت کي قومي تراني جو درجو ڏين ٿا. تاجل بيوس 70 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. کيس سندس وصيت موجب چوڪنڊيءَ جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

تاجل بيوس هر عنوان تي تمام گهڻو لکيو آهي. پکين تي بہ هن جا ڪيترائي شعر آهن. سندس وفات کان مهينو کن اڳ منهنجو سندس گهر وڃڻ ٿيو تہ هن مون کي ويجهڙائي ۾ ڇپيل سندس پنج ڪتاب ڏنا، جن مان ٽي "ڏک سکن جي سونهن" عنوان سان سندس آتم ڪهاڻي جا ٽي واليوم آهن. هڪ هندستان جو سفرنامو ۽ هڪ شاعريءَ جو ڪتاب جنهن جو نالو ئي آهي "پکي پار جا" هن ڪتاب مان تاجل بيوس جا ڪجھ شعر هتي ڏجن ٿا:

ٻاٻيهو ٻولي
پرھ ڦٽيءَ جو پرين جا

خطڙا ٿو کولي.

ڪونجون ٿيون ڪرڪن
داٽي، پاٽيءَ ڪارڻ ڏس
ڪيڏو ٿيون تڙپَن!

پنڇي ٿا ٻولين
هيري، لچمڻ ڪومل جا
خطڙا ٿا کولين.

ڪانگل ٻولي ويو
جيوت، ٺاڪر، موتيءَ جا
خطڙا کولي ويو

ڪونجون ٿيون ڪَرڪن
شايد اڄ ٿر واسين تي
بادل ٿا برسن

ٻاٻيهن ٻوليون
نغما ننگر واسين جا
مورا ۽ لوليون

ڪونجون ڪَرڪن ٿيون
مَسَ وري مُهراٽي جون
مارون مُرڪن ٿيون

ڪُرلائن ڪونجون
آءُ تہ چونڊيون ڏهرن مان
پلڙا ۽ پُسيون.

برسن ٿيون ٻُوندون
شال ڪٽان ڪارونجهر تي
ڪُرلائن ڪونجون

هنج ڪُهنگ هِن پارِ
ڄارڻ ڊگوش مُنهن ڪڍيو
ٻاهہ وساڻل ٻار

ٻيڙو ۽ ٻوهاڙ آهي
ڪهنگن ڪُونجن جي
پاڻيءَ اندر پاڙ

ڪانيرن قطارون
ٽُور هنجر ۽ ٽوٻارا چيهہَ
ڦِرن چوڌار.

نيرڳ ۽ نردور
نيڙيءَ جي نير مٿي
هنج ٻہ زوران زور